# كنز العرفان

## مع حاشيہ افهام القرآن

(سنڌي ترجمو)

# سُوْرَةُ الْبَقَرَة

از: شيخ الحديث والتفسير مفتي محمد قاسم عطاري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

پيشڪش: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

سُورَةُ الْفَاتِحَةِ مَكِّيَّةٌ ٥ | بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ | اٰيَاتُهَا ٧ رُكُوعُهَا ١

الله جي نالي سان شروع جيڪو نهايت مهربان رحمت وارو آهي

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١﴾ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ﴿٢﴾ مٰلِكِ يَوْمِ

سڀ تعريفون الله جي لاءِ آهن جيڪو سڄي جهان وارن جو پالڻهار آهي○ نهايت مهربان رحمت وارو○ جزا جي ڏينهن

الدِّيْنِ ﴿٣﴾ اِيَّاكَ نَعْبُدُ وَاِيَّاكَ نَسْتَعِيْنُ ﴿٤﴾ اِهْدِنَا الصِّرَاطَ

جو مالڪ○ اسان تنهنجي ئي عبادت ڪريون ٿا ۽ تو کان ئي مدد گهرون ٿا(1)○ اسان کي سڌي رستي(2)

الْمُسْتَقِيْمَ ﴿٥﴾ صِرَاطَ الَّذِيْنَ اَنْعَمْتَ عَلَيْهِمْ ۙ۬ غَيْرِ الْمَغْضُوْبِ عَلَيْهِمْ

تي هلاءِ○ انهن ماڻهن جو رستو جن تي تو احسان ڪيو○ نه انهن جو رستو جن تي غضب ٿيو

وَلَا الضَّآلِّيْنَ ﴿٧﴾ ع

۽ نه گمراهن جو(3)○

حاشيه 1...حقيقي مددگار الله تعاليٰ ئي آهي جو ته اهو ذاتي طور تي قادر، مستقل مالڪ ۽ غني بي نياز آهي جڏهن ته الله تعالٰي جا مقبول ٻانها اُن جي عطا سان مددگار آهن. وڌيڪ تفصيل تفسير صراط الجنان، ج. 1، ص. 49 تي ملاحظ فرمايو. 2...صراط مستقيم مان مراد "عقائد جو سڌو رستو" آهي، جنهن تي انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام هليا يا ان مان مراد "اسلام جو سڌو رستو" آهي جنهن تي صحابه ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان بزرگانِ دين ۽ اولياءِ عظام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى هليا. 3...جن تي الله تعالٰي جو غضب ٿيو ان مان مراد يهودي يا بد عمل ۽ ڀٽڪيلن مان مراد عيسائي يا بد عقيده ماڻهو آهن.

اَلْمَنْزِلُ الْاَوَّل (1) ع

٢ سُوۡرَةُ البَقَرَةِ مَدَنِيَّةٌ ٨٧ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ اٰياتها ٢٨٦ ركوعاتها ٤٠

الله جي نالي سان شروع جيڪو نهايت مهربان رحمت وارو آهي

الٓمّٓ ۚ ﴿١﴾ ذٰلِكَ الۡكِتٰبُ لَا رَيۡبَ ۛۚ فِيۡهِ ۛۚ هُدًى لِّلۡمُتَّقِيۡنَ ۙ﴿٢﴾ الَّذِيۡنَ

الٓمّٓ (1)○ اهو وڏي رتبي وارو ڪتاب جنهن ۾ ڪنهن بہ شڪ جي گنجائش نہ آهي ان ۾ ڏجڻ وارن جي لاءِ هدايت آهي○ اهي ماڻهو

يُؤۡمِنُوۡنَ بِالۡغَيۡبِ وَيُقِيۡمُوۡنَ الصَّلٰوةَ وَمِمَّا رَزَقۡنٰهُمۡ يُنۡفِقُوۡنَ ۙ﴿٣﴾ وَالَّذِيۡنَ

جيڪي اڻ ڏٺي ايمان آڻن ٿا ۽ نماز قائم ڪن ٿا ۽ اسان جي ڏنل رزق منجهان ڪجھ (اسان جي راھ ۾) خرچ ڪن ٿا (2)○ ۽ اهي

يُؤۡمِنُوۡنَ بِمَاۤ اُنۡزِلَ اِلَيۡكَ وَمَاۤ اُنۡزِلَ مِنۡ قَبۡلِكَ ۚ وَبِالۡاٰخِرَةِ هُمۡ

ايمان آڻن ٿا ان تي جيڪو تنهنجي طرف نازل ڪيو ۽ جيڪو توکان پهريان نازل ڪيو ويو (3) ۽ اهي آخرت تي

يُوۡقِنُوۡنَ ؕ﴿٤﴾ اُولٰٓئِكَ عَلٰى هُدًى مِّنۡ رَّبِّهِمۡ ۗ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الۡمُفۡلِحُوۡنَ ﴿٥﴾ اِنَّ

يقين رکن ٿا○ اهي ئي ماڻهو پنهنجي رب جي طرف کان هدايت تي آهن ۽ اهي ئي ماڻهو ڪاميابي حاصل ڪرڻ وارا آهن○ بيشڪ

الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا سَوَآءٌ عَلَيۡهِمۡ ءَاَنۡذَرۡتَهُمۡ اَمۡ لَمۡ تُنۡذِرۡهُمۡ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ ﴿٦﴾

اهي ماڻهو جن جي قسمت ۾ ڪفر آهي، انهن جي لاءِ برابر آهي جو اوهان انهن کي ڊيڄاريو يا نہ ڊيڄاريو اهي ايمان نہ آڻيندا○

خَتَمَ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوۡبِهِمۡ وَعَلٰى سَمۡعِهِمۡ ؕ وَعَلٰٓى اَبۡصَارِهِمۡ غِشَاوَةٌ ۡ وَّلَهُمۡ عَذَابٌ

الله انهن جي دلين تي ۽ انهن جي ڪنن تي مهر لڳائي ڇڏي آهي ۽ انهن جي اکين تي پردو پيل آهي (4) ۽ انهن جي لاءِ تمام وڏو

عَظِيۡمٌ ۠﴿٧﴾ وَمِنَ النَّاسِ مَنۡ يَّقُوۡلُ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَبِالۡيَوۡمِ الۡاٰخِرِ وَمَا هُمۡ

عذاب آهي○ ۽ ڪجھ ماڻهو چون ٿا تہ اسان الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان آندو حالانڪ اهي

ع ١

حاشيہ 1...هي حروف الله تعالٰي جو راز آهن ۽ متشابهات مان آهن، هن جي مراد الله تعالٰي ۽ ان جا رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڄاڻن ٿا ۽ اسان ان جي حق هئڻ تي ايمان آڻيون ٿا. 2...هن مان معلوم ٿيو تہ راهِ خدا ۾ مال خرچ ڪرڻ ۾ ائين نہ هئڻ گهرجي تہ ايترو وڌيڪ مال خرچ ڪيو وڃي جو خرچ ڪرڻ کان پوءِ انسان پڇتائي ۽ نہ ئي خرچ ڪرڻ ۾ ڪنجوسيءَ کان ڪم ورتو وڃي بلڪ هن ۾ اعتدال هئڻ گهرجي. 3...الله تعالٰي جي نازل ڪيل ڪتابن تي ايمان آڻڻ ۽ قرآنِ مجيد کان پهرين ڪتابن جي احڪام تي عمل ڪرڻ جو تفصيل تفسيرِ صراط الجنان، ج 1 صفحي 68 تي ملاحظ فرمايو. 4...ڪافرن جي دلين ۽ ڪنن تي مهر لڳڻ ۽ اکين تي پردو پئجي وڃڻ انهن جي ڪفر ۽ عناد، سرڪشي، ۽ نبين سڳورن جي عداوت جي انجام جي طور تي هو نہ تہ انهن تي هدايت جون واٽون شروع کان بند نہ هيون.

وقف لازم

بِمُؤْمِنِيْنَ ﴿۸﴾ يُخٰدِعُوْنَ اللّٰهَ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۚ وَمَا يَخْدَعُوْنَ اِلَّاۤ اَنْفُسَهُمْ وَمَا

ايمان وارا نہ آهن○ اهي ماڻهو الله کي(1) ۽ ايمان وارن کي ڌوکو ڏيڻ چاهين ٿا جڏهن تہ اهي صرف پنهنجو پاڻ کي ڌوکو ڏئي رهيا آهن

يَشْعُرُوْنَ ﴿۹﴾ ؕ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ ۙ فَزَادَهُمُ اللّٰهُ مَرَضًا ۚ وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ۙ۵

۽ انهن کي شعور نہ آهي○ انهن جي دلين ۾ بيماري آهي(2) پوءِ الله انهن جي بيماري ۾ ويتر اضافو ڪري ڇڏيو ۽ انهن جي لاءِ انهن جي ڪوڙ

بِمَا كَانُوْا يَكْذِبُوْنَ ﴿۱۰﴾ وَاِذَا قِيْلَ لَهُمْ لَا تُفْسِدُوْا فِي الْاَرْضِ ۙ قَالُوْۤا اِنَّمَا

ڳالهائڻ جي سبب دردناڪ عذاب آهي○ ۽ جڏهن انهن کي چيو وڃي تہ زمين ۾ فساد نہ ڪيو تہ چون ٿا اسان تہ صرف

نَحْنُ مُصْلِحُوْنَ ﴿۱۱﴾ اَلَاۤ اِنَّهُمْ هُمُ الْمُفْسِدُوْنَ وَلٰكِنْ لَّا يَشْعُرُوْنَ ﴿۱۲﴾

اصلاح ڪرڻ وارا آهيون○ ٻڌو: بيشڪ اهي ئي ماڻهو فساد پکيڙڻ وارا آهن(3) پر انهن کي (ان جو) شعور ناهي○

وَاِذَا قِيْلَ لَهُمْ اٰمِنُوْا كَمَاۤ اٰمَنَ النَّاسُ قَالُوْۤا اَنُؤْمِنُ كَمَاۤ اٰمَنَ السُّفَهَآءُ ؕ

۽ جڏهن انهن کي چيو وڃي تہ توهان اهڙي طرح ايمان آڻيو جهڙي طرح ٻين ماڻهن ايمان آندو(4) تہ چون ٿا: ڇا اسان بيوقوفن وانگر ايمان آڻيون؟

اَلَاۤ اِنَّهُمْ هُمُ السُّفَهَآءُ وَلٰكِنْ لَّا يَعْلَمُوْنَ ﴿۱۳﴾ وَاِذَا لَقُوا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قَالُوْۤا

ٻڌو! بيشڪ اهي ئي ماڻهو بيوقوف آهن(5) پر اهي ڄاڻن نٿا○ ۽ جڏهن اهي ايمان وارن سان ملندا آهن تہ چوندا آهن:

اٰمَنَّا ۚۖ وَاِذَا خَلَوْا اِلٰى شَيٰطِيْنِهِمْ ۙ قَالُوْۤا اِنَّا مَعَكُمْ ۙ اِنَّمَا نَحْنُ مُسْتَهْزِءُوْنَ ﴿۱۴﴾

اسان ايمان آڻي چڪا آهيون ۽ جڏهن پنهنجي شيطانن وٽ اڪيلائي ۾ ويندا آهن تہ چوندا آهن اسان توهان سان گڏ آهيون، اسان تہ رڳو ڪل ڀوڳ ڪندا آهيون○

اَللّٰهُ يَسْتَهْزِئُ بِهِمْ وَيَمُدُّهُمْ فِيْ طُغْيَانِهِمْ يَعْمَهُوْنَ ﴿۱۵﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ اشْتَرَوُا

الله انهن جي ڪل ڀوڳ جو انهن کي بدلو ڏيندو(6) ۽ (هاڻي) هو انهن کي مهلت ڏئي رهيو آهي تہ اهي پنهنجي سرڪشي ۾ ڀٽڪندا رهن○ هي ئي اهي ماڻهو آهن جن هدايت

**حاشيہ** 1...الله تعالیٰ هن ڪان پاڪ آهي جو ڪو بہ ان کي ڌوکو ڏئي سگهي، هتي الله تعالیٰ کي فريب ڏيڻ مان مراد ان جي حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڌوکو ڏيڻ جي ڪوشش ڪرڻ آهي. 2...هتي قلبي مرض مان مراد منافقن جي منافقت ۽ حضورِ انور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان بغض جي بيماري آهي. معلوم ٿيو تہ بدعقيدگي روحاني زندگي جي لاءِ تباهہ ڪندڙ آهي پڻ حضورِاقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عظمت ۽ شان کان سڙڻ وارو دل جو بيمار آهي. 3...منافقن جي طرزِ عمل سان واضح ٿيو تہ عام فسادين کان وڌا فسادي اهي آهن جيڪي فساد پکيڙين ۽ ان کي اصلاح جو نالو ڏين. اسان جي معاشري ۾ اهڙن ماڻهن جي ڪمي ناهي جيڪي اصلاح جي نالي تي فساد پکيڙيندا ۽ بدترين ڪمن کي سٺن نالن سان تعبير ڪندا آهن. 4...هن آيت ۾ بزرگانِ دين وانگر ايمان آڻڻ جي حڪم مان معلوم ٿيو تہ انهن جي پيروي ڪرڻ وارا نجات وارا آهن جڏهن تہ انهن جي رستي تان هٽڻ وارا منافقن جي رستي تي آهن ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ انهن بزرگن کي بروپلوچوڻ وارا گهٽو پهريان کان هلندا پيا اچن. 5...معلوم ٿيو تہ تاجدارِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان الله تعالیٰ جي بارگاهہ جا اهڙا مقبول ٻانها آهن جو انهن جي گستاخي ڪرڻ وارن کي الله تعالیٰ خود جواب ڏنو آهي. 6...الله تعالیٰ استهزاء يعني ڪل ڀوڳ کان پاڪ آهي، عربي زبان ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن عمل جو بدلو ڏيڻ کي انهيءَ لفظ سان تعبير ڪيو ويندو آهي ۽ هتي اهو ئي مراد آهي تہ الله تعالیٰ منافقن کي انهن جي استهزاء جو بدلو ڏيندو.

الضَّلٰلَةَ بِالْهُدٰى ۪ فَمَا رَبِحَتْ تِّجَارَتُهُمْ وَمَا كَانُوْا مُهْتَدِيْنَ ﴿۱۶﴾ مَثَلُهُمْ

جي بدلي گمراهي خريدي ورتي تہ انهن جي واپار ڪو نفعو نہ ڏنو ۽ هي ماڻهو راهہ چاڙهندا ئي نہ هئاo انهن جو مثال

كَمَثَلِ الَّذِى اسْتَوْقَدَ نَارًا ۚ فَلَمَّآ اَضَآءَتْ مَا حَوْلَهٗ ذَهَبَ اللّٰهُ بِنُوْرِهِمْ

ان شخص وانگر آهي جنهن باهہ روشن ڪئي پوءِ جڏهن ان باهہ ان جي آسپاس کي روشن ڪري ڇڏيو تہ الله انهن جو نور ڪڍي ويو

وَتَرَكَهُمْ فِىْ ظُلُمٰتٍ لَّا يُبْصِرُوْنَ ﴿۱۷﴾ صُمٌّۢ بُكْمٌ عُمْىٌ فَهُمْ لَا يَرْجِعُوْنَ ﴿۱۸﴾ ۙ اَوْ

۽ انهن کي اونداهين ۾ ڇڏي ڏنو، انهن کي ڪجهہ ڏسڻ ۾ نٿو اچيo ٻوڙا، گونگا، انڌا آهن (1) پوءِ اهي موٽي نہ ايندا o يا

كَصَيِّبٍ مِّنَ السَّمَآءِ فِيْهِ ظُلُمٰتٌ وَّرَعْدٌ وَّبَرْقٌ ۚ يَجْعَلُوْنَ اَصَابِعَهُمْ فِىْٓ اٰذَانِهِمْ

(انهن جو مثال) آسمان کان لهندڙ مينهن وانگر آهي جنهن ۾ اونداهيون ۽ گجگوڙ ۽ ڪنوڻ آهي، اهي پنهنجي ڪنن ۾ آڱريون وجهي رهيا آهن

مِّنَ الصَّوَاعِقِ حَذَرَ الْمَوْتِ ؕ وَاللّٰهُ مُحِيْطٌۢ بِالْكٰفِرِيْنَ ﴿۱۹﴾ يَكَادُ الْبَرْقُ يَخْطَفُ

زوردار ڪڙڪ (ڪنوڻ) جي ڪري موت جي ڊپ کان، حالانڪ الله ڪافرن کي گهيري رکيو آهيo بجلي ائين معلوم ٿئي ٿي جڻ

اَبْصَارَهُمْ ؕ كُلَّمَآ اَضَآءَ لَهُمْ مَّشَوْا فِيْهِ ۙ وَاِذَآ اَظْلَمَ عَلَيْهِمْ قَامُوْا ؕ وَلَوْ شَآءَ

انهن جون نظرون ڪسي ڪڍي وينديءَ (حالت هي اٿن جو) جڏهن ڪجهہ روشني ٿي تہ ان ۾ هلڻ لڳا ۽ جڏهن انهن تي اونداهي ڇانئجي وئي تہ بيهي رهيا ۽

۲ ع۳ ۲ اللّٰهُ لَذَهَبَ بِسَمْعِهِمْ وَاَبْصَارِهِمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ قَدِيْرٌ ﴿۲۰﴾ ع يٰٓاَيُّهَا

جيڪڏهن الله چاهي ها تہ انهن جا ڪن ۽ اکيون کسي وٺي ها. بيشڪ الله هر شيءِ تي قادر آهي(2)o اي انسانو! پنهنجي رب

النَّاسُ اعْبُدُوْا رَبَّكُمُ الَّذِىْ خَلَقَكُمْ وَالَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿۲۱﴾ ۙ

جي عبادت ڪريو (3) جنهن توهان کي ۽ توهان کان اڳين ماڻهن کي پيدا ڪيو، هيءَ اميد ڪندي (عبادت ڪريو) جو توهان کي پرهيزگاري ملي وڃيo

حاشيہ 1... منافقن کي الله تعالىٰ هدايت تي قدرت بخشي پر انهن ان مان فائدو نہ ورتو ۽ جڏهن اهي حق کي ٻڌڻ، مڃڻ، چوڻ ۽ ڏسڻ کان محروم ٿي ويا تہ ڪن، زبان، اک سڀ بيڪار آهن. 2... هرممڪن چيز شيءِ ۾ داخل آهي ۽ هر شيءِ الله تعالىٰ جي قدرت ۾ آهي ۽ جيڪا شيءِ محال آهي ان ۾ اِها صلاحيت ناهي جو الله تعالي جي قدرت جي تحت اچي سگهي.
3... عبادت ان انتهائي تعظيم جو نالو آهي جيڪا ٻانهو پنهنجي عبديت يعني ٻانهو هئڻ ۽ معبود جي اُلوهيت يعني معبود هئڻ جي اعتقاد ۽ اعتراف سان گڏ بجا آڻي. هتي عبادت توحيد ۽ ان کان علاوه پنهنجي سيني قسمن کي شامل آهي.

الَّذِیْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ فِرَاشًا وَّ السَّمَآءَ بِنَآءً ۪ وَّ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً

جنھن توھان جي لاءِ زمين کي وڇاڻو ۽ آسمان کي ڇت بڻايو ۽ ان آسمان مان پاڻي لاٿو

فَاَخْرَجَ بِهٖ مِنَ الثَّمَرٰتِ رِزْقًا لَّكُمْ ۚ فَلَا تَجْعَلُوْا لِلّٰهِ اَنْدَادًا وَّ اَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿۲۲﴾

پوءِ ان پاڻي جي ذريعي توھان جي کائڻ جي لاءِ ڪيئي ميوا پيدا ڪيا، سو توھان ڄاڻي واڻي الله جا شريڪ نہ ناھيو○ ۽ جيڪڏھن

وَ اِنْ كُنْتُمْ فِیْ رَیْبٍ مِّمَّا نَزَّلْنَا عَلٰى عَبْدِنَا فَاْتُوْا بِسُوْرَةٍ مِّنْ مِّثْلِهٖ ۪ وَ ادْعُوْا

توھان کي ان ڪتاب جي باري ۾ ڪو شڪ ھجي جيڪو اسان پنھنجي خاص ٻانھي تي نازل ڪيو آھي تہ توھان ان جھڙي ھڪ سورت ناھي آڻيو ۽ الله

شُهَدَآءَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِیْنَ ﴿۲۳﴾ فَاِنْ لَّمْ تَفْعَلُوْا وَ لَنْ تَفْعَلُوْا

کان سواءِ پنھنجي سڀني مددگارن کي سڏيو جيڪڏھن توھان سچا آھيو (1)○ پوءِ جيڪڏھن توھان ھي نہ ڪري سگھو ۽ توھان ھرگز نہ ڪري سگھندؤ

فَاتَّقُوا النَّارَ الَّتِیْ وَقُوْدُهَا النَّاسُ وَ الْحِجَارَةُ ۚۖ اُعِدَّتْ لِلْكٰفِرِیْنَ ﴿۲۴﴾ وَ بَشِّرِ

پوءِ ان باھ کان ڊڄو جنھن جو ٻارڻ انسان ۽ پٿر آھن، اھا ڪافرن جي لاءِ (2) تيار ڪئي وئي آھي(3)○ ۽ انھن ماڻھن کي خوشخبري

الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ اَنَّ لَهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِیْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ؕ

ڏيو جن ايمان آندو ۽ انھن چڱا عمل ڪيا تہ انھن جي لاءِ اھڙا باغ آھن جن جي ھيٺان نھرون وھي رھيون آھن. جڏھن انھن

كُلَّمَا رُزِقُوْا مِنْهَا مِنْ ثَمَرَةٍ رِّزْقًا ۙ قَالُوْا هٰذَا الَّذِیْ رُزِقْنَا مِنْ قَبْلُ ۙ وَ اُتُوْا

کي ھنن باغن مان ڪو ميوو کائڻ لاءِ ڏنو ويندو تہ چوندا: ھي تہ اھو ئي رزق آھي جيڪو اسان کي پھريان ڏنو ويو ھو، حالانڪ

بِهٖ مُتَشَابِهًا ؕ وَ لَهُمْ فِیْهَاۤ اَزْوَاجٌ مُّطَهَّرَةٌ ۗۙ وَّ هُمْ فِیْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿۲۵﴾ اِنَّ اللّٰهَ

انھن کي ملندڙ جلندڙ ميوو (پھريان) ڏنو ويو ھو ۽ انھن (جنتين) جي لاءِ انھن باغن ۾ پاڪيزہ زالون ھونديون ۽ اھي انھن باغن ۾ ھميشہ رھندا○ بيشڪ

---

**حاشيہ** 1... ھي چيلنج قيامت تائين سڀني انسانن جي لاءِ آھي، اڄ بہ قرآن کي محمدِ مصطفيٰ ﷺ جي تصنيف چوڻ وارا ڪافر تہ ڪيترائي آھن پر قرآن جي مثل ھڪ آيت ٺاھڻ وارو اڄ تائين ڪو سامھون ناھي آيو ۽ جنھن ان جي دعويٰ ڪئي ان جو پول پاڻ ئي کجھہ ڏينھن ۾ پڌرو ٿي ويو. 2... ”ڪافرن جي لاءِ“ فرمائڻ ۾ اھو بہ اشارو آھي تہ مومن الله تعاليٰ جي فضل ۽ ڪرم سان جھنم ۾ ھميشہ جي داخلي کان محفوظ رھندا چو تہ جھنم خاص ڪري ڪافرن جي لاءِ پيدا ڪيو ويو آھي. 3... ھن مان معلوم ٿيو تہ دوزخ پيدا ٿي چڪو آھي چو تہ ھتي ماضي جا لفظ آھن.

لَا يَسْتَحْيٖٓ اَنْ يَّضْرِبَ مَثَلًا مَّا بَعُوْضَةً فَمَا فَوْقَهَا ۭ فَاَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا فَيَعْلَمُوْنَ

الله ان کان حياء ناهي فرمائيندو (1) جو مثال سمجهائڻ خاطر ڪهڙي به شيء جو ذڪر فرمائي، مڇر هجي يا ان کان وڏيڪ، بهرحال ايمان وارا ته ڄاڻن ٿا جو

اَنَّهُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّهِمْ ۚ وَاَمَّا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَيَقُوْلُوْنَ مَاذَآ اَرَادَ اللّٰهُ بِهٰذَا

هي انهن جي رب جي طرف کان حق آهي ۽ رهيا ڪافر ته اهي چون ٿا، هن مثال مان الله جي مراد ڇا آهي؟ الله ڪيترن ئي

مَثَلًا ۘ يُضِلُّ بِهٖ كَثِيْرًا ۙ وَّيَهْدِيْ بِهٖ كَثِيْرًا ۭ وَمَا يُضِلُّ بِهٖٓ اِلَّا الْفٰسِقِيْنَ ۙ﴿٢٦﴾

وقف لازم

ماڻهن کي هن جي ذريعي گمراه ڪندو (2) آهي ۽ ڪيترن ئي ماڻهن کي هدايت عطا ڪندو آهي ۽ هو هن جي ذريعي صرف نافرمانن کي ئي گمراه ڪندو آهي○

الَّذِيْنَ يَنْقُضُوْنَ عَهْدَ اللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ مِيْثَاقِهٖ ۠ وَيَقْطَعُوْنَ مَآ اَمَرَ اللّٰهُ بِهٖٓ اَنْ

اهي ماڻهو جيڪي الله جي واعدي کي پڪو ٿيڻ کان پوءِ ٽوڙي ڇڏين ٿا ۽ ان شيء کي ڪٽن ٿا جنهن جي جوڙڻ جو الله حڪم ڏنو آهي ۽

يُّوْصَلَ وَيُفْسِدُوْنَ فِي الْاَرْضِ ۭ اُولٰۗىِٕكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿٢٧﴾ كَيْفَ تَكْفُرُوْنَ

زمين ۾ فساد پکيڙن ٿا؟ سو اهي ئي ماڻهو نقصان کڻڻ وارا آهن○ توهان ڪيئن الله جا منڪر ٿي سگهو ٿا حالانڪ توهان

بِاللّٰهِ وَكُنْتُمْ اَمْوَاتًا فَاَحْيَاكُمْ ۚ ثُمَّ يُمِيْتُكُمْ ثُمَّ يُحْيِيْكُمْ ثُمَّ اِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿٢٨﴾

مرده هيؤ پوءِ ان توهان کي پيدا ڪيو (3) پوءِ اهو توهان کي موت ڏيندو پوءِ توهان کي زنده ڪندو پوءِ انهيءَ ڏانهن توهان کي موٽايو ويندو○

هُوَ الَّذِيْ خَلَقَ لَكُمْ مَّا فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا ۗ ثُمَّ اسْتَوٰٓى اِلَى السَّمَاۗءِ فَسَوّٰىهُنَّ

اهو ئي آهي جنهن جيڪو ڪجهه زمين ۾ آهي سڀ توهان جي لاءِ بڻايو، (4) پوءِ ان آسمان کي بڻائڻ جو ارادو ڪيو ته ٺيڪ ست آسمان

ع ٣ ٩ ٣

سَبْعَ سَمٰوٰتٍ ۭ وَهُوَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿٢٩﴾ ع وَاِذْ قَالَ رَبُّكَ لِلْمَلٰۗىِٕكَةِ اِنِّىْ

بڻايائين ۽ اهو هر شيء جو خوب علم رکي ٿو○ ۽ ياد ڪريو جڏهن تنهنجي رب ملائڪن کي فرمايو: (5) آءٌ زمين ۾

حاشيه 1...حياء جي معنٰي آهي ”بدناميءَ ۽ برائيءَ جي خوف سان دل ۾ ڪنهن ڪم کان رڪاوٽ پيدا ٿيڻ“ الله تعالٰي ان کان پاڪ آهي ۽ هتي ان مان مراد ”مثالون بيان ڪرڻ کي نه ڇڏڻ“ آهي. 2...نزولِ قرآن جو اصل مقصد هدايت ڏيڻ آهي پر گهڻا ماڻهو ان جو انڪار ڪري، يا مذاق اڏائي، يا غلط معنٰي مراد وٺي گمراهه ٿي ويندا آهن، ان اعتبار سان هتي قرآن جي ذريعي گمراهه ڪرڻ جو فرمايو ويو آهي. 3...هن آيت ۾ غور ڪريون ته اسان مسلمانن جي لاءِ به نصيحت آهي جو اسان به ڪجهه نه هئاسين پر الله تعالٰي اسان کي زندگي عطا ڪئي ۽ زندگي گذارڻ جي ضروري شين ۽ نعمتن سان نوازيو پوءِ ان جي عطائن مان فائدو کڻي ان جي ياد کان غافل ٿيڻ ۽ ناشڪري ۽ غفلت جي زندگي گذارڻ ڪنهن به طرح اسان جي شان جي لائق ناهي. 4...هن مان معلوم ٿيو ته جنهن شيء کان الله تعالٰي منع ناهي فرمايو اها اسان جي لاءِ مباح ۽ حلال آهي. 5...ملائڪن کي خليفو بڻائڻ جي خبر ظاهري طور تي مشوري جي انداز ۾ ڏني وئي نه ته الله تعالٰي ان کان پاڪ آهي جو ان کي ڪنهن مشوري جي حاجت پوي.

جَاعِلٌ فِي الْاَرْضِ خَلِيْفَةً ؕ قَالُوْٓا اَتَجْعَلُ فِيْهَا مَنْ يُّفْسِدُ فِيْهَا وَيَسْفِكُ

پنهنجو نائب بڻائڻ وارو آهيان تہ انهن عرض ڪيو: ڇا تون زمين ۾ ان کي نائب بڻائيندين جيڪو ان ۾ فساد پکيڙيندو ۽ رت وهائيندو

الدِّمَآءَ ۚ وَنَحْنُ نُسَبِّحُ بِحَمْدِكَ وَنُقَدِّسُ لَكَ ؕ قَالَ اِنِّيْٓ اَعْلَمُ مَا

حالانڪ اسان تنهنجي حمد ڪندي تنهنجي تسبيح ڪندا آهيون ۽ تنهنجي پاڪائي بيان ڪندا آهيون. فرمايائين: بيشڪ آءٌ اهو ڄاڻان ٿو جيڪو توهان

لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٣٠﴾ وَعَلَّمَ اٰدَمَ الْاَسْمَآءَ كُلَّهَا ثُمَّ عَرَضَهُمْ عَلَى الْمَلٰٓئِكَةِ ۙ فَقَالَ

نہ ٿا ڄاڻو○ ۽ الله تعالیٰ آدم کي سڀني شين جا نالا سيکاري ڇڏيا پوءِ انهن سڀني شين کي ملائڪن جي اڳيان پيش ڪري فرمايائين:

اَنْۢبِـُٔوْنِيْ بِاَسْمَآءِ هٰٓؤُلَآءِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٣١﴾ قَالُوْا سُبْحٰنَكَ لَا عِلْمَ لَنَآ

جيڪڏهن توهان سچا آهيو تہ انهن جا نالا ٻڌايو(1)○ (ملائڪن) عرض ڪيو: (اي الله!) تون پاڪ آهين، اسان کي تہ صرف ايترو علم آهي

اِلَّا مَا عَلَّمْتَنَا ؕ اِنَّكَ اَنْتَ الْعَلِيْمُ الْحَكِيْمُ ﴿٣٢﴾ قَالَ يٰٓاٰدَمُ اَنْۢبِئْهُمْ

جيترو تو اسان کي سيکاريو،(2) بيشڪ تون ئي علم وارو، حڪمت وارو آهين○ (پوءِ الله) فرمايو: اي آدم! تون انهن کي

بِاَسْمَآئِهِمْ ۚ فَلَمَّآ اَنْۢبَاَهُمْ بِاَسْمَآئِهِمْ ۙ قَالَ اَلَمْ اَقُلْ لَّكُمْ اِنِّيْٓ اَعْلَمُ غَيْبَ

انهن شين جا نالا ٻڌاءِ، پوءِ جڏهن آدم انهن کي انهن شين جا نالا ٻڌائي ڇڏيا تہ (الله) فرمايو: (اي ملائڪو!) ڇا مون توهان کي نہ چيو هو تہ آءٌ

السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۙ وَاَعْلَمُ مَا تُبْدُوْنَ وَمَا كُنْتُمْ تَكْتُمُوْنَ ﴿٣٣﴾ وَاِذْ قُلْنَا

آسمانن ۽ زمين جي سڀني لڪيل شين کي ڄاڻان ٿو ۽ مان ڄاڻان ٿو جيڪو توهان ظاهر ڪيو ٿا ۽ جيڪو توهان لڪايو ٿا○ ۽ ياد ڪريو جڏهن

لِلْمَلٰٓئِكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوْٓا اِلَّآ اِبْلِيْسَ ؕ اَبٰى وَاسْتَكْبَرَ ۫ وَكَانَ مِنَ

اسان ملائڪن کي حڪم ڏنو تہ آدم کي سجدو ڪريو تہ ابليس جي علاوه سڀني سجدو ڪيو،(3) ان انڪار ڪيو ۽ تڪبر ڪيو(4) ۽

**حاشيہ** 1...هن آيت ۾ الله تعاليٰ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي ملائڪن تي افضل هئڻ جو سبب علم ظاهر فرمايو، هن مان معلوم ٿيو علم گوشہ نشيني ۽ تنهائي جي عبادت کان افضل آهي. 2...هن آيت مان انسان جي شرافت ۽ علم جي فضيلت ثابت ٿئي ٿي ۽ هي بہ ثابت ٿئي ٿو تہ الله تعاليٰ جي طرف تعليم جي نسبت ڪرڻ صحيح آهي جيتوڻيڪ ان کي معلّم نہ چيو ويندو ڇو تہ معلّم پيشي واري تعليم ڏيندڙ کي چئبو آهي. 3...ملائڪن حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي تعظيمي سجدو ڪيو هو ۽ اهو باقائده پيشاني زمين تي رکڻ جي صورت ۾ هو صرف مٿو جهڪائڻ نہ هو. 4...هن واقعي مان معلوم ٿيو تہ تڪبر اهڙو خطرناڪ عمل آهي جو هي ڪڏهن ڪڏهن انسان کي ڪفر تائين پهچائي ڇڏيندو آهي، ان ڪري هر مسلمان کي گهرجي تہ اهو تڪبر ڪرڻ کان بچي.

الْكٰفِرِيْنَ ﴿٣٤﴾ وَقُلْنَا يٰٓاٰدَمُ اسْكُنْ اَنْتَ وَزَوْجُكَ الْجَنَّةَ وَكُلَا مِنْهَا رَغَدًا حَيْثُ

كافر ٿي ويوo ۽ اسان فرمايو: اي آدم! تون ۽ تنهنجي گهرواري جنت ۾ رهو ۽ بنا روڪ ٽوڪ جي جتان توهان جي دل چاهي کائو،

شِئْتُمَا ۠ وَلَا تَقْرَبَا هٰذِهِ الشَّجَرَةَ فَتَكُوْنَا مِنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٣٥﴾ فَاَزَلَّهُمَا

پر هن وڻ جي ويجهو نہ وڃجو نہ تہ حد کان لنگهندڙن ۾ شامل ٿي ويندؤ (1)o پوءِ شيطان انهن ٻنهي کي جنت مان لغزش

الشَّيْطٰنُ عَنْهَا فَاَخْرَجَهُمَا مِمَّا كَانَا فِيْهِ ۠ وَقُلْنَا اهْبِطُوْا بَعْضُكُمْ لِبَعْضٍ عَدُوٌّ ۚ

ڏني (2) سو انهن کي اتان ڪيرائي ڇڏيو جتي اهي رهندا هئا ۽ اسان فرمايو: توهان هيٺ لهي وڃو، توهان هڪ ٻئي جا دشمن بڻجندؤ

وَلَكُمْ فِي الْاَرْضِ مُسْتَقَرٌّ وَّمَتَاعٌ اِلٰى حِيْنٍ ﴿٣٦﴾ فَتَلَقّٰٓى اٰدَمُ مِنْ رَّبِّهٖ كَلِمٰتٍ

۽ توهان جي لاءِ هڪ خاص وقت تائين زمين ۾ ٽڪاڻو ۽ (زندگي گذارڻ جو) سامان آهيo پوءِ آدم پنهنجي رب کان ڪجھ ڪلما سکي ورتا تہ

فَتَابَ عَلَيْهِ ؕ اِنَّهٗ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿٣٧﴾ قُلْنَا اهْبِطُوْا مِنْهَا جَمِيْعًا ۚ فَاِمَّا

الله ان جي توبہ قبول ڪئي، (3) بيشڪ اهو ئي گهڻو توبہ قبول ڪرڻ وارو وڏو مهربان آهيo اسان فرمايو: توهان سڀئي جنت مان لهي وڃو (4) پوءِ

يَاْتِيَنَّكُمْ مِّنِّيْ هُدًى فَمَنْ تَبِعَ هُدَايَ فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٣٨﴾

جيڪڏهن توهان وٽ منهنجي طرفان ڪا هدايت اچي تہ جيڪي منهنجي هدايت جي پيروي ڪندا انهن کي نہ ڪو خوف هوندو ۽ نہ اهي غمگين ٿيندا o

ع ٤
وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَآ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٣٩﴾ ع

۽ اهي جيڪي ڪفر ڪندا ۽ منهنجي آيتن کي ڪوڙو چوندا اهي دوزخ وارا هوندا، اهي هميشہ ان ۾ رهنداo

يٰبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اذْكُرُوْا نِعْمَتِيَ الَّتِيْٓ اَنْعَمْتُ عَلَيْكُمْ وَاَوْفُوْا بِعَهْدِيْٓ اُوْفِ

اي يعقوب جي اولاد! (5) ياد ڪريو (6) منهنجو اهو احسان جيڪو مون توهان تي ڪيو ۽ منهنجو عهد پورو ڪيو مان توهان جو عهد پورو

**حاشيه** 1...الله تعالٰي مالڪ آهي، هو پنهنجي مقبول ٻانهن کي جيڪو چاهي فرمائي، ڪنهن ٻئي کي اهو حق حاصل ناهي تہ ان کي بنياد بڻائي ڪري انبياء ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جي باري ۾ خلافِ ادب جملا چئي. 2...تلاوتِ قرآن کان علاوه پنهنجي طرفان حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي طرف نافرماني ۽ گناهہ جي نسبت ڪرڻ حرام بلڪ عالمن سڳورن جي هڪ جماعت ان کي ڪفر چيو آهي. 3...جڏهن توبهہ جي نسبت الله تعالٰي جي طرف هجي تہ ان مان مراد "توبهہ قبول ڪرڻ" يا "الله تعالٰي جو پنهنجي رحمت سان گڏ ٻانهي تي رجوع فرمائڻ" هوندو آهي. 4...هتي جمع جي صيغي سان سڀني کي لهڻ جو فرمايائين، هن ۾ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام حضرت حواء رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا سان گڏ انهن جو اولاد بہ مراد آهي جيڪو ان وقت حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي پٺيءَ ۾ هو. 5...هن آيت ۾ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زماني جي يهودين کي مخاطب ڪري ڪلام فرمايو ويو آهي. 6...هتي ياد ڪرڻ مان مراد صرف زبان سان تذڪرو ڪرڻ ناهي بلڪ هن مان مراد هي آهي جو اهي الله تعالٰي جي اطاعت ۽ بندگي ڪري انهن نعمتن جو شڪر بجا آڻن ڇو تہ ڪنهن نعمت جو شڪر نہ ڪرڻ ان کي وسارڻ جي مترادف آهي.

بِعَهْدِكُمْ ۚ وَاِيَّايَ فَارْهَبُوْنِ ﴿۴۰﴾ وَاٰمِنُوْا بِمَآ اَنْزَلْتُ مُصَدِّقًا لِّمَا مَعَكُمْ وَ

ڪندس ۽ صرف مون کان ڊڄو ۽ ايمان آڻيو ان (ڪتاب) تي جيڪو مون لاٿو آهي اهو توهان وٽ موجود ڪتاب جي تصديق ڪرڻ وارو آهي ۽

لَا تَكُوْنُوْٓا اَوَّلَ كَافِرٍۢ بِهٖ ۠ وَلَا تَشْتَرُوْا بِاٰيٰتِيْ ثَمَنًا قَلِيْلًا ۡ وَّاِيَّايَ فَاتَّقُوْنِ ﴿۴۱﴾ وَ

سڀ کان پهريان ان جو انڪار ڪرڻ وارا نه ٿيو ۽ منهنجي آيتن جي بدلي ٿوري قيمت نه وٺو ۽ مون کان ئي ڊڄو ۽

لَا تَلْبِسُوا الْحَقَّ بِالْبَاطِلِ وَتَكْتُمُوا الْحَقَّ وَاَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿۴۲﴾ وَاَقِيْمُوا

حق کي باطل سان نه ملايو ۽ ڄاڻي واڻي حق کي نه لڪايو (1) ۽ نماز قائم ڪيو

الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ وَارْكَعُوْا مَعَ الرّٰكِعِيْنَ ﴿۴۳﴾ اَتَاْمُرُوْنَ النَّاسَ بِالْبِرِّ وَ

۽ زڪوٰة ادا ڪريو ۽ رڪوع ڪرڻ وارن سان گڏ رڪوع ڪريو ڇا توهان ماڻهن کي ڀلائي جو حڪم ڏيو ٿا ۽

تَنْسَوْنَ اَنْفُسَكُمْ وَاَنْتُمْ تَتْلُوْنَ الْكِتٰبَ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿۴۴﴾ وَاسْتَعِيْنُوْا

پنهنجو پاڻ کي وساريو ٿا حالانڪ توهان ڪتاب پڙهو ٿا پوءِ ڇا توهان کي عقل ناهي (2) ۽ صبر ۽ نماز کان

بِالصَّبْرِ وَالصَّلٰوةِ ؕ وَاِنَّهَا لَكَبِيْرَةٌ اِلَّا عَلَى الْخٰشِعِيْنَ ﴿۴۵﴾ ۙ الَّذِيْنَ يَظُنُّوْنَ اَنَّهُمْ

مدد حاصل ڪريو (3) ۽ بيشڪ نماز ضرور ڳوري آهي پر انهن تي جيڪي دل سان مون ڏانهن جهڪن ٿا جن کي يقين آهي ته انهن کي

مُّلٰقُوْا رَبِّهِمْ وَاَنَّهُمْ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ ﴿۴۶﴾ ع يٰبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اذْكُرُوْا نِعْمَتِيَ الَّتِيْٓ ع ۵

پنهنجي رب سان ملڻو آهي ۽ انهن کي انهيءَ ڏانهن موٽي وڃڻو آهي اي يعقوب جي اولاد! ياد ڪريو منهنجو اهو احسان جيڪو مون توهان تي ڪيو ۽ هي

اَنْعَمْتُ عَلَيْكُمْ وَاَنِّيْ فَضَّلْتُكُمْ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿۴۷﴾ وَاتَّقُوْا يَوْمًا لَّا تَجْزِيْ نَفْسٌ

جو مون توهان کي ان سڄي زماني تي فضيلت عطا ڪئي (4) ۽ ان ڏينهن کان ڊڄو جنهن ڏينهن ڪا به جان ڪنهن ٻي جي

---

**حاشيه** 1...هن آيت مان معلوم ٿيو ته هرڪ کي گهرجي ته اهو حق کي باطل سان نه ملائي ۽ نه ئي حق کي لڪائي ڇو ته ان ۾ فساد ۽ نقصان آهي ۽ اها به خبر پئي ته حق ڳالھ ڄاڻڻ واري تي ان کي ظاهر ڪرڻ واجب آهي ۽ حق ڳالھ کي لڪائڻ ان تي حرام آهي. 2...هن آيت جو شانِ نزول خاص هئڻ جي باوجود حڪم عام آهي ۽ هر نيڪي جو حڪم ڏيڻ واري جي لاءِ هن ۾ تنبيھ ۽ عبرت آهي. 3...صبر جي سبب قلبي قوت ۾ اضافو ۽ نماز جي برڪت سان الله تعاليٰ سان تعلق مضبوط ٿيندو آهي ۽ اهي ٻئي شيون پريشانين کي برداشت ڪرڻ ۽ انهن کي پري ڪرڻ ۾ سڀ کان وڌيڪ معاون آهن. 4...هن مان مراد هي آهي ته بني اسرائيل کي انهن جي زماني ۾ سڄي ماڻهن تي فضيلت عطا ڪئي وئي، ۽ جڏهن حضور انور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آمد ٿي ته اها فضيلت پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امت جي طرف منتقل ٿي وئي.

عَنْ نَّفْسٍ شَيْـًٔا وَّلَا يُقْبَلُ مِنْهَا شَفَاعَةٌ وَّلَا يُؤْخَذُ مِنْهَا عَدْلٌ وَّلَا هُمْ

طرف کان بدلو نہ ڏيندي ۽ نہ ڪا سفارش مڃي ويندي ۽ نہ ان کان ڪو معاوضو ورتو ويندو ۽ نہ انهن جي مدد

يُنْصَرُوْنَ ﴿٤٨﴾ وَاِذْ نَجَّيْنٰكُمْ مِّنْ اٰلِ فِرْعَوْنَ يَسُوْمُوْنَكُمْ سُوْٓءَ الْعَذَابِ يُذَبِّحُوْنَ

ڪئي ويندي (1)۝ ۽ (ياد ڪريو) جڏهن اسان توهان کي فرعونين کان نجات ڏني جيڪي توهان کي تمام برو عذاب ڏيندا هئا، توهان جي پٽن کي

اَبْنَآءَكُمْ وَيَسْتَحْيُوْنَ نِسَآءَكُمْ ؕ وَفِيْ ذٰلِكُمْ بَلَآءٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَظِيْمٌ ﴿٤٩﴾ وَ

ذبح ڪندا هئا ۽ توهان جي ڌيئرن کي زندھ ڇڏي ڏيندا هئا ۽ ان ۾ توهان جي رب جي طرف کان وڏي آزمائش هئي۝ ۽ (ياد ڪريو)

اِذْ فَرَقْنَا بِكُمُ الْبَحْرَ فَاَنْجَيْنٰكُمْ وَاَغْرَقْنَآ اٰلَ فِرْعَوْنَ وَاَنْتُمْ تَنْظُرُوْنَ ﴿٥٠﴾

جڏهن اسان توهان جي لاءِ درياءَ کي چيري وڌو پوءِ اسان توهان کي بچائي ورتو ۽ فرعونين کي توهان جي اکين جي سامهون غرق ڪري ڇڏيو۝

وَاِذْ وٰعَدْنَا مُوْسٰۤى اَرْبَعِيْنَ لَيْلَةً ثُمَّ اتَّخَذْتُمُ الْعِجْلَ مِنْۢ بَعْدِهٖ وَاَنْتُمْ

۽ ياد ڪريو جڏهن اسان موسيٰ کان چاليھ راتين جو واعدو فرمايو(2) پوءِ ان جي پٺيان توهان ڳابي جي پوڄا شروع ڪري ڏني ۽ توهان واقعي

ظٰلِمُوْنَ ﴿٥١﴾ ثُمَّ عَفَوْنَا عَنْكُمْ مِّنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿٥٢﴾ وَاِذْ اٰتَيْنَا

ظالم هئا۝ پوءِ ان کان بعد اسان توهان کي معافي عطا فرمائي تہ جيئن توهان شڪر ادا ڪريو۝ ۽ ياد ڪريو جڏهن اسان موسيٰ کي ڪتاب

مُوْسَى الْكِتٰبَ وَالْفُرْقَانَ لَعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿٥٣﴾ وَاِذْ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهٖ يٰقَوْمِ

عطا ڪيو ۽ حق ۽ باطل ۾ فرق ڪرڻ تہ جيئن توهان هدايت ماڻيو۝ ۽ ياد ڪريو جڏهن موسيٰ پنهنجي قوم کي چيو: اي منهنجي

اِنَّكُمْ ظَلَمْتُمْ اَنْفُسَكُمْ بِاتِّخَاذِكُمُ الْعِجْلَ فَتُوْبُوْٓا اِلٰى بَارِئِكُمْ فَاقْتُلُوْٓا

قوم توهان ڳابي (کي معبود) بڻائي پنهنجي جانين تي ظلم ڪيو تنهنڪري (هاڻي) پنهنجي پيدا ڪرڻ واري جي بارگاهہ ۾ توبہ ڪريو (هن طرح)

---

حاشيه (1)...هن مان معلوم ٿيو تہ قيامت جي ڏينهن ڪافر کي نہ ڪو ڪافر نفعو پهچائي سگهندو ۽ نہ ڪو مسلمان، ان ڏينهن شفاعت صرف مسلمان جي لاءِ هوندي. (2)...فرعون ۽ فرعونين جي هلاڪت کان پوءِ جڏهن حضرت موسيٰ عليه السلام بني اسرائيل کي وٺي مصر ڏانهن موٽيا پوءِ انهن جي درخواست تي الله تعاليٰ تورات عطا فرمائڻ جو واعدو فرمايو ۽ ان جي لاءِ ٽيهہ ڏينهن ۽ وڌيڪ ڏهن ڏينهن جو اضافو ڪري چاليھ ڏينهن جي مدت مقرر ٿي.

اَنْفُسَكُمْ ۭ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ عِنْدَ بَارِىِٕكُمْ ۭ فَتَابَ عَلَيْكُمْ ۭ اِنَّهٗ هُوَ التَّوَّابُ

جو توهان پنهنجي ماڻهن کي قتل ڪريو، (1) اهو توهان جي پيدا ڪرڻ واري وٽ توهان جي لاءِ بهتر آهي پوءِ ان توهان جي توبه قبول ڪئي

الرَّحِيْمُ ﴿٥٤﴾ وَاِذْ قُلْتُمْ يٰمُوْسٰى لَنْ نُّؤْمِنَ لَكَ حَتّٰى نَرَى اللّٰهَ جَهْرَةً

بيشڪ اهو ئي گهڻو توبه قبول ڪرڻ وارو مهربان آهيo ۽ ياد ڪريو جڏهن توهان چيو: اي موسيٰ! اسان هرگز توهان جو يقين نه ڪنداسين جيستائين

فَاَخَذَتْكُمُ الصّٰعِقَةُ وَاَنْتُمْ تَنْظُرُوْنَ ﴿٥٥﴾ ثُمَّ بَعَثْنٰكُمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَوْتِكُمْ

ظاهر ظهور خدا کي نه ڏسي وٺون پوءِ توهان جي ڏسندي ئي ڏسندي توهان کي ڪڙڪ (گجگوڙ) اچي ورتوo (2) پوءِ توهان جي موت کان پوءِ اسان توهان کي

لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿٥٦﴾ وَظَلَّلْنَا عَلَيْكُمُ الْغَمَامَ وَاَنْزَلْنَا عَلَيْكُمُ الْمَنَّ وَ

زنده ڪيو ته جيئن توهان شڪر ادا ڪريوo ۽ اسان توهان جي مٿان ڪڪرن کي ڇانوَ بڻائي ڇڏيو ۽ توهان جي مٿان من ۽

السَّلْوٰى ۭ كُلُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا رَزَقْنٰكُمْ ۭ وَمَا ظَلَمُوْنَا وَلٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ

سلويٰ لاٿو(3) (ته جيئن) اسان جون ڏنل پاڪيزه شيون کائو ۽ انهن اسان جو ڪجهه نه بگاڙيو بلڪ پنهنجي جانين تي

يَظْلِمُوْنَ ﴿٥٧﴾ وَاِذْ قُلْنَا ادْخُلُوْا هٰذِهِ الْقَرْيَةَ فَكُلُوْا مِنْهَا حَيْثُ شِئْتُمْ رَغَدًا وَّ

ئي ظلم ڪندا رهياo ۽ جڏهن اسان انهن کي چيو ته هن شهر ۾ داخل ٿي وڃو پوءِ ان ۾ جتي چاهيو بنا روڪ ٽوڪ کائو ۽

ادْخُلُوا الْبَابَ سُجَّدًا وَّقُوْلُوْا حِطَّةٌ نَّغْفِرْ لَكُمْ خَطٰيٰكُمْ ۭ وَسَنَزِيْدُ

دروازي مان سجدو ڪندي داخل ٿجو ۽ چوندا رهجو، اسان جا گناهه معاف ٿين، اسان توهان جون خطائون بخشي ڇڏينداسين ۽

الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٥٨﴾ فَبَدَّلَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا قَوْلًا غَيْرَ الَّذِيْ قِيْلَ لَهُمْ فَاَنْزَلْنَا

عنقريب اسان نيڪي ڪرڻ وارن کي اجان وڌيڪ عطا ڪنداسينo پوءِ انهن ظالمن جيڪو انهن کي چيو ويو هو ان کي هڪ ٻي ڳالهه سان بدلائي ڇڏيو (4)

حاشيه: (1)... هن آيت مان معلوم ٿيو ته شرڪ ڪرڻ سان مسلمان مرتد ٿي ويندو آهي ۽ مرتد جي سزا قتل آهي ڇو ته اهو الله تعاليٰ سان بغاوت ڪري رهيو آهي ۽ جيڪو الله تعاليٰ جو باغي هجي ان کي قتل ڪري ڇڏڻ ئي حڪمت ۽ مصلحت جي عين مطابق آهي. (2)... هن واقعي مان شانِ انبياء عَلَيهِمُ السَّلَام به ظاهر ٿيو جو حضرت موسيٰ عَلَيهِ السَّلَام کي ”اسان اوهان جو يقين نه ڪنداسين“ چوڻ جي شامت ۾ بني اسرائيل هلاڪ ڪيا ويا. (3)... ”من“ جي باري ۾ صحيح قول اهو آهي ته اها ترنجبين وانگر هڪ مني شيء هئي ۽ ”سلويٰ“ جي باري ۾ صحيح قول هي آهي ته اهو هڪ ننڍو پکي هو. (4)... بني اسرائيل کي هي حڪم هو ته دروازي ما سجدو ڪندي ۽ زبان سان ”حِطَّةٌ“ چوندي داخل ٿين، انهن ٻنهي حڪمن جي مخالفت ڪئي ۽ سجدو ڪندي داخل ٿيڻ جي بدران ڏڍ پر ڳهلجندي داخل ٿيا ۽ توبهه ۽ استغفار جو ڪلمو پڙهڻ جي بدران مذاق جي طور تي ”حَبَّةٌ فِي شَعرة“ چوڻ لڳا جنهن جي معني هئي: وار ۾ داڻو.

ع٦/٢

عَلَى الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا رِجْزًا مِّنَ السَّمَآءِ بِمَا كَانُوْا يَفْسُقُوْنَ ﴿٥٩﴾ ع وَ اِذِ اسْتَسْقٰى

پوءِ اسان آسمان مان انهن ظالمن تي عذاب نازل ڪيو ڇوته اهي نافرماني ڪندا هئا○ ۽ ياد ڪريو، جڏهن موسيٰ

مُوْسٰى لِقَوْمِهٖ فَقُلْنَا اضْرِبْ بِّعَصَاكَ الْحَجَرَ ؕ فَانْفَجَرَتْ مِنْهُ اثْنَتَا عَشْرَةَ

پنهنجي قوم جي لاءِ پاڻي گهريو (1) ته اسان فرمايو ته پٿر تي پنهنجي لٺ هڻ، پوءِ يڪدم ان مان ٻارهن چشما وهي نڪتا(2) (۽)

عَيْنًا ؕ قَدْ عَلِمَ كُلُّ اُنَاسٍ مَّشْرَبَهُمْ ؕ كُلُوْا وَاشْرَبُوْا مِنْ رِّزْقِ اللّٰهِ وَ

هر ٽولي پنهنجي پاڻي پيئڻ جي جڳهه کي سڃاڻي ورتو (۽ اسان فرمايو ته) الله جو رزق کائو ۽ پيئو ۽

لَا تَعْثَوْا فِي الْاَرْضِ مُفْسِدِيْنَ ﴿٦٠﴾ وَ اِذْ قُلْتُمْ يٰمُوْسٰى لَنْ نَّصْبِرَ عَلٰى طَعَامٍ

زمين ۾ فساد پکيڙيندي نه ڦرو○ ۽ جڏهن توهان چيو: اي موسيٰ! اسان هڪ کاڌي تي هرگز صبر نٿا ڪري سگهون، (3)

وَّاحِدٍ فَادْعُ لَنَا رَبَّكَ يُخْرِجْ لَنَا مِمَّا تُنْۢبِتُ الْاَرْضُ مِنْۢ بَقْلِهَا وَقِثَّآئِهَا وَ

تنهنڪري توهان پنهنجي رب کان دعا ڪريو ته اسان جي لاءِ اهي شيون ڪڍي جيڪي زمين ڄمائي ٿي جيئن ساڳ ۽ ونگي ۽

فُوْمِهَا وَعَدَسِهَا وَبَصَلِهَا ؕ قَالَ اَتَسْتَبْدِلُوْنَ الَّذِيْ هُوَ اَدْنٰى بِالَّذِيْ هُوَ

ڪڻڪ ۽ مسور ۽ بصر. فرمايائين: ڇا توهان بهتر شيءِ جي بدلي ۾ بيڪار شيون گهرو ٿا، (چڱو پوءِ)

خَيْرٌ ؕ اِهْبِطُوْا مِصْرًا فَاِنَّ لَكُمْ مَّا سَاَلْتُمْ ؕ وَضُرِبَتْ عَلَيْهِمُ الذِّلَّةُ وَ

مصر جي ملڪ يا ڪنهن شهر ۾ قيام ڪريو، اتي توهان کي اهو سڀ ڪجهه ملندو جيڪو توهان گهريو آهي ۽ انهن تي ذلت ۽ غربت مسلط

الْمَسْكَنَةُ ۗ وَبَآءُوْ بِغَضَبٍ مِّنَ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ كَانُوْا يَكْفُرُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَ

ڪئي وئي (4) ۽ اهي خدا جي غضب جا مستحق ٿي ويا، اها ذلت ۽ غربت ان ڪري هئي جو هي الله جي آيتن جو انڪار ڪندا هئا ۽

---

**حاشيه** 1...هن آيت ۾ ماڻهن جو انبياء ڪرام عليهم السلام جي بارگاهه ۾ مدد گهرڻ ۽ انبياء ڪرام عليهم السلام جو انهن جي مشڪل آسان ڪرڻ جو ثبوت به آهي. 2...پٿر مان چشمو جاري ڪرڻ حضرت موسيٰ عليه السلام جو عظيم معجزو هو جڏهن ته اسان جي آقا، حضور سيد المرسلين صلى الله تعالى عليه واله وسلم پنهنجي مبارڪ آڱرين مان پاڻي جا چشما جاري فرمايا ۽ هي ان کان به وڌو معجزو هو. 3...بني اسرائيل ساڳ ونگي وغيره جيڪي شيون گهريون انهن جو مطالبو گناهه نه هو پر "من ۽ سلويٰ" جهڙي نعمت کي ڇڏي ڪري انهن ڏانهن مائل ٿيڻ ننڍي سوچ آهي. جڏهن وڏن سان نسبت هجي ته دل ۽ دماغ ۽ سوچ به وڏي بڻائڻ گهرجي. 4...بني اسرائيل بلند مرتبن تي فائز هئڻ کان پوءِ جن سببن جي ڪري ذلت ۽ غربت جي اونهي کڏ ۾ ڪريا ڪاش! انهن سببن کي سامهون رکندي عبرت ۽ نصيحت جي لاءِ هڪ پيرو مسلمان به پنهنجي عملن ۽ فعلن جو جائزو وٺن ۽ پنهنجي ماضي ۽ حال جو مشاهدو ڪن.

ع٨

يَقْتُلُوْنَ النَّبِيّٖنَ بِغَيْرِ الْحَقِّ ؕ ذٰلِكَ بِمَا عَصَوْا وَّ كَانُوْا يَعْتَدُوْنَ ﴿٦١﴾ اِنَّ

نبين کي ناحق شهيد ڪندا هئا. (۽) اها ان ڪري هئي جو انهن نافرماني ڪئي ۽ اهي مسلسل سرڪشي ڪري رهيا هئاo بيشڪ

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ الَّذِيْنَ هَادُوْا وَ النَّصٰرٰى وَ الصّٰبِـِٕيْنَ مَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ

ايمان وارن پڻ يهودين ۽ عيسائين ۽ تارن جي پوڄا ڪرڻ وارن مان جيڪي بہ سچي دل سان الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان آڻن

الْاٰخِرِ وَ عَمِلَ صَالِحًا فَلَهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ وَ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَ لَا هُمْ

۽ نيڪ ڪم ڪن تہ ان جو ثواب انهن جي رب وٽ آهي ۽ انهن تي نہ ڪو خوف هوندو ۽ نہ اهي غمگين ٿينداo ۽ ياد ڪريو جڏهن اسان توهان کان

يَحْزَنُوْنَ ﴿٦٢﴾ وَ اِذْ اَخَذْنَا مِيْثَاقَكُمْ وَ رَفَعْنَا فَوْقَكُمُ الطُّوْرَ ؕ خُذُوْا مَاۤ اٰتَيْنٰكُمْ

عهد ورتو ۽ توهان جي مٿان طور جبل کي لٽڪائي ڇڏيو (۽ چيو تہ) مضبوطي سان پڪڙيو ان (ڪتاب) کي جيڪو اسان توهان کي عطا ڪيو

بِقُوَّةٍ وَّ اذْكُرُوْا مَا فِيْهِ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿٦٣﴾ ثُمَّ تَوَلَّيْتُمْ مِّنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ ۚ فَلَوْ لَا

آهي(1) ۽ جيڪو ڪجهہ ان ۾ بيان ڪيو ويو آهي ان کي ياد ڪريو هن اميد تي تہ توهان پرهيزگار بڻجي وڃوo ان کان پوءِ وري توهان ڦري ويؤ تہ جيڪڏهن توهان

فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَ رَحْمَتُهٗ لَكُنْتُمْ مِّنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿٦٤﴾ وَ لَقَدْ عَلِمْتُمُ الَّذِيْنَ

تي الله جو فضل ۽ ان جي رحمت نہ هجي ها تہ توهان نقصان کڻڻ وارن مان تي وڃو هاo ۽ يقينًا توهان کي معلوم آهن اهي ماڻهو جن توهان

اعْتَدَوْا مِنْكُمْ فِي السَّبْتِ فَقُلْنَا لَهُمْ كُوْنُوْا قِرَدَةً خٰسِـِٕيْنَ ﴿٦٥﴾ ۚ فَجَعَلْنٰهَا نَكَالًا

مان ڇنڇر جي ڏينهن ۾ سرڪشي ڪئي، تہ اسان انهن کي چيو تہ تڙيل ٻولڙا بڻجي وڃوo پوءِ اسان اهو واقعو ان وقت جي ماڻهن

لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهَا وَ مَا خَلْفَهَا وَ مَوْعِظَةً لِّلْمُتَّقِيْنَ ﴿٦٦﴾ وَ اِذْ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهٖۤ

۽ ان کان پوءِ وارن جي لاءِ عبرت ۽ پرهيزگارن جي لاءِ نصيحت بڻائي ڇڏيو(2)o ۽ ياد ڪريو جڏهن موسيٰ پنهنجي قوم کي فرمايو:

حاشيہ 1...هن ۾ صورةً واعدو پورو ڪرڻ تي مجبور ڪرڻ ذڪر ٿيو پيو وڃي، هن حوالي سان ياد رهي تہ دين قبول ڪرڻ تي جبر (مجبور) نٿو ڪري سگهجي البت دين قبول ڪرڻ کان پوءِ ان جي احڪامن تي عمل ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويندو. هن جو مثال ائين سمجهو تہ ڪنهن کي پنهنجي ملڪ ۾ آڻڻ تي حڪومت مجبور ناهي ڪندي پر جيڪڏهن ڪو ملڪ ۾ اچي وڃي تہ حڪومت ان کي قانون تي عمل ڪرڻ تي ضرور مجبور ڪندي. 2...هن مان معلوم ٿيو تہ قرآنِ پاڪ ۾ عذاب جا واقعا اسان جي عبرت لاءِ بيان ڪيا ويا آهن تنهنڪري قرآنِ پاڪ جي حقن مان آهي تہ اهڙي طرح جا واقعا ۽ آيتون پڙهي ڪري پنهنجي اصلاح ڏانهن بہ توجهہ ڪئي وڃي.

إِنَّ اللّٰهَ يَأْمُرُكُمْ أَنْ تَذْبَحُوْا بَقَرَةً ۗ قَالُوْٓا أَتَتَّخِذُنَا هُزُوًا ۗ قَالَ أَعُوْذُ

بيشڪ الله توهان کي حڪم ڏئي ٿو تہ هڪ ڳئون ذبح ڪريو پوءِ انهن چيو تہ ڇا توهان اسان سان مذاق ڪيو ٿا؟ موسيٰ فرمايو:

بِاللّٰهِ أَنْ أَكُوْنَ مِنَ الْجٰهِلِيْنَ ﴿٦٧﴾ قَالُوا ادْعُ لَنَا رَبَّكَ يُبَيِّنْ لَّنَا مَا هِيَ ۗ قَالَ

مان الله جي پناهہ گهران ٿو جو مان جاهلن مان ٿيان (1)o انهن چيو تہ اوهان پنهنجي رب کان دعا گهرو تہ اهو اسان کي ٻڌائي تہ اها ڳئون ڪهڙي طرح جي آهي؟ فرمايائون:

إِنَّهٗ يَقُوْلُ إِنَّهَا بَقَرَةٌ لَّا فَارِضٌ وَّلَا بِكْرٌ ۗ عَوَانٌ بَيْنَ ذٰلِكَ ۗ فَافْعَلُوْا مَا

الله فرمائي ٿو تہ اها هڪ اهڙي ڳئون آهي جيڪا نہ ئي پوڙهي آهي ۽ نہ بلڪل گهٽ عمر بلڪ انهن ٻنهيءَ جي وچواري هجي، پوءِ اهو ڪريو جنهن جو توهان

تُؤْمَرُوْنَ ﴿٦٨﴾ قَالُوا ادْعُ لَنَا رَبَّكَ يُبَيِّنْ لَّنَا مَا لَوْنُهَا ۗ قَالَ إِنَّهٗ يَقُوْلُ

کي حڪم ڏنو پيو وڃي (2)o انهن چيو: اوهان پنهنجي رب کان دعا گهرو تہ هو اسان کي ٻڌائي، ان ڳئون جو رنگ ڪهڙو آهي؟ فرمايائون تہ

إِنَّهَا بَقَرَةٌ صَفْرَآءُ ۙ فَاقِعٌ لَّوْنُهَا تَسُرُّ النّٰظِرِيْنَ ﴿٦٩﴾ قَالُوا ادْعُ لَنَا رَبَّكَ يُبَيِّنْ

الله فرمائي ٿو تہ اها ڦِڪي رنگ جي ڳئون آهي جنهن جو رنگ گهٽو ڳهرو آهي، اها ڳئون ڏسڻ وارن کي خوشي ڏيندي آهيo انهن چيو: اوهان پنهنجي رب

لَّنَا مَا هِيَ ۙ إِنَّ الْبَقَرَ تَشٰبَهَ عَلَيْنَا ۗ وَإِنَّآ إِنْ شَآءَ اللّٰهُ لَمُهْتَدُوْنَ ﴿٧٠﴾ قَالَ

کان دعا ڪريو تہ اسان جي لاءِ واضح طور بيان ڪري تہ اها ڳئون ڪهڙي طرح جي آهي؟ ڇوتہ بيشڪ ڳئون اسان تي مشتبہ ٿي وئي آهي ۽ جيڪڏهن الله چاهيندو تہ يقيناً

إِنَّهٗ يَقُوْلُ إِنَّهَا بَقَرَةٌ لَّا ذَلُوْلٌ تُثِيْرُ الْأَرْضَ وَلَا تَسْقِي الْحَرْثَ ۚ مُسَلَّمَةٌ

اسان راهہ ماڻيندا سينo (موسيٰ) فرمايو: الله فرمائي ٿو تہ اها هڪ اهڙي ڳئون آهي جنهن کان اها خدمت ناهي ورتي ويندي جو اها زمين ۾ هر هلائي ۽ نہ

ع ٨ ٨ لَّا شِيَةَ فِيْهَا ۗ قَالُوا الْـٰٔنَ جِئْتَ بِالْحَقِّ ۗ فَذَبَحُوْهَا وَمَا كَادُوْا يَفْعَلُوْنَ ﴿٧١﴾ ع

اها فصل کي پاڻي ڏيئي ٿي بلڪل بي عيب آهي، ان ۾ ڪو داغ نہ آهي، (3) (اهو ٻڌي) انهن چيو: هاڻي اوهان بلڪل درست ڳالهہ آندي آهي پوءِ ان ڳئونءَ کي ذبح ڪيائون

حاشيہ 1...پيغمبر ڪوڙ، دل لڳي ۽ کنهن جو مذاق اڏائڻ وغيره عيبن کان پاڪ آهن البت خوش طبعي هڪ تعريف لائق صفت آهي هيءُ انهن ۾ ٿي سگهي ٿي. 2...نبي جي فرمان تي بغير کنهن سوچ ۽ خيال جي عمل ڪرڻ گهرجي ۽ عمل ڪرڻ جي بدران اجائي ڳالهہ ڪاهڻ بي ادبن جو ڪم آهي. 3...هن مان معلوم ٿيو تہ شرعي احڪامن جي متعلق نامناسب بحث مشقت جو سبب آهي.

وَإِذْ قَتَلْتُمْ نَفْسًا فَادّٰرَءْتُمْ فِيهَا ۖ وَاللَّهُ مُخْرِجٌ مَا كُنْتُمْ تَكْتُمُونَ ﴿٧٢﴾ فَقُلْنَا

حالانڪ اهي ذبح ڪندي معلوم نه ٿيندا هئا○ ۽ ياد ڪريو جڏهن توهان هڪ شخص کي قتل ڪري ڇڏيو پوءِ ان جو الزام ڪنهن ٻي تي وجهڻ

اضْرِبُوهُ بِبَعْضِهَا ۚ كَذَٰلِكَ يُحْيِي اللَّهُ الْمَوْتَىٰ وَيُرِيكُمْ آيَاتِهِ لَعَلَّكُمْ

لڳا حالانڪ الله ظاهر ڪرڻ وارو هو ان کي جنهن کي توهان لڪائي رهيا هئا○ پوءِ اسان فرمايو: (ته) ان مقتول کي ان ڳئون جو هڪ ٽڪرو هڻو. اهڙي طرح الله

تَعْقِلُونَ ﴿٧٣﴾ ثُمَّ قَسَتْ قُلُوبُكُمْ مِنْ بَعْدِ ذَٰلِكَ فَهِيَ كَالْحِجَارَةِ أَوْ أَشَدُّ

مردن کي زنده ڪندو. ۽ اهو توهان کي پنهنجون نشانيون ڏيکاري ٿو ته جيئن توهان سمجهي وڃو○ پوءِ ان کان بعد توهان جون دليون سخت ٿي ويون(1) ته اهي پٿرن جيان

قَسْوَةً ۚ وَإِنَّ مِنَ الْحِجَارَةِ لَمَا يَتَفَجَّرُ مِنْهُ الْأَنْهَارُ ۚ وَإِنَّ مِنْهَا لَمَا يَشَّقَّقُ

آهن بلڪ انهن کان به وڌيڪ سخت ۽ پٿرن مان ته ڪجھ اهي آهن جن مان نديون وهي نڪرن ٿيون ۽ ڪجھ اهي آهن جو جڏهن ڦاٽي پون ٿا

فَيَخْرُجُ مِنْهُ الْمَاءُ ۚ وَإِنَّ مِنْهَا لَمَا يَهْبِطُ مِنْ خَشْيَةِ اللَّهِ ۗ وَمَا اللَّهُ بِغَافِلٍ

ته انهن مان پاڻي نڪرندو آهي ۽ ڪجھ اهي آهن جيڪي الله جي ڊپ کان ڪري پوندا آهن ۽ الله توهان جي عملن کان هرگز بي

عَمَّا تَعْمَلُونَ ﴿٧٤﴾ أَفَتَطْمَعُونَ أَنْ يُؤْمِنُوا لَكُمْ وَقَدْ كَانَ فَرِيقٌ مِنْهُمْ

خبر نه آهي○ پوءِ اي مسلمانو! ڇا توهان اها اميد رکو ٿا ته اهي توهان جي ڪري ايمان آڻيندا حالانڪ انهن ۾

يَسْمَعُونَ كَلَامَ اللَّهِ ثُمَّ يُحَرِّفُونَهُ مِنْ بَعْدِ مَا عَقَلُوهُ وَهُمْ يَعْلَمُونَ ﴿٧٥﴾ وَإِذَا

هڪ ٽولو اهو هو جيڪي الله جو ڪلام ٻڌندا هئا ۽ پوءِ ان کي سمجهڻ کان بعد ڄاڻي واڻي تبديل ڪري ڇڏيندا هئا(2)○ ۽ جڏهن اهي مسلمانن

لَقُوا الَّذِينَ آمَنُوا قَالُوا آمَنَّا وَإِذَا خَلَا بَعْضُهُمْ إِلَىٰ بَعْضٍ قَالُوا أَتُحَدِّثُونَهُمْ

سان ملندا آهن ته چوندا آهن ته اسان ايمان آڻي چڪا آهيون ۽ جڏهن پاڻ ۾ اڪيلا هوندا آهن ته چوندا آهن: ڇا انهن جي سامهون اهو علم بيان ڪيو ٿا

---

حاشيه (1)...هن مان معلوم ٿيو ته دل جي سختي تمام خطرناڪ آهي. (2)...هن مان معلوم ٿيو ته عالِم جو بگڙڻ عوام جي بگڙڻ کان وڌيڪ تباهه ڪندڙ آهي ڇو ته عوام عالمن کي پنهنجو هادي ۽ رهنما سمجهندا آهن، اهي عالمن جي ڳالهين تي عمل ڪندا آهن ۽ انهن جي ڪمن کي دليل بڻائيندا آهن ۽ جڏهن عالمن ئي جي عقيدن ۽ عملن ۾ بگاڙ پيدا ٿي وڃي ته عوام هدايت جي راهه تي ڪيئن هلي سگهندو.

بِمَا فَتَحَ اللّٰهُ عَلَيْكُمْ لِيُحَآجُّوْكُمْ بِهٖ عِنْدَ رَبِّكُمْ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿۷۶﴾

جيڪو الله توهان تي ظاهر ڪيو آهي؟ ته جيئن ان جي ذريعي اهي توهان جي رب جي بارگاهہ ۾ توهان تي حجت قائم ڪن، ڇا توهان کي عقل ناهي؟ (1)○

اَوَلَا يَعْلَمُوْنَ اَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا يُسِرُّوْنَ وَمَا يُعْلِنُوْنَ ﴿۷۷﴾ وَمِنْهُمْ اُمِّيُّوْنَ

ڇا اهي ايترِي ڳالهہ نٿا ڄاڻن تہ الله ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجهہ اهي لڪائن ٿا ۽ جيڪو ڪجهہ ظاهر ڪن ٿا○ ۽ انهن مان ڪجهہ اڻ پڙهيل آهن جيڪي ڪتاب کي

لَا يَعْلَمُوْنَ الْكِتٰبَ اِلَّاۤ اَمَانِيَّ وَاِنْ هُمْ اِلَّا يَظُنُّوْنَ ﴿۷۸﴾ فَوَيْلٌ لِّلَّذِيْنَ يَكْتُبُوْنَ

النصف

نٿا ڄاڻن پر زباني پڙهڻ يا ڪجهہ پنهنجي من گهڙت ۽ اهي صرف خيال ۽ گمان ۾ پيل آهن○ سو بربادي آهي انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي پنهنجي

الْكِتٰبَ بِاَيْدِيْهِمْ ۗ ثُمَّ يَقُوْلُوْنَ هٰذَا مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ لِيَشْتَرُوْا بِهٖ ثَمَنًا

هٿن سان ڪتاب لکن ٿا پوءِ چون ٿا: هي خدا جي طرف کان آهي تہ جيئن ان جي بدلي ۾ ٿوري قيمت حاصل ڪن جڏهن تہ انهن ماڻهن

قَلِيْلًا ؕ فَوَيْلٌ لَّهُمْ مِّمَّا كَتَبَتْ اَيْدِيْهِمْ وَوَيْلٌ لَّهُمْ مِّمَّا يَكْسِبُوْنَ ﴿۷۹﴾ وَ

جي لاءِ انهن جي هٿن جي لکيل هٿڻ جي ڪري هلاڪت آهي ۽ انهن جي لاءِ انهن جي ڪمائي جي ڪري تباهي ۽ بربادي آهي○ ۽

قَالُوْا لَنْ تَمَسَّنَا النَّارُ اِلَّاۤ اَيَّامًا مَّعْدُوْدَةً ؕ قُلْ اَتَّخَذْتُمْ عِنْدَ اللّٰهِ عَهْدًا

چيائون: اسان کي تہ باهہ هرگز نہ ڇهندي پر ڳڻپ جا ڪجهہ ڏينهن. اي حبيب! اوهان فرمايو: ڇا توهان خدا کان ڪو واعدو ورتو آهي؟ (جيڪڏهن ائين آهي،

فَلَنْ يُّخْلِفَ اللّٰهُ عَهْدَهٗۤ اَمْ تَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿۸۰﴾ بَلٰى مَنْ كَسَبَ

پوءِ) تہ الله هرگز واعدي خلافي نہ ڪندو بلڪ توهان الله تي اها ڳالهہ چئي رهيا آهيو جنهن جو توهان کي علم ناهي○ ڇو نہ، جنهن

سَيِّئَةً وَّاَحَاطَتْ بِهٖ خَطِيْٓئَتُهٗ فَاُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿۸۱﴾ وَ

گناهہ ڪمايو (2) ۽ ان جي خطا ان جو گهيرو ڪري ورتو (3) پوءِ اهي ئي ماڻهو جهنمي آهن، اهي هميشہ ان ۾ رهندا○ ۽

حاشيہ 1...هن مان معلوم ٿيو تہ حق لڪائڻ ۽ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اوصافن کي لڪائڻ ۽ انهن جي ڪمالن جو انڪار ڪرڻ يهودين جو طريقو آهي. 2...هن آيت ۾ گناهہ مان شرڪ ۽ ڪفر مراد آهي. 3...احاطو ڪرڻ مان هي مراد آهي تہ نجات جون تمام واٽون بند ٿي وڃن ۽ ڪفر ۽ شرڪ تي ئي ان کي موت اچي.

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٨٢﴾ ع

جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا اهي جنت وارا آهن انهن کي هميشه ان ۾ رهڻو آهي○

وَاِذْ اَخَذْنَا مِيْثَاقَ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ لَا تَعْبُدُوْنَ اِلَّا اللّٰهَ قف وَبِالْوَالِدَيْنِ

۽ ياد ڪريو جڏهن اسان بني اسرائيل کان عهد ورتو ته الله کان سواءِ ڪنهن جي عبادت نه ڪريو ۽ ماءُ پيءُ

اِحْسَانًا وَّذِي الْقُرْبٰى وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنِ وَقُوْلُوْا لِلنَّاسِ حُسْنًا وَّاَقِيْمُوا

سان ڀلائي ڪريو ۽ مائٽن ۽ يتيمن ۽ مسڪينن سان (سنو سلوڪ ڪريو) ۽ ماڻهن کي چڱي ڳالهه چئو(1) ۽ نماز قائم

الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ ط ثُمَّ تَوَلَّيْتُمْ اِلَّا قَلِيْلًا مِّنْكُمْ وَاَنْتُمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿٨٣﴾

رکو ۽ زڪوٰة ڏيو (پر) پوءِ توهان مان ڪجهه ماڻهن کان علاوه سڀ ڦري ويا ۽ توهان (ائين ئي الله جي احڪامن کان) منهن موڙڻ وارا آهيو(2)○

وَاِذْ اَخَذْنَا مِيْثَاقَكُمْ لَا تَسْفِكُوْنَ دِمَآءَكُمْ وَلَا تُخْرِجُوْنَ اَنْفُسَكُمْ مِّنْ

۽ ياد ڪريو جڏهن اسان توهان کان عهد ورتو ته پاڻ ۾ ڪنهن جو رت نه وهائجو ۽ پنهنجن ماڻهن کي پنهنجن ڳوٺن مان نه

دِيَارِكُمْ ثُمَّ اَقْرَرْتُمْ وَاَنْتُمْ تَشْهَدُوْنَ ﴿٨٤﴾ ثُمَّ اَنْتُمْ هٰٓؤُلَآءِ تَقْتُلُوْنَ

ڪڍجو پوءِ توهان اقرار به ڪيو ۽ توهان (پاڻ ان جا) گواهه آهيو○ پوءِ اهي توهان ئي آهيو جيڪي پنهنجي ماڻهن کي قتل (به) ڪرڻ لڳؤ

اَنْفُسَكُمْ وَتُخْرِجُوْنَ فَرِيْقًا مِّنْكُمْ مِّنْ دِيَارِهِمْ ز تَظٰهَرُوْنَ عَلَيْهِمْ بِالْاِثْمِ وَ

۽ پاڻ مان هڪ ٽولي کي ان جي وطن مان (به) ڪڍڻ لڳؤ، توهان انهن جي خلاف گناهه ۽ زيادتي جي ڪمن ۾ مدد به ڪيو ٿا ۽ جيڪڏهن اهي ئي قيدي ٿي

الْعُدْوَانِ ط وَاِنْ يَّاْتُوْكُمْ اُسٰرٰى تُفٰدُوْهُمْ وَهُوَ مُحَرَّمٌ عَلَيْكُمْ اِخْرَاجُهُمْ ط

توهان وٽ اچن پوءِ توهان معاوضو ڏئي انهن کي ڇڏائي وٺو ٿا حالانڪ توهان تي ته انهن کي ڪڍڻ ئي حرام آهي ته ڇا توهان الله جي ڪجهه

حاشيه 1...چڱي ڳالهه مان مراد نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ برائين کان روڪڻ آهي. نيڪي جي دعوت ۾ ان جا تمام طريقا داخل آهن، جيئن بيان ڪرڻ، درس ڏيڻ، وعظ ۽ نصيحت ڪرڻ وغيره. 2...هن مان معلوم ٿيو ته بني اسرائيل جي عادت ئي الله تعاليٰ جي احڪامن کان منهن ڦيرڻ ۽ ان جي عهد کان ڦري وڃڻ آهي

أَفَتُؤْمِنُوْنَ بِبَعْضِ الْكِتٰبِ وَتَكْفُرُوْنَ بِبَعْضٍ ۚ فَمَا جَزَآءُ مَنْ يَّفْعَلُ

احڪامن ڪي مڃو ٿا ۽ ڪجهه جو انڪار ڪيو ٿا؟(1) پوءِ جيڪو توهان مان ائين ڪري ان جو بدلو دنياوي زندگي ۾

ذٰلِكَ مِنْكُمْ اِلَّا خِزْيٌ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَيَوْمَ الْقِيٰمَةِ يُرَدُّوْنَ اِلٰٓى اَشَدِّ

ذلت ۽ رسوائي کان سواءِ ٻيو ڪهڙو آهي(2) ۽ قيامت جي ڏينهن انهن کي سخت عذاب ڏانهن

الْعَذَابِ ؕ وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿۸۵﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ اشْتَرَوُا

موٽايو ويندو ۽ الله توهان جي عملن کان بي خبر ناهي۝ هي اهي ئي ماڻهو آهن جن آخرت جي بدلي دنيا جي

ع ۱۰ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا بِالْاٰخِرَةِ ز فَلَا يُخَفَّفُ عَنْهُمُ الْعَذَابُ وَلَا هُمْ يُنْصَرُوْنَ ﴿۸۶﴾ وَ

زندگي خريدي ورتي پوءِ انهن کان نه ئي عذاب هلڪو ڪيو ويندو ۽ نه ئي انهن جي مدد ڪئي ويندي۝ ۽ بيشڪ اسان

لَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ وَقَفَّيْنَا مِنْۢ بَعْدِهٖ بِالرُّسُلِ ز وَاٰتَيْنَا عِيْسَى ابْنَ

موسيٰ کي ڪتاب عطا ڪيو ۽ ان کان پوءِ هڪ ٻئي پٺيان رسول موڪليا ۽ اسان عيسيٰ بن مريم کي پڌريون نشانيون عطا ڪيون ۽ پاڪ روح جي ذريعي

مَرْيَمَ الْبَيِّنٰتِ وَاَيَّدْنٰهُ بِرُوْحِ الْقُدُسِ ؕ اَفَكُلَّمَا جَآءَكُمْ رَسُوْلٌۢ بِمَا لَا تَهْوٰٓى

ان جي مدد ڪئي(3) سو (اي بني اسرائيل!) ڇا (توهان جو اهو معمول نه آهي؟ ته) جڏهن به توهان وٽ ڪو رسول اهڙا احڪام کڻي تشريف فرما ٿيو جن کي توهان

اَنْفُسُكُمُ اسْتَكْبَرْتُمْ ۚ فَفَرِيْقًا كَذَّبْتُمْ ز وَفَرِيْقًا تَقْتُلُوْنَ ﴿۸۷﴾ وَقَالُوْا قُلُوْبُنَا

جون دليون پسند نه ڪنديون هيون ته توهان تڪبر ڪندا هئا پوءِ ان (نبين مان) هڪ ٽولي کي توهان ڪوڙو چوندا هئا ۽ هڪ ٽولي کي شهيد ڪري ڇڏيندا هئا۝

غُلْفٌ ؕ بَلْ لَّعَنَهُمُ اللّٰهُ بِكُفْرِهِمْ فَقَلِيْلًا مَّا يُؤْمِنُوْنَ ﴿۸۸﴾ وَلَمَّا جَآءَهُمْ

۽ يهودين چيو: اسان جي دلين تي پردا پيل آهن بلڪ الله انهن جي ڪفر جي ڪري انهن تي لعنت ڪري ڇڏي آهي پوءِ انهن مان ٿورا ماڻهو ئي ايمان آڻيندا آهن۝

---

**حاشيه** 1...هن آيت مان معلوم ٿيو ته شريعت جي تمام احڪامن تي ايمان رکڻ ضروري آهي ۽ تمام ضروري احڪامن تي عمل ڪرڻ به ضروري آهي. ڪو به شخص ڪنهن به وقت شريعت جي پابندي کان آزاد نٿو ٿي سگهي ۽ پاڻ کي طريقت جو نالو ڏئي يا ڪنهن به طريقي سان شريعت کان پاڻ کي آزاد چوڻ وارا ڪافر آهن. 2...هن مان معلوم ٿيو ته ڪنهن جي طرفداري ۾ دين جي مخالفت ڪرڻ اُخروي عذاب کان علاوه دنيا ۾ به ذلت ۽ رسوائي جو باعث هوندو آهي. 3...الله تعاليٰ حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي مدد حضرت جبريل عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي ذريعي فرمائي. معلوم ٿيو ته الله تعاليٰ جا پيارا مدد ڪري سگهن ٿا.

كِتٰبٌ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ مُصَدِّقٌ لِّمَا مَعَهُمْ ۙ وَكَانُوْا مِنْ قَبْلُ يَسْتَفْتِحُوْنَ عَلَى

۽ جڏهن انهن وٽ الله جو اهو ڪتاب آيو جيڪو انهن وٽ (موجوده) ڪتاب جي تصديق ڪرڻ وارو آهي ۽ ان کان پهريان اهي ان نبي جي وسيلي سان

الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۚ فَلَمَّا جَآءَهُمْ مَّا عَرَفُوْا كَفَرُوْا بِهٖ ۡ فَلَعْنَةُ اللّٰهِ عَلَى

ڪافرن جي خلاف فتح گهرندا هئا پوءِ جڏهن انهن وٽ اهو جاتل سڃاتل نبي تشريف فرما ٿيو ته ان جا منڪر ٿي ويا پوءِ الله جي لعنت هجي انڪار

الْكٰفِرِيْنَ ﴿٨٩﴾ بِئْسَمَا اشْتَرَوْا بِهٖٓ اَنْفُسَهُمْ اَنْ يَّكْفُرُوْا بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ بَغْيًا اَنْ

ڪرڻ وارن تي○ انهن پنهنجي جانين جو ڪيترو برو سودو ڪيو ته الله جيڪو نازل فرمايو آهي ان جو انڪار ڪري رهيا آهن(1) ان

يُّنَزِّلَ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ ۚ فَبَآءُوْ بِغَضَبٍ عَلٰى

حسد جي ڪري(2) جو الله پنهنجي فضل سان پنهنجي جنهن ٻانهي تي چاهيندو آهي وحي نازل فرمائيندو آهي ته اهي ماڻهو غضب تي

غَضَبٍ ؕ وَلِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ﴿٩٠﴾ وَاِذَا قِيْلَ لَهُمْ اٰمِنُوْا بِمَآ اَنْزَلَ

غضب جا مستحق ٿي ويا ۽ ڪافرن جي لاءِ ذلت جو عذاب آهي○ ۽ جڏهن انهن کي چيو وڃي ته ان تي ايمان آڻيو جيڪو الله نازل فرمايو آهي ته

اللّٰهُ قَالُوْا نُؤْمِنُ بِمَآ اُنْزِلَ عَلَيْنَا وَيَكْفُرُوْنَ بِمَا وَرَآءَهٗ ۗ وَهُوَ الْحَقُّ

چون ٿا: اسان انهيءَ تي ايمان آڻيون ٿا جيڪو اسان تي نازل ڪيو ويو ۽ اهي تورات کان سواءِ ٻين جو انڪار ڪن ٿا حالانڪ اهو قرآن به حق آهي انهن وٽ

مُصَدِّقًا لِّمَا مَعَهُمْ ؕ قُلْ فَلِمَ تَقْتُلُوْنَ اَنْۢبِيَآءَ اللّٰهِ مِنْ قَبْلُ اِنْ كُنْتُمْ

موجود (ڪتاب) جي تصديق ڪرڻ وارو آهي. اي محبوب اوهان فرمايو ته (اي يهوديو!) جيڪڏهن توهان ايمان وارا هيؤ ته پوءِ پهريان توهان الله جي نبين کي ڇو

مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٩١﴾ وَلَقَدْ جَآءَكُمْ مُّوْسٰى بِالْبَيِّنٰتِ ثُمَّ اتَّخَذْتُمُ الْعِجْلَ مِنْ بَعْدِهٖ

شهيد ڪندا هيؤ؟(3)○ ۽ بيشڪ توهان وٽ موسيٰ روشن نشانيون کڻي تشريف فرما ٿيا پوءِ توهان ان کان بعد ڳابي کي معبود بڻائي ورتو ۽

حاشيه (1)... هن مان هر انسان نصيحت حاصل ڪري ته ايمان جي جاءِ تي ڪفر، نيڪين جي جاءِ تي گناهه، اطاعت جي جاءِ تي نافرماني، رضاءِ الاهي جي جاءِ تي الله تعاليٰ جي غضب جو سودو نهايت نقصان جو سودو آهي. (2)... هن مان معلوم ٿيو ته منصب ۽ مرتبي جي طلب انسان جي دل ۾ حسد پيدا ٿيڻ جو هڪ سبب آهي ۽ هي به معلوم ٿيو ته حسد اهڙو خبيث مرض آهي جيڪو انسان کي ڪفر تائين به وٺي وڃي سگهي ٿو. (3)... حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زماني جي بني اسرائيل نبين سڳورن عَلَيْهِمُ السَّلَام کي شهيد نه ڪيو هو پر جو ته اهي قاتلن جي ان حرڪت کان راضي هئا ۽ انهن کي پنهنجو وڏو مڃيندا هئا ۽ انهن کي عظمت سان ياد ڪندا هئا ان ڪري انهن کي به قاتلن جي لسٽ ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

وَاَنۡتُمۡ ظٰلِمُوۡنَ ﴿٩٢﴾ وَاِذۡ اَخَذۡنَا مِيۡثَاقَكُمۡ وَرَفَعۡنَا فَوۡقَكُمُ الطُّوۡرَ ؕ خُذُوۡا مَآ

توهان ظالم هئاo ۽ (ياد ڪريو) جڏهن اسان توهان کان عهد ورتو ۽ طور جبل کي توهان جي مٿان بلند ڪيو (۽ فرمايو) مضبوطي سان پڪڙيو ان کي جيڪو

اٰتَيۡنٰكُمۡ بِقُوَّةٍ وَّاسۡمَعُوۡا ؕ قَالُوۡا سَمِعۡنَا وَعَصَيۡنَا ق وَاُشۡرِبُوۡا فِىۡ قُلُوۡبِهِمُ الۡعِجۡلَ

اسان توهان کي عطا ڪيو آهي(1) ۽ ٻڌو. انهن چيو: اسان ٻڌو ۽ نه مڃيو ۽ انهن جي ڪفر جي ڪري انهن جي دلين ۾ ته ڳابي جي محبت رچيل

بِكُفۡرِهِمۡ ؕ قُلۡ بِئۡسَمَا يَاۡمُرُكُمۡ بِهٖۤ اِيۡمَانُكُمۡ اِنۡ كُنۡتُمۡ مُّؤۡمِنِيۡنَ ﴿٩٣﴾ قُلۡ اِنۡ

هئي. اي محبوب اوهان فرمايو: جيڪڏهن توهان ايمان وارا آهيو ته توهان جو ايمان توهان کي ڪيڏو برو حڪم ڏئي ٿوo اي محبوب!

كَانَتۡ لَكُمُ الدَّارُ الۡاٰخِرَةُ عِنۡدَ اللّٰهِ خَالِصَةً مِّنۡ دُوۡنِ النَّاسِ فَتَمَنَّوُا الۡمَوۡتَ

اوهان فرمايو: جيڪڏهن ٻين ماڻهن کي ڇڏي آخرت جو گهر الله وٽ خالص توهان جي ئي لاءِ آهي ته جيڪڏهن توهان

اِنۡ كُنۡتُمۡ صٰدِقِيۡنَ ﴿٩٤﴾ وَلَنۡ يَّتَمَنَّوۡهُ اَبَدًاۢ بِمَا قَدَّمَتۡ اَيۡدِيۡهِمۡ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيۡمٌۢ

سچا آهيو ته موت جي تمنا ته ڪريو(2) o ۽ پنهنجي برن عملن جي ڪري اهي هرگز ڪڏهن موت جي تمنا نه ڪندا ۽ الله ظالمن کي خوب

بِالظّٰلِمِيۡنَ ﴿٩٥﴾ وَلَتَجِدَنَّهُمۡ اَحۡرَصَ النَّاسِ عَلٰى حَيٰوةٍ ۚۛ وَمِنَ الَّذِيۡنَ اَشۡرَكُوۡا ۚۛ

ڄاڻي ٿوo ۽ بيشڪ ضرور توهان انهن کي ڏسندؤ ته سڀني ماڻهن کان وڌيڪ جيئڻ جي هوس رکن ٿا ۽ مشرڪن مان هڪ (ٽولو)

يَوَدُّ اَحَدُهُمۡ لَوۡ يُعَمَّرُ اَلۡفَ سَنَةٍ ۚ وَمَا هُوَ بِمُزَحۡزِحِهٖ مِنَ الۡعَذَابِ اَنۡ

تمنا ڪري ٿو ته ڪاش ان کي هزار سال جي زندگي ڏني وڃي(3) حالانڪ ايتري عمر جو ڏنو وڃڻ به ان کي عذاب کان پري نه ڪري

يُّعَمَّرَ ؕ وَاللّٰهُ بَصِيۡرٌۢ بِمَا يَعۡمَلُوۡنَ ﴿٩٦﴾ ع قُلۡ مَنۡ كَانَ عَدُوًّا لِّجِبۡرِيۡلَ فَاِنَّهٗ نَزَّلَهٗ

سگهندو ۽ الله انهن جي سمورن عملن کي چڱي طرح ڏسي رهيو آهيo اي محبوب! اوهان فرمايو: جيڪو جبرائيل جو دشمن هجي (ته پلي هجي)

معانقه ٢

ع ١١

حاشيه 1...هن آيت مان معلوم ٿيو ته الله تعالىٰ جي ڪتاب تي ايمان آڻڻ جو مطلب هي آهي ته ان جي تمام احڪامن ۽ سڀني تقاضن تي عمل ڪيو وڃي ۽ انهن جي خلاف ورزي نه ڪئي وڃي. 2...موت جي محبت ۽ الله تعالىٰ جي ملاقات جو شوق مقبول ٻانهن جو طريقو آهي البت دنياوي پريشانين کان تنگ اچي موت جي دعا ڪرڻ صبر ۽ رضا ۽ تسليم ۽ توڪل جي خلاف آهي ۽ ناجائز آهي. 3...ڪافر دنياوي زندگيءَ تي حريص هوندا آهن ۽ موت کان گهڻو ڀڄندا آهن جڏهن ته مومن جو شان هي آهي جو اهو جيڪڏهن زندگي گهرندو آهي ته صرف هن لاءِ ته گهڻيون نيڪيون ڪري، آخرت جو سامان گڏ ڪري.

عَلٰى قَلْبِكَ بِاِذْنِ اللّٰهِ مُصَدِّقًا لِّمَا بَیْنَ یَدَیْهِ وَ هُدًى وَّ بُشْرٰى لِلْمُؤْمِنِیْنَ ﴿۹۷﴾

بيشڪ ان تہ توهان جي دل تي الله جي حڪم سان اهو لاتو آهي، جيڪو پاڻ کان اڳين موجود ڪتابن جي تصديق ڪرڻ وارو آهي ۽ ايمان وارن جي لاءِ هدايت ۽ بشارت آهي○

مَنْ كَانَ عَدُوًّا لِّلّٰهِ وَ مَلٰٓىٕكَتِهٖ وَ رُسُلِهٖ وَ جِبْرِیْلَ وَ مِیْكٰىلَ فَاِنَّ اللّٰهَ عَدُوٌّ

جيڪو بہ الله ۽ ان جي ملائڪن ۽ ان جي رسولن ۽ جبرائيل ۽ ميڪائيل جو دشمن هجي تہ الله ڪافرن جو

لِّلْكٰفِرِیْنَ ﴿۹۸﴾ وَ لَقَدْ اَنْزَلْنَاۤ اِلَیْكَ اٰیٰتٍۭ بَیِّنٰتٍۚ وَ مَا یَكْفُرُ بِهَاۤ اِلَّا الْفٰسِقُوْنَ ﴿۹۹﴾

دشمن آهي (1)○ ۽ بيشڪ اسان توهان ڏانهن روشن آيتون نازل ڪيون ۽ انهن جو انڪار صرف نافرمان ئي ڪن ٿا○

اَوَ كُلَّمَا عٰهَدُوْا عَهْدًا نَّبَذَهٗ فَرِیْقٌ مِّنْهُمْؕ بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا یُؤْمِنُوْنَ ﴿۱۰۰﴾ وَ

۽ جڏهن بہ انهن ڪو عهد ڪيو تہ انهن مان هڪ ٽولي ان عهد کي اڇلائي ڇڏيو بلڪ انهن مان اڪثر مڃن ئي نٿا○ ۽ جڏهن انهن

لَمَّا جَآءَهُمْ رَسُوْلٌ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ مُصَدِّقٌ لِّمَا مَعَهُمْ نَبَذَ فَرِیْقٌ مِّنَ الَّذِیْنَ

وٽ الله جي طرفان هڪ رسول تشريف ڪٽي آيو جيڪو انهن جي ڪتابن جي تصديق ڪرڻ وارو آهي تہ اهلِ ڪتاب مان

اُوْتُوا الْكِتٰبَ ﳓ كِتٰبَ اللّٰهِ وَرَآءَ ظُهُوْرِهِمْ كَاَنَّهُمْ لَا یَعْلَمُوْنَ ﴿۱۰۱﴾ وَ اتَّبَعُوْا

هڪ ٽولي الله جي ڪتاب کي پٺ پويان ائين اڇلائي ڇڏيو ڄڻ تہ اهي ڪجهہ ڄاڻن ئي نٿا (2)○ ۽ اهي سليمان جي دورِ حڪومت ۾ ان جادوءَ

مَا تَتْلُوا الشَّیٰطِیْنُ عَلٰى مُلْكِ سُلَیْمٰنَۚ وَ مَا كَفَرَ سُلَیْمٰنُ وَ لٰكِنَّ الشَّیٰطِیْنَ

جي پويان پئجي ويا جيڪي شيطانَ پڙهندا هئا ۽ سليمان ڪفر نہ ڪيو (3) بلڪ شيطانَ ڪافر ٿيا جيڪي ماڻهن کي جادو سيکاريندا هئا ۽

كَفَرُوْا یُعَلِّمُوْنَ النَّاسَ السِّحْرَۗ وَ مَاۤ اُنْزِلَ عَلَى الْمَلَكَیْنِ بِبَابِلَ هَارُوْتَ وَ

(اهي تہ ان جادوءَ جي پويان بہ پئجي ويا هئا) جيڪو بابل شهر ۾ ٻن ملائڪن هاروت ۽ ماروت (4) تي لاٿو ويو هو، ۽

**حاشيہ** 1...هن مان معلوم ٿيو تہ نبين سڳورن عَلَیْهِمُ السَّلَام ۽ ملائڪن سان دشمني ڪفر ۽ غضبِ الاهي جو سبب آهي ۽ محبوبانِ حق سان دشمني خدا عَزَّوَجَلَّ سان دشمني ڪرڻ آهي. 2...يهودي تورات جي تمام گهڻي تعظيم ڪندا هئا پر حضوراڪرم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ايمان نہ آڻڻ پوءِ ان تي عمل نہ ڪيو ويو ائين ڄڻ ان کان بي پرواهہ ٿي ويا. 3...ماڻهن حضرت سليمان عَلَیْهِ السَّلَام تي جادوءَ جي تهمت لڳائي هئي، هتي ان جو رد ڪيو ويو آهي. 4...هاروت ۽ ماروت بہ ملائڪ آهن ۽ ملائڪ گناهن کان معصوم هوندا آهن، انهن جي باري ۾ مشهور قصا يهودين جا ٺهيل آهن جيڪي غلط ۽ باطل آهن.

مَارُوْتَ ؕ وَمَا يُعَلِّمٰنِ مِنْ اَحَدٍ حَتّٰى يَقُوْلَاۤ اِنَّمَا نَحْنُ فِتْنَةٌ فَلَا تَكْفُرْ ؕ

اهي ٻئي ڪنهن کي ڪجهه نه سيکاريندا هئا جيستائين اهو نه چوندا هئا ته اسان ته رڳو (ماڻهن جو) امتحان آهيون ته (اي انسانو!) توهان پنهنجو ايمان ضايع نه ڪريو،

فَيَتَعَلَّمُوْنَ مِنْهُمَا مَا يُفَرِّقُوْنَ بِهٖ بَيْنَ الْمَرْءِ وَزَوْجِهٖ ؕ وَمَا هُمْ بِضَآرِّيْنَ بِهٖ

اهي ماڻهو انهن ملائڪن کان اهڙو جادو سکندا هئا جنهن جي ذريعي مرد ۽ سندس زال ۾ جدائي وجهي ڇڏين حالانڪ اهي ان جي ذريعي ڪنهن کي به الله جي حڪم کان

مِنْ اَحَدٍ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ وَيَتَعَلَّمُوْنَ مَا يَضُرُّهُمْ وَلَا يَنْفَعُهُمْ ؕ وَلَقَدْ عَلِمُوْا

سواءِ ڪو نقصان نه ٿي پهچائي سگهيا (1) ۽ اهي اهڙي شيءِ سکندا هئا جيڪا انهن کي نقصان ڏئي (2) ۽ انهن کي نفعو نه ڏئي ۽ يقينًا انهن کي خبر آهي

لَمَنِ اشْتَرٰىهُ مَا لَهٗ فِى الْاٰخِرَةِ مِنْ خَلَاقٍ ؕ قف وَلَبِئْسَ مَا شَرَوْا بِهٖۤ اَنْفُسَهُمْ ؕ

ته جنهن اهو سودو ڪيو آهي آخرت ۾ ان جو ڪجهه حصو ناهي ۽ انهن پنهنجي جانين جو ڪيڏو نه برو سودو ڪيو آهي،

لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ﴿۱۰۲﴾ وَلَوْ اَنَّهُمْ اٰمَنُوْا وَاتَّقَوْا لَمَثُوْبَةٌ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ خَيْرٌ ؕ لَوْ

ڪهڙو نه چڱو ٿئي ها جيڪڏهن اهي ڄاڻن ها ۽ جيڪڏهن اهي ايمان آڻين ها ۽ پرهيزگاري اختيار ڪن ها ته الله جي طرفان ثواب تمام چڱو آهي

ع ١٢ ٧ ١٢ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ﴿۱۰۳﴾ ع يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَقُوْلُوْا رَاعِنَا وَقُوْلُوا انْظُرْنَا وَ

جيڪڏهن اهي ڄاڻن ها اي ايمان وارؤ! راعنا نه چئو ۽ هيئن عرض ڪيو ته حضور اسان تي نگاهه رکن (3) ۽ پهريان ئي

اسْمَعُوْا ؕ وَلِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۱۰۴﴾ مَا يَوَدُّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ

غور سان ٻڌو ۽ ڪافرن جي لاءِ دردناڪ عذاب آهي (اي مسلمانو!) نه ئي اهل ڪتاب جا ڪافر چاهن ٿا ۽

وَلَا الْمُشْرِكِيْنَ اَنْ يُّنَزَّلَ عَلَيْكُمْ مِّنْ خَيْرٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ ؕ وَاللّٰهُ يَخْتَصُّ

نه ئي مشرڪ جو توهان جي مٿان توهان جي رب جي طرفان ڪا ڀلائي لاٿي وڃي حالانڪ الله جنهن کي چاهيندو آهي

حاشيه 1... مؤثر حقيقي الله تعالى آهي ۽ اسبابن جي تاثير الله تعالى جي مشيت يعني چاهڻ جي تحت آهي. يعني الله عَزَّوَجَلَّ چاهي ته ڏهن ئي ڪا شيءِ اثر ڪري سگهي ٿي، جيڪڏهن الله تعالى نه چاهي ته باهه ساڙي نه سگهي، پاڻي اڄ ختم نه ڪري سگهي ۽ دوا شفا نه ڏئي سگهي. 2... جڏهن جادوءَ ۾ نقصان جي تاثير آهي ته قرآني آيتن ۾ضرور شفا جي تاثير آهي. ائين ئي جڏهن ڪافر جادوءَ سان نقصان پهچائي سگهن ٿا ته خدا جا ٻانها به ڪرامت جي ذريعي نفعو پهچائي سگهن ٿا. 3... هن آيت مان معلوم ٿيو ته نبين سڳورن عَلَيْهِمُ السَّلَام جي تعظيم ۽ توقير ۽ انهن جي حضور ادب جو لحاظ فرض آهي ۽ جنهن ڪلمي ۾ ترڪ ادب جو معمولي به انديشو هجي اهو زبان تي آڻڻ منع آهي. وڏيڪ هي به معلوم ٿيو ته حضوراڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه جو ادب رب العالمين پاڻ سيکاري ٿو ۽ تعظيم جي متعلق احڪامن کي خود جاري فرمائي ٿو.

بِرَحۡمَتِهٖ مَنۡ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ ذُو الۡفَضۡلِ الۡعَظِيۡمِ ﴿۱۰۵﴾ مَا نَنۡسَخۡ مِنۡ اٰيَةٍ اَوۡ نُنۡسِهَا

پنهنجي رحمت سان خاص ڪندو آهي ۽ الله وڏي فضل وارو آهي○ جڏهن اسان ڪا آيت منسوخ ڪندا آهيون (1) يا ماڻهن ڪان وسارائي

نَاۡتِ بِخَيۡرٍ مِّنۡهَاۤ اَوۡ مِثۡلِهَا ؕ اَلَمۡ تَعۡلَمۡ اَنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَىۡءٍ قَدِيۡرٌ ﴿۱۰۶﴾ اَلَمۡ تَعۡلَمۡ

ڇڏيندا آهيون ته ان ڪان بهتر يا ان جهڙي ڪا ٻي آيت آڻيندا آهيون. (اي مخاطب!) ڇا تو کي خبر ناهي ته الله هر شيء تي قادر آهي○ ڇا تو کي

اَنَّ اللّٰهَ لَهٗ مُلۡكُ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ ؕ وَمَا لَـكُمۡ مِّنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ مِنۡ وَّلِىٍّ وَّلَا

خبر ناهي ته آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي الله جي ئي لاءِ آهي ۽ الله جي مقابلي ۾ توهان جو نه ڪو حمايتي آهي ۽ نه ئي

نَصِيۡرٍ ﴿۱۰۷﴾ اَمۡ تُرِيۡدُوۡنَ اَنۡ تَسۡـئَلُوۡا رَسُوۡلَـكُمۡ كَمَا سُـئِلَ مُوۡسٰى مِنۡ قَبۡلُ ؕ وَ

مددگار (2)○ ڇا توهان اهو چاهيو ٿا ته توهان پنهنجي رسول ڪان اهڙا ئي سوال ڪيو جهڙا ان ڪان پهريان موسيٰ ڪان ڪيا ويا ۽

مَنۡ يَّتَبَدَّلِ الۡكُفۡرَ بِالۡاِيۡمَانِ فَقَدۡ ضَلَّ سَوَآءَ السَّبِيۡلِ ﴿۱۰۸﴾ وَدَّ كَثِيۡرٌ مِّنۡ

جيڪو ايمان جي بدلي ڪفر اختيار ڪري ته اهو سڌي واٽ ڪان ڀٽڪي ويو○ اهل ڪتاب منجهان ڪيئي ماڻهن ان ڪان بعد جو انهن تي حق

اَهۡلِ الۡكِتٰبِ لَوۡ يَرُدُّوۡنَكُمۡ مِّنۡۢ بَعۡدِ اِيۡمَانِكُمۡ كُفَّارًا ۖۚ حَسَدًا مِّنۡ عِنۡدِ

خوب ظاهر ٿي چڪو آهي پنهنجي دلي حسد جي ڪري (3) اهو چاهيو ته ڪاش اهي توهان کي ايمان ڪان پوءِ ڪفر ڏانهن ڦيري ڇڏين

اَنۡفُسِهِمۡ مِّنۡۢ بَعۡدِ مَا تَبَيَّنَ لَهُمُ الۡحَـقُّ ۚ فَاعۡفُوۡا وَاصۡفَحُوۡا حَتّٰى يَاۡتِىَ اللّٰهُ

ته توهان (انهن کي) ڇڏي ڏيو ۽ (انهن ڪان) درگذر ڪندا رهو ايستائين جو الله پنهنجو حڪم آڻي

بِاَمۡرِهٖ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَىۡءٍ قَدِيۡرٌ ﴿۱۰۹﴾ وَاَقِيۡمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ ؕ الثلثة

بيشڪ الله هر شيء تي قادر آهي○ ۽ نماز قائم رکو ۽ زڪوٰة ڏيو

حاشيه (1)... نسخ جي معنيٰ آهي: پهرئين حڪم کي ڪنهن بعد واري شرعي دليل سان دور ڪرڻ ۽ هي حقيقت ۾ پهرئين حڪم جي مدت جي انتهاء جو بيان هوندو آهي. (2)... الله تعاليٰ جي مقابلي ۾ ڪو به ڪنهن جي مدد نه ٿو ڪري سگهي، ها الله تعاليٰ جي اجازت ۽ اختيار ڏيڻ سان مدد ٿي سگهي ٿي، قرآن ۽ حديث ۾ ان جا ڪيئي مثال موجود آهن ۽ بزرگانِ دين جو مدد ڪرڻ لڪين ماڻهن جي تجربن ۽ تواتر مان ثابت آهي. (3)... هن مان معلوم ٿيو ته حسد تمام وڏو عيب آهي ۽ ان جي سبب انسان نه صرف پاڻ ڀلائي کان رڪجي ويندو آهي بلڪ ٻين کي به ڀلائي کان روڪڻ جي ڪوشش ۾ مصروف ٿي ويندو آهي.

وَمَا تُقَدِّمُوْا لِاَنْفُسِكُمْ مِّنْ خَيْرٍ تَجِدُوْهُ عِنْدَ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ

۽ پنهنجي جانين جي لاءِ جيڪا ڀلائي توهان اڳتي موڪليندؤ ان کي الله وٽ ڏسندؤ بيشڪ الله توهان جا سڀ ڪم ڏسي

بَصِيْرٌ ﴿۱۱۰﴾ وَقَالُوْا لَنْ يَّدْخُلَ الْجَنَّةَ اِلَّا مَنْ كَانَ هُوْدًا اَوْ نَصٰرٰى ؕ تِلْكَ

رهيو آهيo ۽ ڪتابين چيو: هرگز جنت ۾ داخل نہ ٿيندو پر اهوئي جيڪو يهودي هجي يا عيسائي، هي انهن جون من گهڙت

اَمَانِيُّهُمْ ؕ قُلْ هَاتُوْا بُرْهَانَكُمْ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿۱۱۱﴾ بَلٰى ۚ مَنْ اَسْلَمَ وَجْهَهٗ

تمنائون آهن، اوهان فرمايو: جيڪڏهن توهان سچا آهيو تہ پنهنجو دليل آڻيوo هائو چو نہ؟ جنهن پنهنجو چهرو الله جي لاءِ جهڪايو ۽

لِلّٰهِ وَهُوَ مُحْسِنٌ فَلَهٗۤ اَجْرُهٗ عِنْدَ رَبِّهٖ ۪ وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ

اهو نيڪي ڪرڻ وارو بہ هجي تہ ان جو اجر ان جي رب وٽ آهي (1) ۽ انهن تي نہ ڪو خوف هوندو ۽ نہ اهي غمگين

ع ۱۳ ۹ ۱۳

يَحْزَنُوْنَ ﴿۱۱۲﴾ ۧ وَقَالَتِ الْيَهُوْدُ لَيْسَتِ النَّصٰرٰى عَلٰى شَيْءٍ ۪ وَّقَالَتِ النَّصٰرٰى

ٿيندا o ۽ يهودين چيو: عيسائي ڪنهن شيء تي نہ آهن ۽ عيسائين چيو: يهودي

لَيْسَتِ الْيَهُوْدُ عَلٰى شَيْءٍ ۙ وَّهُمْ يَتْلُوْنَ الْكِتٰبَ ؕ كَذٰلِكَ قَالَ الَّذِيْنَ

ڪنهن شيء تي نہ آهن حالانڪ اهي ڪتاب پڙهندا آهن اهڙي طرح جاهلن انهن (اڳوڻن) جهڙي ڳالهہ ڪئي سو

لَا يَعْلَمُوْنَ مِثْلَ قَوْلِهِمْ ۚ فَاللّٰهُ يَحْكُمُ بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فِيْمَا كَانُوْا فِيْهِ

الله قيامت جي ڏينهن ان ڳالهہ جو فيصلو ڪري ڇڏيندو جنهن ۾ اهي جهڳڙو ڪري رهيا

---

**حاشيه** (1)...جنت ۾ داخلي جو حقيقي معيار صحيح ايمان ۽ صالح عمل آهي ۽ ڪنهن بہ زماني ۽ ڪنهن بہ نسل ۽ قوم جو ماڻهو جيڪڏهن صحيح ايمان ۽ عمل رکي ٿو تہ اهو جنت ۾ ويندو. البت هي ياد رهي تہ نبيِ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اعلانِ نبوت کان پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نبوت کي نہ مڃڻ واري جو ايمان قطعًا صحيح نٿو ٿي سگهي ۽ ڪو بہ عمل ايمان جي بغير صالح نٿو ٿي سگهي.

يَخْتَلِفُوْنَ ﴿۱۱۳﴾ وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ مَّنَعَ مَسٰجِدَ اللّٰهِ اَنْ يُّذْكَرَ فِيْهَا اسْمُهٗ وَسَعٰى

آهن○ ۽ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير هوندو جيڪو الله جي مسجدن کي ان ڳالهه کان روڪي ته انهن ۾ الله جو نالو ورتو وڃي (1)

فِيْ خَرَابِهَا ؕ اُولٰٓئِكَ مَا كَانَ لَهُمْ اَنْ يَّدْخُلُوْهَآ اِلَّا خَآئِفِيْنَ ؕ۬ لَهُمْ فِي الدُّنْيَا

۽ انهن کي ويران ڪرڻ جي ڪوشش ڪري،(2) انهن کي مسجدن ۾ داخل ٿيڻ مناسب نه هو پر ڊڄندي، انهن جي لاءِ دنيا ۾

خِزْيٌ وَّلَهُمْ فِي الْاٰخِرَةِ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿۱۱۴﴾ وَلِلّٰهِ الْمَشْرِقُ وَالْمَغْرِبُ ۗ فَاَيْنَمَا تُوَلُّوْا

رسوائي آهي ۽ انهن جي لاءِ آخرت ۾ وڏو عذاب آهي○ ۽ اوڀر ۽ اولهه سڀ الله جو ئي آهي پوءِ توهان جيڏانهن منهن ڪيو اوڏانهن ئي الله جي

فَثَمَّ وَجْهُ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿۱۱۵﴾ وَقَالُوا اتَّخَذَ اللّٰهُ وَلَدًا ۙ سُبْحٰنَهٗ ؕ بَلْ

رحمت (3) توهان ڏانهن متوجهه آهي. بيشڪ الله وسعت وارو علم وارو آهي○ ۽ مشرڪن چيو: الله پنهنجي لاءِ اولاد بڻائي ورتو آهي (جڏهن ته) هو پاڪ ذات آهي

لَّهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ كُلٌّ لَّهٗ قٰنِتُوْنَ ﴿۱۱۶﴾ بَدِيْعُ السَّمٰوٰتِ وَ

بلڪ جيڪو ڪجهه آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سڀ انهيءَ جي ملڪيت ۾ آهي. سڀ ان جي بارگاهه ۾ ڪنڌ جهڪائيندڙ آهن○ (اهو) بنا ڪنهن گذريل مثال

الْاَرْضِ ؕ وَاِذَا قَضٰٓى اَمْرًا فَاِنَّمَا يَقُوْلُ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ﴿۱۱۷﴾ وَقَالَ الَّذِيْنَ

جي آسمانن ۽ زمين کي نئين طور پيدا ڪرڻ وارو آهي (4) ۽ جڏهن اهو ڪنهن ڪم (کي وجود ۾ آڻڻ) جو فيصلو فرمائيندو آهي ته ان کي صرف اهو فرمائيندو

لَا يَعْلَمُوْنَ لَوْلَا يُكَلِّمُنَا اللّٰهُ اَوْ تَاْتِيْنَآ اٰيَةٌ ؕ كَذٰلِكَ قَالَ الَّذِيْنَ مِنْ

آهي ته ”ٿي وڃ“ ته اهو يڪدم ٿي ويندو آهي(5)○ ۽ جاهلن چيو: الله اسان سان ڇو نٿو ڪلام ڪري يا اسان وٽ ڪا نشاني ڇو نٿي اچي، انهن کان اڳين ماڻهن

**حاشيه** 1... ذِڪرُالله کان منع ڪرڻ هر جڳهه ئي برو آهي پر مسجدن ۾ خاص ڪري وڌيڪ برو آهي جو اهي ته انهيءَ ڪمن جي لاءِ ٺاهيون وينديون آهن. 2...مسجد کي ڪهڙي به طرح ويران ڪرڻ وارو ظالم آهي. هن بابت وڌيڪ تفصيل ڄاڻڻ جي لاءِ تفسير صراط الجنان، ج 1ص194 تي ذڪر ڪيل ڪلام ملاحظ ڪيو. 3...وَجۡهُ الله جو لغوي ترجمو ”الله جو چهرو“ آهي الله تعاليٰ مخلوق جهڙي چهري کان پاڪ آهي لِهذا هي آيت متشابهات مان آهي، هن جي مراد الله تعاليٰ ئي بهتر ڄاڻي ٿو. 4... بديع جي معنيٰ آهي ڪنهن شيءِ کي بغير ڪنهن اڳوڻي (پهرين) مثال جي نئين طور تي بڻائڻ وارو. الله تعاليٰ جي آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪرڻ کان پهريان نه ڪو آسمان هو ۽ نه زمين پوءِ الله تعاليٰ نئين طور تي ان کي عدم کان وجود ۾ آندو. 5...ياد رهي الله تعاليٰ ڪنهن به ڪم ۾ ڪنهن جو محتاج ناهي ۽ الله تعاليٰ جو مختلف ڪمن جي لاءِ ملائڪن کي مقرر ڪرڻ حڪمت آهي حاجت ناهي.

قَبْلِهِمْ مِّثْلَ قَوْلِهِمْ ؕ تَشَابَهَتْ قُلُوْبُهُمْ ؕ قَدْ بَيَّنَّا الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يُّوْقِنُوْنَ ﴿۱۱۸﴾

به اهڙي ئي ڳالھ ڪئي هئي ته انهن جون دليون پاڻ ۾ هڪ جهڙيون ٿي ويون، (1) بيشڪ اسان يقين ڪرڻ وارن جي لاءِ نشانيون کولي ڪري بيان ڪري ڇڏيون○

اِنَّاۤ اَرْسَلْنٰكَ بِالْحَقِّ بَشِيْرًا وَّ نَذِيْرًا ۙ وَّ لَا تُسْـَٔلُ عَنْ اَصْحٰبِ الْجَحِيْمِ ﴿۱۱۹﴾ وَ

اي حبيب! بيشڪ اسان اوهان کي حق سان گڏ خوشخبري ڏيڻ وارو ۽ ڊيڄاريندڙ بڻائي موڪليو ۽ اوهان کان دوزخين جي باري ۾ سوال نه ڪيو ويندو○ ۽

لَنْ تَرْضٰى عَنْكَ الْيَهُوْدُ وَ لَا النَّصٰرٰى حَتّٰى تَتَّبِعَ مِلَّتَهُمْ ؕ قُلْ اِنَّ هُدَى اللّٰهِ

يهودي ۽ عيسائي هرگز اوهان کان راضي نه ٿيندا جيستائين اوهان انهن جي دين جي پيروي نه ڪيو. (2) اوهان فرمايو: الله جي هدايت ئي حقيقي

هُوَ الْهُدٰى ؕ وَ لَئِنِ اتَّبَعْتَ اَهْوَآءَهُمْ بَعْدَ الَّذِیْ جَآءَكَ مِنَ الْعِلْمِ ۙ

هدايت آهي ۽ (اي مخاطب!) جيڪڏهن تو وٽ علم اچڻ کان پوءِ به تون انهن جي خواهشن جي پيروي ڪندين(3) ته تو کي

مَا لَكَ مِنَ اللّٰهِ مِنْ وَّلِیٍّ وَّ لَا نَصِيْرٍ ﴿۱۲۰﴾ اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَتْلُوْنَهٗ حَقَّ

وقف منزل

الله کان ڪو بچائڻ وارو نه هوندو ۽ نه ڪو مددگار هوندو○ اهي ماڻهو جن کي اسان ڪتاب ڏنو آهي ته اهي ان جي تلاوت ڪن ٿا

تِلَاوَتِهٖ ؕ اُولٰٓئِكَ يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ ؕ وَ مَنْ يَّكْفُرْ بِهٖ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿۱۲۱﴾ ع

١٤ ع ١٤

جيئن تلاوت ڪرڻ جو حق آهي (4) اهي ئي ماڻهو ان تي ايمان رکندا آهن ۽ جيڪي ان جو انڪار ڪن ته اهي ئي نقصان کڻڻ وارا آهن○

يٰبَنِیْۤ اِسْرَآءِيْلَ اذْكُرُوْا نِعْمَتِیَ الَّتِیْۤ اَنْعَمْتُ عَلَيْكُمْ وَ اَنِّیْ فَضَّلْتُكُمْ عَلَى

اي يعقوب جي اولاد! منهنجو احسان ياد ڪريو (5) جيڪو مون توهان تي ڪيو ۽ مون ان زماني جي سڀني ماڻهن تي توهان کي فضيلت عطا

**حاشيه** 1...ڪافرن سان معاشرت، لباس ۽ وضع قطع ۾ به مشابهت ڪرڻ منع آهي جو ظاهر باطن جي علامت هوندو آهي ۽ ظاهر جو باطن تي اثر ٿيندو آهي. تنهنڪري ڪافرن جي طور طريقي کان بلڪل عليحدگي اختيار ڪئي وڃي ته جيئن انهن جو ظاهر مسلمانن جي باطن کي متاثر نه ڪري. 2...هن آيت مان اهو به سمجھ ۾ اچي ٿو ته ڪافر بحيثيت اجتماعي طور مسلمانن سان ڪڏهن راضي نٿا ٿي سگهن جيتوڻيڪ ظاهر طور تي ڪڏهن حالات مختلف ٿي وڃن. افسوس جو هزارين تجربن کان پوءِ به مسلمان سبق نٿا سکن. 3...هتي خطاب نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ناهي بلڪ هن آيت کي پڙهڻ واري هرمخاطب سان آهي يا وري بظاهر خطاب نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان آهي ۽ مراد پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امت آهي ڇو ته پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪتاب وارن جي خواهشن جي پيروي نٿا ڪري سگهن. 4...هن مان هي به معلوم ٿيو ته ڪتاب الله جا ڪيئي حقوق به آهن. قرآن جو حق هي آهي ته ان جي تعظيم ڪئي وڃي، ان سان محبت ڪئي وڃي، ان جي تلاوت ڪئي وڃي، ان کي سمجھو وڃي، ان تي ايمان رکيو وڃي، ان تي عمل ڪيو وڃي ۽ ان کي ٻين تائين پهچايو وڃي. 5...الله تعالي جي نعمتن جو چرچو ڪرڻ، ذڪر ڪرڻ شڪر جو هڪ قسم آهي . تنهنڪري حضور انور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ ولادت جو ذڪر ڪرڻ يا ان جي محفل ڪرڻ انهيءَ قسم ۾ داخل آهي.

الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۲۲﴾ وَاتَّقُوْا يَوْمًا لَّا تَجْزِيْ نَفْسٌ عَنْ نَّفْسٍ شَيْـًٔا وَّلَا يُقْبَلُ مِنْهَا

فرمائيo ۽ ان ڏينهن کان ڊڄو جڏهن ڪا جان ڪنهن ٻي جان جي طرف کان ڪو بدلو نہ ڏيندي ۽ نہ ان کان ڪو معاوضو ورتو ويندو

عَدْلٌ وَّلَا تَنْفَعُهَا شَفَاعَةٌ وَّلَا هُمْ يُنْصَرُوْنَ ﴿۱۲۳﴾ وَاِذِ ابْتَلٰٓى اِبْرٰهٖمَ رَبُّهٗ بِكَلِمٰتٍ

۽ نہ ڪافر کي سفارش نفعو ڏيندي ۽ نہ ئي انهن جي مدد ڪئي وينديo ۽ ياد ڪريو جڏهن ابراهيم کي سندس رب ڪجھ ڳالهين جي ذريعي

فَاَتَمَّهُنَّ ؕ قَالَ اِنِّيْ جَاعِلُكَ لِلنَّاسِ اِمَامًا ؕ قَالَ وَمِنْ ذُرِّيَّتِيْ ؕ قَالَ لَا يَنَالُ

آزمايو تہ ان انهن کي پورو ڪيو (الله) فرمايو: آءُ تو کي ماڻهن جو پيشوا بڻائڻ وارو آهيان. (1) (ابراهيم) عرض ڪيو ۽ منهنجي اولاد مان بہ

عَهْدِي الظّٰلِمِيْنَ ﴿۱۲۴﴾ وَاِذْ جَعَلْنَا الْبَيْتَ مَثَابَةً لِّلنَّاسِ وَاَمْنًا ؕ وَاتَّخِذُوْا

فرمايائين: منهنجو عهد ظالمن کي نٿو پهچيo ۽ (ياد ڪريو) جڏهن اسان هن گھر کي ماڻهن جي اچڻ جو مرڪز ۽ امان بڻايو ۽ (اي مسلمانو!)

مِنْ مَّقَامِ اِبْرٰهٖمَ مُصَلًّى ؕ وَعَهِدْنَآ اِلٰٓى اِبْرٰهٖمَ وَاِسْمٰعِيْلَ اَنْ طَهِّرَا

توهان ابراهيم جي بيهڻ جي جڳھ کي نماز جي جاءِ بڻايو (2) ۽ اسان ابراهيم ۽ اسماعيل کي تاڪيد فرمائي تہ منهنجو

بَيْتِيَ لِلطَّآئِفِيْنَ وَالْعٰكِفِيْنَ وَالرُّكَّعِ السُّجُوْدِ ﴿۱۲۵﴾ وَاِذْ قَالَ اِبْرٰهٖمُ

گھر طواف ڪرڻ وارن ۽ اعتڪاف ڪرڻ وارن ۽ رڪوع ۽ سجده ڪرڻ وارن جي لاءِ خوب پاڪ صاف رکو (3) o ۽ ياد ڪريو جڏهن ابراهيم عرض ڪيو:

رَبِّ اجْعَلْ هٰذَا بَلَدًا اٰمِنًا وَّارْزُقْ اَهْلَهٗ مِنَ الثَّمَرٰتِ مَنْ

اي منهنجا رب هن شهر کي امن وارو بڻائي ڇڏ ۽ هن ۾ رهڻ وارا جيڪي الله ۽ آخرت تي ايمان رکندا هجن انهن کي مختلف ميون جو رزق عطا فرماءِ.(4)

حاشيہ 1...هن مان معلوم ٿيو تہ شرعي احڪام ۽ تڪليفون الله تعالي جي طرفان آزمائش هونديون آهن ۽ جيڪو انهن آزمائشن کي برداش ڪندو آهي اهو دنيا ۽ آخرت جي انعامن جو مستحق ٿيندو آهي. 2...هن مان معلوم ٿيو تہ جنهن پٿر کي نبي جي قدم بوسي حاصل ٿي وڃي اهو عظمت وارو ٿي ويندو آهي. هي بہ معلوم ٿيو تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعظيم توحيد جي منافي ناهي ڇو تہ مقامِ ابراهيم جو احترام تہ عين نماز ۾ هوندو آهي. 3...هن مان معلوم ٿيو تہ خانہ ڪعبہ ۽ مسجد حرام شريف کي حاجين، عمرو ڪرڻ وارن، طواف ڪرڻ وارن، اعتڪاف ڪرڻ وارن ۽ نمازين جي لاءِ پاڪ ۽ صاف رکيو وڃي، اهو ئي حڪم مسجدن کي پاڪ ۽ صاف رکڻ جو آهي. 4...حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام خانہ ڪعبہ جي رزق جي لاءِ گهٽائي جي دعا گهري هئي، ان دعا جي قبوليت هر شخص پنهنجي اکين سان ڏسي سگهي ٿو تہ سڄي دنيا جا ميوا ۽ ڪاڏا هتي ڪثرت سان ملندا آهن.

اٰمَنَ مِنْهُمْ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ قَالَ وَمَنْ كَفَرَ فَاُمَتِّعُهٗ قَلِيْلًا

(الله) فرمايو: ۽ جيڪو ڪافر هجي ته مان ان کي به ٿوري مدت جي لاءِ نفعو ڪڻڻ ڏيندس پوءِ ان کي

ثُمَّ اَضْطَرُّهٗۤ اِلٰى عَذَابِ النَّارِ ؕ وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ﴿١٢٦﴾ وَاِذْ يَرْفَعُ

دوزخ جي عذاب ڏانهن مجبور ڪري ڇڏيندس ۽ اها موٽڻ جي نهايت بري جڳهه آهيo ۽ جڏهن ابراهيم ۽ اسماعيل ان گهر جون

اِبْرٰهٖمُ الْقَوَاعِدَ مِنَ الْبَيْتِ وَاِسْمٰعِيْلُ ؕ رَبَّنَا تَقَبَّلْ مِنَّا ؕ اِنَّكَ

بنيادون مٿي ڪري رهيا هئا (1) (اها دعا ڪندي ته) اي اسان جا رب! اسان جي قبول فرماءِ، بيشڪ تون ئي

اَنْتَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿١٢٧﴾ رَبَّنَا وَاجْعَلْنَا مُسْلِمَيْنِ لَكَ وَمِنْ

ٻڌڻ وارو ۽ ڄاڻڻ وارو آهينo اي اسان جا رب! ۽ اسان ٻنهي کي پنهنجو فرمانبردار رک ۽

ذُرِّيَّتِنَاۤ اُمَّةً مُّسْلِمَةً لَّكَ ۪ وَاَرِنَا مَنَاسِكَنَا وَتُبْ عَلَيْنَا ۚ اِنَّكَ

اسان جي اولاد مان هڪ اهڙي امت بڻاءِ جيڪا تنهنجي تابعدار هجي ۽ اسان کي اسان جي عبادت جا طريقا ڏيکار (2) ۽ اسان تي پنهنجي رحمت سان رجوع فرماءِ

اَنْتَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿١٢٨﴾ رَبَّنَا وَابْعَثْ فِيْهِمْ رَسُوْلًا مِّنْهُمْ يَتْلُوْا

بيشڪ تون ئي گهڻو توبه قبول ڪرڻ وارو مهربان آهينo اي اسان جا رب! ۽ انهن منجهه انهن مان ئي هڪ رسول موڪل جيڪو

عَلَيْهِمْ اٰيٰتِكَ وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ وَيُزَكِّيْهِمْ ؕ اِنَّكَ اَنْتَ

انهن تي تنهنجي آيتن جي تلاوت ڪري ۽ انهن کي تنهنجو ڪتاب ۽ پختو علم سيکاري (3) ۽ انهن کي خوب پاڪيزه ڪري، بيشڪ

حاشيه 1...هن آيت مان معلوم ٿيو ته مسجدن جي تعمير نهايت اعليٰ عبادت ۽ نبين سڳورن عَلَيۡهِمُ السَّلَام جي سنت آهي.
2...معلوم ٿيو ته عبادت جا طريقا سکڻ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جي سنت آهي. ان جي لاءِ دعا به ڪرڻ گهرجي ۽ ڪوشش به.
3...هن آيت مان صحابه ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جو به شان معلوم ٿيو ته حضورِاڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ڪتاب ۽ حڪمت سيکاري ۽ جن کي پاڪ ۽ صاف ڪيو ان جا اولين مصداق صحابه ئي ته هئا. وڌيڪ هي به معلوم ٿيو ته پورو قرآن آسان ناهي نه ته ان جي تعليم جي لاءِ حضورِ انور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نه موڪليا وڃن ها. جيڪو چئي قرآن سمجهڻ نهايت آسان آهي ان کي ڪنهن وڏي عالم ڏانهن وني وڃو، 15 منٽن ۾ حال ظاهر ٿي ويندو. هي به معلوم ٿيو ته قرآن سان گڏ حديث جي به ضرورت آهي.

الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿١٢٩﴾ وَمَنْ يَّرْغَبُ عَنْ مِّلَّةِ اِبْرٰهٖمَ اِلَّا مَنْ سَفِهَ نَفْسَهٗ ط ع ١٥ ٨ ١٥

تون ئي غالب حڪمت وارو آهين○ ۽ ابراهيم جي دين کان اهو ئي منهن موڙيندو جنهن پاڻ کي بيوقوف بڻائي رکيو هجي

وَلَقَدِ اصْطَفَيْنٰهُ فِي الدُّنْيَا ج وَاِنَّهٗ فِي الْاٰخِرَةِ لَمِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿١٣٠﴾ اِذْ

۽ بيشڪ اسان ان کي دنيا ۾ چونڊي ورتو ۽ بيشڪ اهو آخرت ۾ اسان جو خاص قرب حاصل ڪرڻ وارن مان آهي(1)○ ياد ڪريو

قَالَ لَهٗ رَبُّهٗ اَسْلِمْ لا قَالَ اَسْلَمْتُ لِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٣١﴾ وَوَصّٰى بِهَا اِبْرٰهٖمُ

جڏهن ان جي رب کيس فرمايو: فرمانبرداري ڪر، ته ان عرض ڪيو: مون فرمانبرداري ڪئي ان جي جيڪو سمورن جهانن جو پالڻهار آهي○

بَنِيْهِ وَيَعْقُوْبُ ط يٰبَنِيَّ اِنَّ اللّٰهَ اصْطَفٰى لَكُمُ الدِّيْنَ فَلَا تَمُوْتُنَّ اِلَّا

۽ ابراهيم ۽ يعقوب پنهنجي پٽن کي انهيءَ دين جي وصيت ڪئي ته اي منهنجا فرزندؤ! بيشڪ الله اهو دين توهان لاءِ چونڊي ورتو آهي پوءِ توهان هرگز

وَاَنْتُمْ مُّسْلِمُوْنَ ﴿١٣٢﴾ اَمْ كُنْتُمْ شُهَدَآءَ اِذْ حَضَرَ يَعْقُوْبَ الْمَوْتُ لا

نه مرجو پر ان حال ۾ جو اوهان مسلمان هجو(2)○ (اي يهوديو!) ڇا توهان ان وقت موجود هيؤ جڏهن يعقوب جي وصال

اِذْ قَالَ لِبَنِيْهِ مَا تَعْبُدُوْنَ مِنْ بَعْدِيْ ط قَالُوْا نَعْبُدُ اِلٰهَكَ

جو وقت آيو، جڏهن ان پنهنجي پٽن کي فرمايو: (اي فرزندؤ) مون کان پوءِ توهان ڪنهن جي عبادت ڪندؤ؟ ته انهن چيو: اسان اوهان

وَاِلٰهَ اٰبَآئِكَ اِبْرٰهٖمَ وَاِسْمٰعِيْلَ وَاِسْحٰقَ اِلٰهًا وَّاحِدًا ج وَّنَحْنُ لَهٗ

جي معبود ۽ اوهان جي ابن ڏاڏن ابراهيم ۽ اسماعيل ۽ اسحاق جي معبود جي عبادت ڪنداسين جيڪو هڪ معبود آهي ۽ اسان ان

حاشيه: (1)...معلوم ٿيو ته سچي دين جي سڃاڻپ آهي ته اهو سلف ۽ صالحين جو دين هجي، اهي حضرات هدايت جو دليل آهن، الله تعاليٰ اسلام جي حقانيت جو دليل هتي ڏنو ته اهو ملتِ ابراهيمي آهي. (2)...هن مان معلوم ٿيو ته والدين کي صرف مال جي باري ۾ ئي وصيت نه ڪرڻ گهرجي بلڪ اولاد کي صحيح عقيده، صالح عمل، دين جي عظمت، دين تي استقامت، نيڪين تي هميشگي، ۽ گناهن کان پري رهڻ جي به وصيت ڪرڻ گهرجي.

مُسۡلِمُوۡنَ ﴿۱۳۳﴾ تِلۡكَ اُمَّةٌ قَدۡ خَلَتۡ ۚ لَهَا مَا كَسَبَتۡ وَلَكُمۡ مَّا

جا فرمانبردار آهيون○ اها هڪ امت آهي جيڪا گذري چڪي آهي، انهن جا عمل انهن جي لاءِ آهن ۽ توهان جا عمل توهان جي

كَسَبۡتُمۡ ۚ وَلَا تُسۡـَٔلُوۡنَ عَمَّا كَانُوۡا يَعۡمَلُوۡنَ ﴿۱۳۴﴾ وَقَالُوۡا كُوۡنُوۡا هُوۡدًا

لاءِ آهن (1) ۽ توهان کان انهن جي ڪمن جي باري ۾ نه پڇو ويندو○ ۽ ڪتابين چيو: يهودي يا نصراني ٿي وڃو

اَوۡ نَصٰرٰى تَهۡتَدُوۡا ؕ قُلۡ بَلۡ مِلَّةَ اِبۡرٰهٖمَ حَنِيۡفًا ؕ وَمَا كَانَ مِنَ

هدايت ماڻيندؤ تون فرماءِ: (هرگز نه) بلڪ اسان ته ابراهيم جو دين اختيار ڪيون ٿا جيڪي هر باطل کان جدا هئا ۽ اهي مشرڪن

الۡمُشۡرِكِيۡنَ ﴿۱۳۵﴾ قُوۡلُوۡۤا اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَمَاۤ اُنۡزِلَ اِلَيۡنَا وَمَاۤ اُنۡزِلَ اِلٰٓى

مان نه هئا (2)○ (اي مسلمانو!) توهان چئو: اسان الله تي ۽ جيڪو اسان ڏانهن نازل ڪيو ويو آهي ان تي ايمان آندو ۽ ان تي جيڪو

اِبۡرٰهٖمَ وَاِسۡمٰعِيۡلَ وَاِسۡحٰقَ وَيَعۡقُوۡبَ وَالۡاَسۡبَاطِ وَمَاۤ اُوۡتِىَ مُوۡسٰى وَ

ابراهيم ۽ اسماعيل ۽ اسحاق ۽ يعقوب ۽ انهن جي اولاد ڏانهن نازل ڪيو ويو ۽ موسيٰ ۽ عيسيٰ کي ڏنو

عِيۡسٰى وَمَاۤ اُوۡتِىَ النَّبِيُّوۡنَ مِنۡ رَّبِّهِمۡ ۚ لَا نُفَرِّقُ بَيۡنَ اَحَدٍ مِّنۡهُمۡ ۖ وَنَحۡنُ

ويو ۽ جيڪو باقي نبين کي سندن رب جي طرفان عطا ڪيو ويو، اسان ايمان آڻڻ ۾ انهن مان ڪنهن ۾ فرق نٿا ڪيون (3) ۽ اسان

لَهٗ مُسۡلِمُوۡنَ ﴿۱۳۶﴾ فَاِنۡ اٰمَنُوۡا بِمِثۡلِ مَاۤ اٰمَنۡتُمۡ بِهٖ فَقَدِ اهۡتَدَوۡا ۚ وَاِنۡ تَوَلَّوۡا فَاِنَّمَا

الله جي بارگاهه ۾ ڪنڌ جهڪائي رکيا آهن پوءِ جيڪڏهن اهي به ائين ئي ايمان آڻن جيئن اوهان ايمان آندو آهي پوءِ ته اهي هدايت ماڻي ويا ۽ جيڪڏهن منهن موڙن ته

**حاشيه** 1… هن مان معلوم ٿيو ته آخرت ۾ پنهنجا عمل ڪم ايندا ۽ جيڪڏهن عقيدو خراب هجي ته ڪنهن به بئي جي عمل سان فائدو نه ٿيندو. 2… هن مان معلوم ٿيو ته حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام کي الله تعاليٰ اها مقبوليتِ عام بخشي آهي جو هر دين وارو ان جي نسبت تي فخر ڪري ٿو. ۽ هي به معلوم ٿيو ته صرف وڏن جي اولاد هئڻ ڪافي ناهي جيستائين وڏن جهڙا ڪم نه ڪن. 3… انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام جي درجن ۾ فرق آهي جيئن ته ٽين سيپاري جي شروع ۾ آهي پر انهن جي نبوت ۾ فرق ناهي.

هُمْ فِيْ شِقَاقٍ ۚ فَسَيَكْفِيْكَهُمُ اللّٰهُ ۚ وَهُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿١٣٧﴾ؕ صِبْغَةَ اللّٰهِ ۚ وَمَنْ

اهي صرف مخالفت ۾ پيل آهن. سو اي حبيب! عنقريب الله انهن جي طرفان اوهان کي ڪافي ٿيندو ۽ اهو ئي ٻڌڻ وارو ڄاڻڻ وارو آهيo اسان الله جو

اَحْسَنُ مِنَ اللّٰهِ صِبْغَةً ۫ وَّنَحْنُ لَهٗ عٰبِدُوْنَ ﴿١٣٨﴾ قُلْ اَتُحَآجُّوْنَنَا فِي اللّٰهِ وَهُوَ

رنگ پاڻ (1) تي چاڙهي ورتو ۽ الله جي رنگ کان بهتر ڪنهن جو رنگ آهي؟ ۽ اسان ان جي ئي عبادت ڪرڻ وارا آهيونoاوهان فرمايو: ڇا توهان

رَبُّنَا وَرَبُّكُمْ ۚ وَلَنَآ اَعْمَالُنَا وَلَكُمْ اَعْمَالُكُمْ ۚ وَنَحْنُ لَهٗ مُخْلِصُوْنَ ﴿١٣٩﴾ۙ اَمْ

الله جي باري ۾ اسان سان جهڳڙو ٿا حالانڪ اهو اسان جو به رب آهي ۽ توهان جو به ۽ اسان جا عمل اسان جي لاءِ ۽ توهان جا عمل

تَقُوْلُوْنَ اِنَّ اِبْرٰهٖمَ وَاِسْمٰعِيْلَ وَاِسْحٰقَ وَيَعْقُوْبَ وَالْاَسْبَاطَ كَانُوْا هُوْدًا اَوْ

توهان جي لاءِ آهن ۽ اسان خالص انهيءَ جا آهيون. (اي ڪتابيو!) ڇا توهان اهو چئو ٿا ته ابراهيم ۽ اسماعيل ۽ اسحاق ۽ يعقوب ۽ انهن جو

نَصٰرٰى ؕ قُلْ ءَاَنْتُمْ اَعْلَمُ اَمِ اللّٰهُ ؕ وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ كَتَمَ شَهَادَةً عِنْدَهٗ

اولاد يهودي يا نصراني هئا، اوهان فرمايو: ڇا توهان وڌيڪ ڄاڻو ٿا يا الله؟ ۽ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير جنهن وٽ الله جي طرفان ڪا گواهي هجي

مِنَ اللّٰهِ ؕ وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿١٤٠﴾ تِلْكَ اُمَّةٌ قَدْ خَلَتْ ۚ لَهَا مَا

۽ اهو ان کي لڪائي ۽ الله توهان جي عملن کان بي خبر ناهيo اها هڪ امت آهي جيڪا گذري چڪي آهي. انهن جا عمل انهن

كَسَبَتْ وَلَكُمْ مَّا كَسَبْتُمْ ۚ وَلَا تُسْئَلُوْنَ عَمَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٤١﴾ع ١٦/١٢

جي لاءِ آهن ۽ توهان جا عمل توهان جي لاءِ آهن توهان کان انهن جي ڪمن جي باري ۾ نه پڇو ويندوo(2)

حاشيه 1...الله تعالٰي جي رنگ مان مراد ان جي دين جا سچا عقيده آهن. 2...هن ۾ انهن مسلمانن جي لاءِ به نصيحت آهي جيڪي پنهنجي ماءُ پيءُ پير ۽ مرشد وغيره جي نيڪ عملن تي ڀروسو ڪري پاڻ نيڪين کان پري ۽ گناهن ۾ مصروف آهن.

سَیَقُوْلُ السُّفَهَآءُ مِنَ النَّاسِ مَا وَلّٰىهُمْ عَنْ قِبْلَتِهِمُ الَّتِیْ كَانُوْا عَلَیْهَا ؕ

هاڻي بيوقوف ماڻهو چوندا، (1) هنن مسلمانن کي هنن جي ان قبلي کان ڪنهن ڦيريو جنهن تي هي پهريان هئا؟

قُلْ لِّلّٰهِ الْمَشْرِقُ وَ الْمَغْرِبُ ؕ یَهْدِیْ مَنْ یَّشَآءُ اِلٰی صِرَاطٍ مُّسْتَقِیْمٍ ﴿۱۴۲﴾

اوهان فرمايو: اولهه ۽ اوڀر سڀ الله جو ئي آهي، اهو جنهن کي چاهيندو آهي سڌي رستي ڏانهن هدايت ڏيندو آهي○

وَ كَذٰلِكَ جَعَلْنٰكُمْ اُمَّةً وَّسَطًا لِّتَكُوْنُوْا شُهَدَآءَ عَلَی النَّاسِ وَ یَكُوْنَ

۽ اهڙي طرح اسان توهان کي بهترين امت بڻايو ته جيئن توهان ماڻهن تي گواهه هجو ۽ هي

الرَّسُوْلُ عَلَیْكُمْ شَهِیْدًا ؕ وَ مَا جَعَلْنَا الْقِبْلَةَ الَّتِیْ كُنْتَ عَلَیْهَاۤ اِلَّا لِنَعْلَمَ

رسول توهان جا نگهبان ۽ گواهه هجن ۽ اي حبيب! توهان پهريان جنهن قبلي تي هئا اسان اهو انهيءَ ڪري مقرر ڪيو هو ته ڏسون(2)

مَنْ یَّتَّبِعُ الرَّسُوْلَ مِمَّنْ یَّنْقَلِبُ عَلٰی عَقِبَیْهِ ؕ وَ اِنْ كَانَتْ لَكَبِیْرَةً اِلَّا عَلَی

ڪير رسول جي پيروي ڪري ٿو ۽ ڪير پوئين پير موٽي ٿو ۽ بيشڪ اهي ماڻهو جن کي الله هدايت ڏني هئي انهن کان علاوه

الَّذِیْنَ هَدَی اللّٰهُ ؕ وَ مَا كَانَ اللّٰهُ لِیُضِیْعَ اِیْمَانَكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِالنَّاسِ

(ماڻهن) تي اها نهايت ڳري هئي(3) ۽ الله جو اهو شان ناهي جو توهان جو ايمان ضايع ڪري ڇڏي بيشڪ الله ماڻهن تي نهايت مهربان

لَرَءُوْفٌ رَّحِیْمٌ ﴿۱۴۳﴾ قَدْ نَرٰی تَقَلُّبَ وَجْهِكَ فِی السَّمَآءِ ۚ فَلَنُوَلِّیَنَّكَ

رحم وارو آهي○ اسان توهان جي چهري جو آسمان ڏانهن باربار کڻڻ ڏسي رهيا آهيون پوءِ ضرور اسان توهان کي ان قبلي

قِبْلَةً تَرْضٰىهَا ۪ فَوَلِّ وَجْهَكَ شَطْرَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ؕ وَ حَیْثُ مَا كُنْتُمْ

ڏانهن ڦيري ڇڏينداسين جنهن ۾ توهان جي خوشي آهي(4) ته هاڻي پنهنجو چهرو مسجد حرام ڏانهن ڦيري ڇڏيو ۽ اي مسلمانو!

---

**حاشيه** 1... هن آيت ۾ بيت المقدس کان بعد خانه ڪعبه کي قبلو بڻايو وڃڻ تي اعتراض ڪرڻ وارن کي بي وقوف چيو ويو آهي.ان مان معلوم ٿيو ته جيڪو شخص ديني مسئلن جي حڪمتن کي نه سمجهي بلڪ ان تي بي وجه اعتراض ڪري ته اهو احمق ۽ بي وقوف آهي. جيتوڻيڪ دنيا جي ڪمن ۾ هو ڪيترو ئي چالاڪ هجي. 2...علم جي معنيٰ "ڄاڻڻ" آهي ليڪن جتي آيت ۾ مستقل طور الله جي لاءِ هي الفاظ هجن ته اُن جي معنيٰ " الله تبارڪ و تعاليٰ جو ماڻهن جي سامهون ان کي جانچڻ ۽ پرکڻ آهي" يا وري انهن جي سامهون ممتاز ۽ نمايان ۽ فرق ظاهر ڪرڻ هوندو آهي. 3... هن مان معلوم ٿيو ته الله تبارڪ وتعاليٰ جو حڪم معلوم ٿيڻ کان پوءِ قبول ڪرڻ سان دل ۾ تنگي محسوس ڪرڻ منافقت جي علامت آهي. 4... هن آيت مان معلوم ٿيو ته الله تبارڪ وتعاليٰ کي پنهنجي حبيب صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رضا گهڻي پسند آهي ۽ الله تبارڪ وتعاليٰ ان جي رضا پوري فرمائيندو آهي.

فَوَلُّوْا وُجُوْهَكُمْ شَطْرَهٗ ؕ وَ اِنَّ الَّذِیْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ لَیَعْلَمُوْنَ اَنَّهُ

توهان جتي بہ هجو پنهنجو منهن انهيءَ جي طرف ڪريو ۽ بيشڪ اهي ماڻهو جن کي ڪتاب عطا ڪيو ويو آهي اهي ضرور ڄاڻن ٿا

الْحَقُّ مِنْ رَّبِّهِمْ ؕ وَ مَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا یَعْمَلُوْنَ ﴿۱۴۴﴾ وَ لَىِٕنْ اَتَیْتَ

تہ اها تبديلي انهن جي رب جي طرفان حق آهي(1) ۽ الله انهن جي عملن کان بي خبر ناهيO ۽ جيڪڏهن توهان هن ڪتاب وارن وٽ

الَّذِیْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ بِكُلِّ اٰیَةٍ مَّا تَبِعُوْا قِبْلَتَكَ ۚ وَ مَاۤ اَنْتَ بِتَابِعٍ

هر نشاني کڻي اچو تڏهن بہ اهي توهان جي قبلي جي پيروي نہ ڪندا(2) ۽ نہ توهان انهن جي قبلي جي پيروي ڪيو ۽ اهي پاڻ ۾ بہ هڪبئي

قِبْلَتَهُمْ ۚ وَ مَا بَعْضُهُمْ بِتَابِعٍ قِبْلَةَ بَعْضٍ ؕ وَ لَىِٕنِ اتَّبَعْتَ اَهْوَآءَهُمْ

جي قبلي جي تابع نہ آهن ۽ (اي ٻڌڻ وارا!)(3) جيڪڏهن تو وٽ علم اچڻ کان پوءِ تون انهن جي خواهشن

مِّنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَكَ مِنَ الْعِلْمِ ۙ اِنَّكَ اِذًا لَّمِنَ الظّٰلِمِیْنَ ﴿۱۴۵﴾ اَلَّذِیْنَ اٰتَیْنٰهُمُ وقف لازم

تي هلين تہ ان وقت تون ضرور زيادتي ڪرڻ وارو هوندينO اهي ماڻهو جن کي اسان ڪتاب عطا

الْكِتٰبَ یَعْرِفُوْنَهٗ كَمَا یَعْرِفُوْنَ اَبْنَآءَهُمْ ؕ وَ اِنَّ فَرِیْقًا مِّنْهُمْ

ڪيو آهي اهي هن نبيءَ کي ائين سڃاڻن ٿا جيئن اهي پنهنجي پٽن کي سڃاڻن ٿا ۽ بيشڪ انهن مان هڪ ٽولو

لَیَكْتُمُوْنَ الْحَقَّ وَ هُمْ یَعْلَمُوْنَ ﴿۱۴۶﴾ اَلْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ فَلَا تَكُوْنَنَّ وقف منزل

ڄاڻي واڻي حق لڪائي ٿوO(اي ٻڌڻ وارا!)(4) حق اهو ئي آهي جيڪو تنهنجي رب جي طرفان هجي، پوءِ تون هرگز شڪ ڪرڻ وارن

مِنَ الْمُمْتَرِیْنَ ﴿۱۴۷﴾ ع وَ لِكُلٍّ وِّجْهَةٌ هُوَ مُوَلِّیْهَا فَاسْتَبِقُوا الْخَیْرٰتِ ؕ ع وقف النبي صلی اللہ علیہ وسلم

مان نہ ٿجانO ۽ هرهڪ جي لاءِ توجهہ جو هڪ طرف آهي جنهن ڏانهن اهو منهن ڪندو آهي پوءِ توهان نيڪين ۾ اڳيان نڪري وڃو (5)

**حاشيہ** 1... ڪتابي ڄاڻيندا هئا تہ هي قبلي جي تبديلي الله تبارڪ وتعاليٰ جي طرفان حق آهي . ڇو تہ انهن جي ڪتاب ۾ حضو پر نور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي هي وصف بہ مذڪور هئي.۽ انهن جي نبين سڳورن پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هيءَ نشاني بہ ٻڌائي هئي تہ حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بيت المقدس کان ڪعبي جي طرف ڦرندا 2... دليل هجڻ جي باوجود ڪتابين جو مسلمانن جي ڪعبي جي پيروي نہ ڪرڻ جي وجہ انهن جو حسد هو. جو بني اسرائيل کان نبوّت منتقل ٿي وئي، معلوم ٿيو تہ حسد تمام بري صفت آهي جو انسان کي حق قبول ڪرڻ کان روڪي ڇڏيندي آهي 3... هتي خطاب نبيصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان نہ آهي بلڪ هن آيت کي ٻڌڻ واري هر مخاطب سان آهي يا هتي بہ بظاهر خطاب نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان آهي ۽ ان مان مراد پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امت آهي ڇو تہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪتاب وارن جي خواهشن جي پيروي نٿا ڪري سگهن 4... هتي خطاب نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان نہ آهي بلڪ هن آيت کي ٻڌڻ واري هر مخاطب سان خطاب آهي، يا هتي بہ بظاهر خطاب نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان آهي ۽ ان مان مراد پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امت آهي، ڇو تہ حضورصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حڪمِ الاهي ۾ شڪ نٿا ڪري سگهن. 5... هتي آيت ۾ هي ڳالهہ سمجهائي وئي آهي تہ مال ۽ دولت، عهدو ۽ منصب، شهرت ۽ مقبوليت ۽ دنياداري اهڙي شيء ناهي جو ان ۾ هڪ ٻئي سان مقابلو ڪيو وڃي ڇو تہ اهي سڀ فاني آهن، جڏهن تہ باقي رهڻ واريون ۽ مقابلي جي قابل شيون تہ نيڪي، ڀلائي ۽ عبادت جا ڪم آهن.

اَیْنَ مَا تَكُوْنُوْا یَاْتِ بِكُمُ اللّٰهُ جَمِیْعًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَیْءٍ قَدِیْرٌ ﴿۱۴۸﴾

توهان جتي بہ هوندؤ الله توهان سڀني کي گڏ ڪري آڻيندو، بيشڪ الله هر شيء تي قدرت رکڻ وارو آهيo

وَ مِنْ حَیْثُ خَرَجْتَ فَوَلِّ وَجْهَكَ شَطْرَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ؕ وَ اِنَّهٗ

۽ (اي حبيب) توهان جتان اچو پنهنجو چهرو مسجد حرام ڏانهن ڪيو ۽ بيشڪ اهو يقيناً توهان

لَلْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ ؕ وَ مَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۴۹﴾ وَ مِنْ حَیْثُ خَرَجْتَ

جي رب جي طرفان حق آهي ۽ الله توهان جي ڪمن کان غافل ناهيo ۽ اي حبيب! توهان جتان اچو پنهنجو

فَوَلِّ وَجْهَكَ شَطْرَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ؕ وَ حَیْثُ مَا كُنْتُمْ فَوَلُّوْا وُجُوْهَكُمْ

چهرو مسجد حرام ڏانهن ڪيو ۽ اي مسلمانؤ! توهان جتي بہ هجو پنهنجو چهرو انهيءَ جي طرف ڪريو تہ

شَطْرَهٗ ۙ لِئَلَّا یَكُوْنَ لِلنَّاسِ عَلَیْكُمْ حُجَّةٌ ۗ اِلَّا الَّذِیْنَ ظَلَمُوْا مِنْهُمْ ۗ

جيئن ماڻهن کي توهان تي ڪا حجت نہ رهي پر جيڪي انهن مان ناانصافي ڪن تہ انهن کان

فَلَا تَخْشَوْهُمْ وَ اخْشَوْنِیْ ۗ وَ لِاُتِمَّ نِعْمَتِیْ عَلَیْكُمْ وَ لَعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿۱۵۰﴾ ۛ

نہ ڊڄو ۽ مون کان ڊڄو (1) تہ جيئن مان پنهنجي نعمت توهان تي مڪمل ڪري ڇڏيان ۽ تہ جيئن توهان هدايت ماڻيوo جيئن تہ اسان

كَمَاۤ اَرْسَلْنَا فِیْكُمْ رَسُوْلًا مِّنْكُمْ یَتْلُوْا عَلَیْكُمْ اٰیٰتِنَا وَ یُزَكِّیْكُمْ وَ

توهان جي وچ ۾ توهان مان هڪ رسول موڪليو جيڪو توهان تي اسان جون آيتون تلاوت فرمائيندو آهي ۽ توهان کي پاڪ ڪندو ۽ توهان کي

یُعَلِّمُكُمُ الْكِتٰبَ وَ الْحِكْمَةَ وَ یُعَلِّمُكُمْ مَّا لَمْ تَكُوْنُوْا تَعْلَمُوْنَ ﴿۱۵۱﴾ ؕۛ فَاذْكُرُوْنِیْۤ

ڪتاب ۽ پختو علم سيکاري ٿو ۽ توهان کي اها تعليم ڏئي ٿو جيڪا توهان کي معلوم نہ هئيo (2) پوءِ توهان مون کي ياد ڪريو،

معانقة ٣

حاشيہ 1... الله تعاليٰ جو خوف هر ٻئي خوف تي غالب هئڻ گهرجي ۽ ان جي رضا طلبي مخلوق جي خوشنودي تي غالب هئڻ گهرجي. 2... حقيقت هي آهي جو حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صرف ظاهري مضامين قرآن ۽ الله تعاليٰ جا احڪام ئي ناهن بلڪ رشد و هدايت، صلاح و فلاح، ۽ علم و حڪمت جون بيشمار ڳالهيون سيکاريندا آهن چاڪاڻ تہ پاڻ اولين ۽ آخرين جي علم جا جامع آهن.

أَذْكُرْكُمْ وَاشْكُرُوْا لِيْ وَلَا تَكْفُرُوْنِ ﴿۱۵۲﴾ ع يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اسْتَعِيْنُوْا ع ۱۸ ۲

مان توهان کي ياد ڪندس ۽ منهنجو شڪر ادا ڪريو ۽ منهنجي ناشڪري نہ ڪريو (1)٥ اي ايمان وارؤ! صبر ۽ نماز کان مدد گهرو (2)

بِالصَّبْرِ وَالصَّلٰوةِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿۱۵۳﴾ وَلَا تَقُوْلُوْا لِمَنْ يُّقْتَلُ

بيشڪ الله صبر وارن سان گڏ آهي٥ ۽ جيڪي الله جي راهہ ۾ ماريا وڃن

فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اَمْوَاتٌ ؕ بَلْ اَحْيَآءٌ وَّلٰكِنْ لَّا تَشْعُرُوْنَ ﴿۱۵۴﴾ وَلَنَبْلُوَنَّكُمْ

انهن کي مئل نہ چئو بلڪ اهي زنده آهن پر توهان کي انهن جو شعور ناهي (3)٥ ۽ اسان ضرور توهان کي ڪجهہ

بِشَيْءٍ مِّنَ الْخَوْفِ وَالْجُوْعِ وَنَقْصٍ مِّنَ الْاَمْوَالِ وَالْاَنْفُسِ وَ

ڊپ ۽ بک سان ۽ ڪجهہ مالن ۽ جانين ۽ ميون جي گهٽتائي سان آزمائينداسين

الثَّمَرٰتِ ؕ وَبَشِّرِ الصّٰبِرِيْنَ ﴿۱۵۵﴾ الَّذِيْنَ اِذَآ اَصَابَتْهُمْ مُّصِيْبَةٌ ۙ قَالُوْٓا

۽ صبر ڪرڻ وارن کي خوشخبري ٻڌاءِ٥ هي اهي ماڻهو آهن جن تي جڏهن ڪا مصيبت ايندي آهي تہ چوندا آهن:

اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ ﴿۱۵۶﴾ ؕ اُولٰٓئِكَ عَلَيْهِمْ صَلَوٰتٌ مِّنْ رَّبِّهِمْ

اسان الله جا ئي آهيون ۽ اسان انهيءَ ڏانهن موٽڻ وارا آهيون٥ هي اهي ماڻهو آهن جن تي سندس جي رب جي طرفان درود آهن

وَرَحْمَةٌ ۫ قف وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُهْتَدُوْنَ ﴿۱۵۷﴾ اِنَّ الصَّفَا وَالْمَرْوَةَ مِنْ

۽ رحمت (آهي) ۽ اهي ئي ماڻهو هدايت وارا آهن٥ بيشڪ صفا ۽ مروه الله جي

شَعَآئِرِ اللّٰهِ ۚ فَمَنْ حَجَّ الْبَيْتَ اَوِ اعْتَمَرَ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْهِ اَنْ يَّطَّوَّفَ

نشانين مان آهن (4) سو جيڪو ان گهر جو حج يا عمرو ڪري ان تي ڪو گناهہ ناهي جو انهن ٻنهيءِ جا چڪر لڳائي ۽

**حاشيہ** 1...جڏهن ڪفر جو لفظ ”شڪر“ جي مقابلي ۾ اچي تہ ان جي معنٰي ”ناشڪري“ ۽ جڏهن ”اسلام“ ۽ ”ايمان“ جي مقابل هجي تہ ان جي معنٰي بي ايماني هوندي آهي. هتي آيت مان مراد ناشڪري آهي. 2...غيرِ خدا کان مدد گهرڻ شرڪ ناهي، هن موضوع جي وڌيڪ تفصيل صراط الجنان جي جلد1، صفحي 247 تي ملاحظو فرمايو. 3...شهيد يقيني طور زنده آهن پر انهن جي حيات ڪيئن آهي ان جو اسان کي شعور نہ آهي، ان ڪري دنياوي معاملات جي اعتبار سان انهن تي عام ميت وانگر شرعي احڪام جاري ٿيندا آهن. 4...صفا ۽ مروه جبل کي هي عظمت حضرت هاجره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي نسبت جي برڪت سان حاصل ٿي، هن مان معلوم ٿيو تہ صالحين سان نسبت رکڻ واري شيءِ عظمت واري ٿي ويندي آهي.

بِهِمَا ؕ وَمَنْ تَطَوَّعَ خَيْرًا ۙ فَإِنَّ اللَّهَ شَاكِرٌ عَلِيمٌ ﴿١٥٨﴾ إِنَّ الَّذِينَ يَكْتُمُونَ

جيڪو پنهنجي طرفان ڀلائي ڪري ته بيشڪ الله نيڪيءَ جو بدلو ڏيڻ وارو خبردار آهيo بيشڪ اهي ماڻهو جيڪي اسان جي نازل

مَا أَنْزَلْنَا مِنَ الْبَيِّنَاتِ وَالْهُدَىٰ مِنْ بَعْدِ مَا بَيَّنَّاهُ لِلنَّاسِ فِي الْكِتَابِ ۙ

ڪيل روشن ڳالهين ۽ هدايت کي لڪائن ٿا (1) حالانڪ اسان انهن کي ماڻهن جي لاءِ ڪتاب ۾ واضح فرمائي ڇڏيو آهي ته انهن تي

أُولَٰئِكَ يَلْعَنُهُمُ اللَّهُ وَيَلْعَنُهُمُ اللَّاعِنُونَ ﴿١٥٩﴾ إِلَّا الَّذِينَ تَابُوا وَأَصْلَحُوا

الله لعنت فرمائي ٿو ۽ لعنت ڪرڻ وارا انهن تي لعنت ڪن ٿاo پر اهي ماڻهو جيڪي توبه ڪن ۽ اصلاح ڪن ۽ (لڪيل ڳالهين کي)

وَبَيَّنُوا فَأُولَٰئِكَ أَتُوبُ عَلَيْهِمْ ۚ وَأَنَا التَّوَّابُ الرَّحِيمُ ﴿١٦٠﴾ إِنَّ الَّذِينَ

ظاهر ڪن ته مان انهن جي توبه قبول فرمائيندس ۽ مان ئي وڏو توبه قبول ڪرڻ وارو مهربان آهيانo بيشڪ اهي ماڻهو

كَفَرُوا وَمَاتُوا وَهُمْ كُفَّارٌ أُولَٰئِكَ عَلَيْهِمْ لَعْنَةُ اللَّهِ وَالْمَلَائِكَةِ وَ

جن ڪفر ڪيو ۽ ڪافر ئي مئا (2) انهن تي الله ۽ ملائڪن ۽ انسانن سيني جي

النَّاسِ أَجْمَعِينَ ﴿١٦١﴾ خَالِدِينَ فِيهَا ۚ لَا يُخَفَّفُ عَنْهُمُ الْعَذَابُ وَلَا

لعنت آهي (3)o اهي هميشه ان ۾ رهندا، انهن تان عذاب گهٽ نه ڪيو ويندو ۽

ع ١٩ ٣ هُمْ يُنْظَرُونَ ﴿١٦٢﴾ وَإِلَٰهُكُمْ إِلَٰهٌ وَاحِدٌ ۚ لَا إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ الرَّحْمَٰنُ الرَّحِيمُ ﴿١٦٣﴾ ع

نه کين مهلت ڏني ويندي o ۽ توهان جو معبود هڪ معبود آهي ان کان سواءِ ڪو معبود ناهي وڏي رحمت وارو مهربان آهيo

إِنَّ فِي خَلْقِ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ وَاخْتِلَافِ اللَّيْلِ وَالنَّهَارِ وَالْفُلْكِ الَّتِي

بيشڪ آسمانن ۽ زمين جي پيدائش ۽ رات ۽ ڏينهن جي تبديلي ۾ ۽ ٻيڙيءَ ۾ جيڪا درياءَ ۾

حاشيه 1 ...ديني مسئلن کي لڪائڻ گناهه آهي هن طرح جو ضرورت جي وقت ٻڌايا نه وڃن يا هن طرح جو غلط ٻڌايا وڃن بلڪ غلط ٻڌائڻ تي ته تمام سخت وعيدون آهن.اڄڪلهه غلط مسئله بيان ڪرڻ وارن ۽ قرآن ۽ حديث جي غلط تشريح ۽ وضاحت ڪرڻ وارن جي ڪمي ناهي ۽ اهي سڀ ذڪر ڪيل آيت ۾ داخل آهن. 2 ...ڪفار ڪافر جي جمع آهي. 3 ...مرڻ وقت ايمان جي دولت کان محروم رهجي وڃڻ سڀ کان وڏي بدبختي آهي ۽ ان وقت ايمان جو سلامت رهڻ تمام وڏي سعادت آهي، تنهنڪري هر مسلمان کي گهرجي ته اهو جيتوڻيڪ ڪيترو ئي نيڪ ۽ پاڪدامن، عبادت گذار ۽ پرهيزگار ڇو نه هجي پنهنجي بري خاتمي کان ڊڄندو رهي.

تَجْرِیْ فِی الْبَحْرِ بِمَا یَنْفَعُ النَّاسَ وَمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ مِنَ السَّمَآءِ مِنْ مَّآءٍ

ماڻهن جا فائدا کڻي هلندي آهي ۽ ان پاڻي ۾ جيڪو الله آسمان تان لاٿو

فَاَحْیَا بِهِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا وَبَثَّ فِیْهَا مِنْ كُلِّ دَآبَّةٍ ۪ وَّتَصْرِیْفِ

پوءِ ان سان مرده زمين کي زندگي ڏني ۽ زمين ۾ هرقسم جا جانور پکيڙيا ۽ هوائن جي گردش ۽

الرِّیٰحِ وَالسَّحَابِ الْمُسَخَّرِ بَیْنَ السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ لَاٰیٰتٍ لِّقَوْمٍ

اهي ڪَڪَرَ جيڪي آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ حڪم جا پابند آهن(1) انهن سيني ۾ يقيناً عقل وارن جي لاءِ نشانيون آهن (2)○

یَّعْقِلُوْنَ ﴿۱۶۴﴾ وَمِنَ النَّاسِ مَنْ یَّتَّخِذُ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَنْدَادًا یُّحِبُّوْنَهُمْ

۽ ڪي ماڻهو الله کان سواءِ ٻيا معبود ٺاهيندا آهن انهن کي الله جهڙو محبوب رکندا آهن

كَحُبِّ اللّٰهِ ؕ وَالَّذِیْنَ اٰمَنُوْۤا اَشَدُّ حُبًّا لِّلّٰهِ ؕ وَلَوْ یَرَی الَّذِیْنَ ظَلَمُوْۤا

۽ ايمان وارا سڀ کان وڌيڪ الله سان محبت ڪندا آهن ۽ جيڪڏهن ظالم ڏسن ها

اِذْ یَرَوْنَ الْعَذَابَ ۙ اَنَّ الْقُوَّةَ لِلّٰهِ جَمِیْعًا ۙ وَّاَنَّ اللّٰهَ شَدِیْدُ الْعَذَابِ ﴿۱۶۵﴾

جڏهن اهي عذاب کي اکين سان ڏسندا ته تمام قوت الله جي ئي آهي ۽ الله سخت عذاب ڏيڻ وارو آهي○

اِذْ تَبَرَّاَ الَّذِیْنَ اتُّبِعُوْا مِنَ الَّذِیْنَ اتَّبَعُوْا وَرَاَوُا الْعَذَابَ وَتَقَطَّعَتْ

جڏهن پيشوا پنهنجي پيروي ڪرڻ وارن کان بيزار ٿيندا ۽ عذاب ڏسندا ۽ انهن جا سڀ رشتا ناتا ٽٽي ويندا (3)○

بِهِمُ الْاَسْبَابُ ﴿۱۶۶﴾ وَقَالَ الَّذِیْنَ اتَّبَعُوْا لَوْ اَنَّ لَنَا كَرَّةً فَنَتَبَرَّاَ مِنْهُمْ

۽ پيروڪار چوندا جيڪڏهن اسان کي هڪ ڀيرو موٽڻ (جي اجازت) ملي وڃي ته اسان ان پيشوائن کان ائين ئي بيزار ٿي وڃون ها

---

**حاشيہ** (1)... هن آيت ۾ بيان ڪيل شين مان هر هڪ شيءِ تي غور ڪندؤ ته الله تعاليٰ جي قدرت جا اهڙا حيران ڪندڙ ڪرشما نظر ايندا جو عقل حيران رهجي ويندو آهي (2)... سائنسي علوم به معرفتِ اِلٰهي جو ذريعو بڻجندا آهن، جيترو سائنسي علم زياده هوندو اوترو ئي الله جي عظمت و قدرت جي سڃاڻپ زياده هوندي جيڪڏهن ڪو دين اسلام جي خدمت ۽ الله تعاليٰ جي معرفت جي نيت سان سائنسي علوم سکندو آهي ته پوءِ هي به عبادت ۾ شمار ٿيندو. الله تعاليٰ جيڪو ڪائنات ۾ غوروفڪر ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي، هي هن حڪم جي تعميل قرار پائيندو. (3)...ياد رهي ته قيامت جي ڏينهن ڪافرن جي مٽي مائٽي ٽٽي ويندي، پر ولين، متقين ۽ صالحين سان دوستي جو رشتو باقي رهندو.

كَمَا تَبَرَّءُوْا مِنَّا ؕ كَذٰلِكَ يُرِيْهِمُ اللّٰهُ اَعْمَالَهُمْ حَسَرٰتٍ عَلَيْهِمْ ؕ

جيئن هي اسان کان بيزار ٿيا آهن،(1) الله انهيءَ طرح انهن جا عمل انهن تي حسرت بڻائي

ع ٢٠ ٤ وَمَا هُمْ بِخٰرِجِيْنَ مِنَ النَّارِ ﴿۱۶۷﴾ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ كُلُوْا مِمَّا فِى الْاَرْضِ

ڏيکاريندو ۽ اهي دوزخ مان نڪرڻ وارا ناهن○ اي انسانؤ! جيڪو ڪجھ زمين ۾ حلال(2) پاڪيزه آهي(3)

حَلٰلًا طَيِّبًا ۖ وَّلَا تَتَّبِعُوْا خُطُوٰتِ الشَّيْطٰنِ ؕ اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿۱۶۸﴾ اِنَّمَا

ان مان کائو ۽ شيطان جي رستن تي نه هلو، بيشڪ اهو توهان جو کليو دشمن آهي○ اهو توهان کي صرف برائي

يَاْمُرُكُمْ بِالسُّوْٓءِ وَالْفَحْشَآءِ وَاَنْ تَقُوْلُوْا عَلَى اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿۱۶۹﴾

۽ بي حيائي جو حڪم ڏيندو ۽ اهو (حڪم ڏيندو) ته توهان الله جي باري ۾ اهو ڪجھ چئو جيڪو خود توهان کي معلوم ناهي○

وَاِذَا قِيْلَ لَهُمُ اتَّبِعُوْا مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ قَالُوْا بَلْ نَتَّبِعُ مَآ اَلْفَيْنَا عَلَيْهِ

۽ جڏهن انهن کي چيو وڃي ته ان جي پيروي ڪريو جيڪو الله نازل ڪيو آهي ته چوندا آهن: بلڪ اسان ته ان جي پيروي ڪنداسين جنهن

اٰبَآءَنَا ؕ اَوَلَوْ كَانَ اٰبَآؤُهُمْ لَا يَعْقِلُوْنَ شَيْـًٔا وَّلَا يَهْتَدُوْنَ ﴿۱۷۰﴾ وَمَثَلُ

تي اسان پنهنجي ابن ڏاڏن کي ڏٺو آهي، ڇا جيتوڻيڪ انهن جا ابا ڏاڏا نه ڪجھ عقل رکندا هجن نه اهي هدايت وارا هجن؟(4)○ ۽ ڪافرن

الَّذِيْنَ كَفَرُوْا كَمَثَلِ الَّذِىْ يَنْعِقُ بِمَا لَا يَسْمَعُ اِلَّا دُعَآءً وَّنِدَآءً ؕ

جو مثال ان شخص جيئان آهي جيڪو ڪنهن اهڙي کي پڪاري جيڪو خالي رڙ ۽ دانهن کان سواءِ ڪجھ ناهي ٻڌندو،

صُمٌّۢ بُكْمٌ عُمْىٌ فَهُمْ لَا يَعْقِلُوْنَ ﴿۱۷۱﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُلُوْا

(اهي ڪافر) ٻوڙا، گونگا، انڌا آهن پوءِ اهي سمجهن نٿا(5)○ اي ايمان وارؤ! اسان جون ڏنل ستريون شيون کائو

---

**حاشيه** 1...ياد رهي ته نيڪ عملن جي اصل حسرت ته ڪافرن کي ئي ٿيندي، پر مسلمانن کي به نيڪين جي ڪمي ۽ گناهن ۾ ملوث هجڻ سبب حسرت ٿيندي. 2...دين اسلام ۾ حلال ڪمائڻ ۽ حرام کان بچڻ جي تمام گهڻي تاڪيد آهي، حرام روزي ڪمائي، ۽ ڪائي ته ڪو شخص ڪڏهن به متقي نه ٿو ٿي سگهي، رشوت، چوري، ڏاڙو، ڪنهن جو مال قبائڻ سڀ انهيءَ زمري ۾ اچي ٿو. 3...حلال ۽ طيب مان مراد اها چيز آهي جو بذاتِ خود به حلال هجي، مثال طور: ٻڪر جو گوشت، سبزي، دال وغيره ۽ اسان کي حاصل به جائز ذريعي سان هجي. يعني چوري رشوت، ڏاڙي وغيره جي ذريعي نه هجي. 4...شريعت جي مقابلي ۾ ابي، ڏاڏي جي پيروي ڪرڻ حرام آهي، اهڙي طرح گناهن جي ڪمن ۾ به ابي، ڏاڏي جي پيروي ڪرڻ ناجائز آهي، چو ته بحڪمِ حديث الله تعاليٰ جي نافرمانيءَ جي ڪم ۾ ڪنهن جي به اطاعت نه ٿي ڪري سگهجي، اڄڪلھ اسان وٽ شادي، موت ۽ ٻين تقريبن جي موقعي تي شريعت مطابق هلڻ جو چيو وڃي ته ماڻهو اڳيان کان اهوئي ابي، ڏاڏي، خاندان ۽ برادري جي رسم و رواج جو عذر پيش ڪندا آهن، اهو عذر نهايت غلط آهي. 5...ڪن، زبان، اک جو پورو فائدو اهو آهي ته حق ٻڌو، ڳالهايو ۽ ڏٺو وڃي، ۽ ڪافر ڇاڪاڻ ته انهن عضون مان فائدو نه ٿا وٺن ان اعتبار سان اهي انڌا، گونگا ۽ ٻوڙا آهن.

مِنْ طَيِّبٰتِ مَا رَزَقْنٰكُمْ وَاشْكُرُوْا لِلّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ اِيَّاهُ تَعْبُدُوْنَ ﴿۱۷۲﴾ اِنَّمَا

۽ الله جو شڪر ادا ڪريو جيڪڏهن توهان ان جي عبادت ڪريو ٿا○ان توهان تي صرف مردار ۽ رت ۽ سوئر

حَرَّمَ عَلَيْكُمُ الْمَيْتَةَ وَالدَّمَ وَلَحْمَ الْخِنْزِيْرِ وَمَاۤ اُهِلَّ بِهٖ لِغَيْرِ اللّٰهِ ۚ

جو گوشت ۽ اهي جانور حرام ڪيا آهن جن تي ذبح جي وقت غير الله جو نالو ورتو ويو(1) سو جيڪو(ڪائڻ) تي مجبور ٿي وڃي

فَمَنِ اضْطُرَّ غَيْرَ بَاغٍ وَّلَا عَادٍ فَلَاۤ اِثْمَ عَلَيْهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۷۳﴾

جڏهن ته اهو نه خواهش رکڻ وارو هجي ۽ نه ضرورت کان اڳتي وڌڻ وارو ته ان تي ڪو گناهه ناهي بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي○

اِنَّ الَّذِيْنَ يَكْتُمُوْنَ مَاۤ اَنْزَلَ اللّٰهُ مِنَ الْكِتٰبِ وَيَشْتَرُوْنَ بِهٖ ثَمَنًا

بيشڪ اهي ماڻهو جيڪي الله جي نازل ڪيل ڪتاب کي لڪائن ٿا(2) ۽ ان جي بدلي ذليل قيمت وٺن ٿا

قَلِيْلًا ۙ اُولٰٓىٕكَ مَا يَاْكُلُوْنَ فِيْ بُطُوْنِهِمْ اِلَّا النَّارَ وَلَا يُكَلِّمُهُمُ اللّٰهُ يَوْمَ

اهي پنهنجي پيٽ ۾ باهه ئي ڀرين ٿا ۽ الله قيامت جي ڏينهن انهن سان نه ڪلام فرمائيندو(3)

الْقِيٰمَةِ وَلَا يُزَكِّيْهِمْ ۚۖ وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۱۷۴﴾ اُولٰٓىٕكَ الَّذِيْنَ اشْتَرَوُا

۽ نه انهن کي پاڪ ڪندو ۽ انهن جي لاءِ دردناڪ عذاب آهي○ هي اهي ئي ماڻهو آهن جن هدايت جي بدلي

الضَّلٰلَةَ بِالْهُدٰى وَالْعَذَابَ بِالْمَغْفِرَةِ ۚ فَمَاۤ اَصْبَرَهُمْ عَلَى النَّارِ ﴿۱۷۵﴾

گمراهي ۽ بخشش جي بدلي عذاب خريدي ورتو پوءِ اهي ڪيترو باهه کي برداشت ڪرڻ وارا آهن(4)○

ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ نَزَّلَ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ ؕ وَاِنَّ الَّذِيْنَ اخْتَلَفُوْا فِي الْكِتٰبِ

هي (سزا) ان جي لاءِ آهي جو الله حق سان ڪتاب نازل فرمايو ۽ بيشڪ ڪتاب ۾ اختلاف ڪرڻ وارا(5)

حاشيه (1)...غيرالله جي نالي تي ذبح ڪرڻ مان مراد هي آهي ته ذبح ڪرڻ دوران ڇُري هلائيندي الله کان سواءِ ٻي ڪنهن جو نالو ذبح دوران ورتو وڃي، اهڙو جانور حرام ۽ مردار آهي، زندگي ۾ ڪنهن جي طرف منسوب ڪرڻ سان هن آيت جو تعلق ناهي، وڌيڪ تفصيل صراط الجنان ج1 ص274 تي ملاحظ فرمائيندا. (2)...ياد رهي ته لڪائڻ هي به آهي ته ڪتاب جي مضمون تي ڪنهن کي به مطلع نه ٿيڻ ڏنو وڃي، نه ڪنهن کي پڙهي ٻڌايو وڃي، نه وري ڪنهن کي ڏيکاريو وڃي، ۽ هيءُ به لڪائڻ آهي ته غلط تاويلون ڪري معنيٰ بدلائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي، ۽ ڪتاب جي اصل معنيٰ تي پردو وڌو وڃي، يهودي هي سڀ ڪم ڪندا هئا، ۽ اڄ به ڪوڙ ماڻهو ايئن ئي ڪن پيا. (3)...هتي ڪلام نه فرمائڻ مان مراد هي آهي ته رحمت سان ڪلام نه فرمائيندو. (4)...آيت ۾ لفظ "ما"ماڻهن جي محاوري جي اعتبار سان تعجب جي معنيٰ ۾ آهي، ۽ هي استفهام به ٿي سگهي ٿو. (5)...ڪتاب مان مراد قرآن شريف آهي يا تورات شريف، پهرين صورت ۾ اختلاف مان مراد "نه مڃڻ" ۽ ٻي صورت ۾ ان مان مراد"صحيح طور تي نه مڃڻ"هوندو، ڇوته يهودي قرآن پاڪ کي ته بلڪل نه مڃيندا هئا، ۽ تورات جي مڃڻ جا دعويدار هئا، ليڪن صحيح طور تي نه مڃيندا هئا.

لَفِيْ شِقَاقٍ بَعِيْدٍ ﴿١٧٦﴾ ع لَيْسَ الْبِرَّ اَنْ تُوَلُّوْا وُجُوْهَكُمْ قِبَلَ الْمَشْرِقِ ع ٢١ / ٥ / ركوع

پري جي مخالفت ۽ ضد ۾ آهن○ اصل نيڪي اها نہ آهي جو توهان پنهنجو منهن اوڀر

وَالْمَغْرِبِ وَلٰكِنَّ الْبِرَّ مَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَالْمَلٰٓئِكَةِ وَالْكِتٰبِ

يا اولهہ ڏانهن ڪيو بلڪ اصلي نيڪ اهو آهي جيڪو الله ۽ قيامت ۽ ملائڪن ۽ ڪتابن ۽ پيغمبرن تي ايمان آڻي

وَالنَّبِيّٖنَ ج وَاٰتَى الْمَالَ عَلٰى حُبِّهٖ ذَوِي الْقُرْبٰى وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنَ وَ

۽ الله جي محبت ۾ پيارو مال مائٽن ۽ يتيمن ۽ مسڪينن ۽ مسافرن(1) ۽ سوالين کي ۽

ابْنَ السَّبِيْلِ لا وَالسَّآئِلِيْنَ وَفِي الرِّقَابِ ج وَاَقَامَ الصَّلٰوةَ وَاٰتَى الزَّكٰوةَ ج

(غلام ٻانهين جا) ڪنڌ آزاد ڪرائڻ ۾ خرچ ڪري ۽ نماز قائم رکي ۽ زڪوٰة ڏيئي ۽ اهي

وَالْمُوْفُوْنَ بِعَهْدِهِمْ اِذَا عٰهَدُوْا ج وَالصّٰبِرِيْنَ فِي الْبَاْسَآءِ وَالضَّرَّآءِ

ماڻهو جيڪي واعدو ڪري پنهنجو واعدو پورو ڪرڻ وارا آهن ۽ مصيبت ۽ سختي ۾ ۽ جهاد جي

وَحِيْنَ الْبَاْسِ ط اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ صَدَقُوْا ط وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُتَّقُوْنَ ﴿١٧٧﴾

وقت صبر ڪرڻ وارا آهن اهي ئي ماڻهو سچا آهن(2) ۽ اهي ئي پرهيزگار آهن○

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُتِبَ عَلَيْكُمُ الْقِصَاصُ فِي الْقَتْلٰى ط اَلْحُرُّ

اي ايمان وارؤ! توهان تي قتل ٿيلن(3) جي خون جو بدلو وٺڻ فرض ڪيو ويو، آزاد جي بدلي

بِالْحُرِّ وَالْعَبْدُ بِالْعَبْدِ وَالْاُنْثٰى بِالْاُنْثٰى ط فَمَنْ عُفِيَ لَهٗ مِنْ اَخِيْهِ

آزاد ۽ غلام جي بدلي غلام ۽ عورت جي بدلي عورت پوءِ جنهن لاءِ سنڌس ڀاءُ جي

حاشيه: 1... آيت ۾ مذڪور "ابْنَ السَّبِيْلِ" جو لفظي ترجمو آهي ”رستي جو پٽ“ ان مان مراد مسافر آهي. 2... يعني صحيح عقيدا رکڻ وارا، نمازي، زڪوٰت ۽ صدقا ڏيڻ وارا، صبر جا عادي، واعدي جا پابند ۽ نيڪ عمل ڪرڻ وارائي پنهنجي ايمان جي دعويٰ ۾ ڪامل طور سچا آهن. الله تعاليٰ اسان کي ايئن ئي بڻائي. 3... عربي لفظ قتليٰ ”قتيل“ جي جمع آهي.

شَيْءٌ فَاتِّبَاعٌۢ بِالْمَعْرُوْفِ وَاَدَآءٌ اِلَيْهِ بِاِحْسَانٍ ؕ ذٰلِكَ تَخْفِيْفٌ مِّنْ

طرفان معافي ڏني وڃي تہ سني طريقي سان مطالبو هجي ۽ وارث کي سني طريقي سان ادائيگي ٿئي،(1) هي توهان

رَّبِّكُمْ وَرَحْمَةٌ ؕ فَمَنِ اعْتَدٰى بَعْدَ ذٰلِكَ فَلَهٗ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۱۷۸﴾ وَلَكُمْ

جي رب جي طرفان آساني ۽ رحمت آهي. تہ ان کان پوءِ جيڪو زيادتي ڪري ان جي لاءِ دردناڪ عذاب آهيo ۽ اي عقل وارؤ!

فِي الْقِصَاصِ حَيٰوةٌ يّٰاُولِي الْاَلْبَابِ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿۱۷۹﴾ كُتِبَ عَلَيْكُمْ اِذَا

خون جو بدلو وٺڻ ۾ توهان جي زندگي آهي تہ جيئن توهان بچو(2)o توهان تي فرض ڪيو ويو آهي(3) تہ

حَضَرَ اَحَدَكُمُ الْمَوْتُ اِنْ تَرَكَ خَيْرَا ۖۚ اۨلْوَصِيَّةُ لِلْوَالِدَيْنِ وَالْاَقْرَبِيْنَ

جڏهن توهان مان ڪنهن کي موت اچي (پوءِ) جيڪڏهن اهو ڪجهہ مال ڇڏي تہ پنهنجي ماءُ پيءُ ۽ ويجهن مائٽن

بِالْمَعْرُوْفِ ۚ حَقًّا عَلَى الْمُتَّقِيْنَ ﴿۱۸۰﴾ ؕ فَمَنْۢ بَدَّلَهٗ بَعْدَ مَا سَمِعَهٗ فَاِنَّمَآ

جي لاءِ چڱي نموني وصيت ڪري وڃي، اهو پرهيزگارن تي واجب آهيo پوءِ جيڪو وصيت کي ٻڌڻ کان بعد ان کي

اِثْمُهٗ عَلَى الَّذِيْنَ يُبَدِّلُوْنَهٗ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿۱۸۱﴾ ؕ فَمَنْ خَافَ مِنْ

تبديل ڪري ڇڏي تہ ان جو گناهہ ان تبديل ڪرڻ وارن تي ئي آهي، (4) بيشڪ الله ٻڌڻ وارو ڄاڻڻ وارو آهيo پوءِ جنهن کي وصيت ڪرڻ

مُّوْصٍ جَنَفًا اَوْ اِثْمًا فَاَصْلَحَ بَيْنَهُمْ فَلَآ اِثْمَ عَلَيْهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ

واري جي طرفان طرف داري يا گناهہ جو انديشو هجي تہ اهو انهن جي وچ ۾ صلح ڪرائي تہ ان تي ڪجهہ گناهہ ناهي(5) بيشڪ الله

رَّحِيْمٌ ﴿۱۸۲﴾ ع يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُتِبَ عَلَيْكُمُ الصِّيَامُ كَمَا كُتِبَ ع ٢٢ ٦

بخشڻهار مهربان آهيo اي ايمان وارؤ! توهان تي روزا فرض ڪيا ويا (6) جيئن توهان کان اڳين ماڻهن تي

حاشيه 1... مقتول جا وارث مال جي بدلي معاف ڪرڻ تي راضي ٿي وڃن تہ پوءِ انهن کي مطالبو ڪرڻ ۾ ۽ ٻي طرف قاتل کي خون وهائڻ جي معاملي ۾ سنو طريقو اختيار ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. 2... قصاص ۾ زندگي هيئن آهي تہ قصاص ۾ قتل ٿيڻ جي ڊپ کان هڪ ماڻهو ٻي ماڻهوءَ کي قتل ڪرڻ کان رڪجي ويندو. اهڙي ريت جڏهن قاتل کي سزا ڏني ويندي تہ ٻين ماڻهن کي بہ ڀرپور عبرت ملندي، ۽ هيءُ طريقو ماڻهن جي زندگين جي تحفظ جو ذريعو بڻبو. 3... احڪامِ ميراث نازل ٿيڻ کان اڳ ۾ مرڻ واري تي پنهنجي مال جي باري ۾ وصيت ڪرڻ واجب هئي، ڇوتہ ان وقت صرف وصيت جي مطابق مال تقسيم ٿيندو هو، ۽ جڏهن ميراث جا احڪام آيا تہ وصيت جي حڪم جو وجوب منسوخ ٿي ويو، البت! جواز اڃان بہ باقي آهي. 4... وصيت ڪرڻ کان پوءِ زندگيءَ ۾ وصيت ڪرڻ واري کي وصيت تبديل ڪرڻ جو اختيار هوندو آهي، پر فوت ٿيڻ کان پوءِ ڪنهن بہ شخص کي وصيت تبديل ڪرڻ جو شرعاً اختيار ناهي. 5... جيڪڏهن ڪنهن عالم، حاڪم، وصي يا رشتيدار وغيره کي معلوم ٿيو تہ مرڻ وارو وصيت ۾ ڪنهن تي زيادتي ڪري رهيو آهي يا شرعي حڪمن جي پابندي ناهي ڪري رهيو ۽ هي مرڻ واري کي سمجهائي وصيت درست ڪرائي ڇڏين تہ پوءِ هي شخص گناهہ گار ناهي، بلڪ پنهنجي نيڪ عمل جي ڪري ثواب جو حقدار ٿيندو. 6... هن آيت ۾ روزن جي فرضيت جو بيان آهي. شريعت ۾ روزو هي آهي تہ صبح صادق کان وٺي غروبِ آفتاب تائين روزي جي نيت سان کائڻ، پيئڻ ۽ همبستري کان بچيو وڃي.

عَلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿١٨٣﴾ اَيَّامًا مَّعْدُوْدٰتٍ ؕ

فرض كيا ويا ته جيئن توهان پرهيزگار بڻجي وڃو○ ڳڻپ جا ڪجھ ڏينهن آهن

فَمَنْ كَانَ مِنْكُمْ مَّرِيْضًا اَوْ عَلٰى سَفَرٍ فَعِدَّةٌ مِّنْ اَيَّامٍ اُخَرَ ؕ وَعَلَى الَّذِيْنَ

پوءِ توهان مان جيڪو بيمار هجي يا سفر ۾ هجي ته اوترا روزا ٻين ڏينهن ۾ رکي(1) ۽ جن کي

يُطِيْقُوْنَهٗ فِدْيَةٌ طَعَامُ مِسْكِيْنٍ ؕ فَمَنْ تَطَوَّعَ خَيْرًا فَهُوَ خَيْرٌ

ان جي طاقت نہ هجي ته ان تي هڪ مسڪين جو کاڌو فديو آهي پوءِ جيڪو پنهنجي طرفان نيڪي وڌيڪ ڪري ته اها ان جي لاءِ بهتر

لَّهٗ ؕ وَاَنْ تَصُوْمُوْا خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿١٨٤﴾ شَهْرُ رَمَضَانَ الَّذِيْٓ

آهي ۽ جيڪڏهن توهان ڄاڻو ته روزو رکڻ توهان جي لاءِ وڌيڪ بهتر آهي○ رمضان جو مهينو آهي(2) جنهن ۾

اُنْزِلَ فِيْهِ الْقُرْاٰنُ هُدًى لِّلنَّاسِ وَبَيِّنٰتٍ مِّنَ الْهُدٰى وَالْفُرْقَانِ ۚ فَمَنْ

قرآن نازل ڪيو ويو جيڪو ماڻهن جي لاءِ هدايت ۽ رهنمائي آهي ۽ فيصلي جي روشن ڳالهين (تي مشتمل آهي) پوءِ توهان

شَهِدَ مِنْكُمُ الشَّهْرَ فَلْيَصُمْهُ ؕ وَمَنْ كَانَ مَرِيْضًا اَوْ عَلٰى سَفَرٍ فَعِدَّةٌ

مان جيڪو اهو مهينو ماڻي ته ضرور ان جا روزا رکي ۽ جيڪو بيمار هجي يا سفر ۾ هجي ته اوترا روزا ٻين ڏينهن ۾ رکي،

مِّنْ اَيَّامٍ اُخَرَ ؕ يُرِيْدُ اللّٰهُ بِكُمُ الْيُسْرَ وَلَا يُرِيْدُ بِكُمُ الْعُسْرَ ۫ وَ

الله توهان تي آساني چاهي ٿو ۽ توهان تي ڏکيائي نٿو چاهي ۽ (هي آسانيون ان لاءِ آهن) ته جيئن توهان(روزن جو) تعداد پورو

لِتُكْمِلُوا الْعِدَّةَ وَلِتُكَبِّرُوا اللّٰهَ عَلٰى مَا هَدٰىكُمْ وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿١٨٥﴾

ڪريو ۽ ته جيئن توهان هن ڳالھ تي الله جي وڏائي بيان ڪريو جو ان توهان کي هدايت ڏني ۽ ته جيئن توهان شڪر گذار بڻجي وڃو(3)○

---

حاشيه 1...مريض کي في الحال روزو رکڻ جي رخصت ان صورت ۾ آهي جڏهن ان کي روزي رکڻ سان مرض ۾ زيادتي يا هلاڪ ٿيڻ جو انديشو هجي، ۽ مسافر کي رخصت ان صورت ۾ آهي جڏهن هو 92 ڪلو ميٽر يا ان کان وڌيڪ مفاصلي جي سفر تي هجي، 2...رمضان اهو واحد مهينو آهي جنهن جو نالو قرآن مجيد ۾ آيو آهي ۽ قرآن مجيد جي نسبت سان ماهِ رمضان کي عظمت و شرافت ملي. ان مان معلوم ٿيو ته جنهن وقت ڪنهن کي عظمت و شرافت واري شيءِ سان نسبت ٿي وڃي ته هو قيامت تائين شرف و عظمت وارو آهي، انڪري جنهن ڏينهن ۽ جنهن وقت کي حضور پرنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت ۽ معراج سان نسبت آهي اهي عظمت ۽ شرافت وارا ٿي ويا، 3...ڳڻپ ڪرڻ مان مراد رمضان جا اٺتيھ يا ٽيھ ڏينهن پورا ڪرڻ آهي، ۽ تڪبير چوڻ مان مراد هي آهي ته الله تعاليٰ توهان کي پنهنجي دين جا طريقا سيکاريا ته پوءِ توهان ان تي الله تعاليٰ جي وڏائي بيان ڪيو ۽ انهن شين تي الله تعاليٰ جو شڪريو ادا ڪريو.

وَ اِذَا سَاَلَكَ عِبَادِیْ عَنِّیْ فَاِنِّیْ قَرِیْبٌ ؕ اُجِیْبُ دَعْوَةَ الدَّاعِ اِذَا دَعَانِ ۙ

۽ اي حبيب! جڏهن توهان کان منهنجا ٻانها منهنجي باري ۾ سوال ڪن ته بيشڪ مان ويجهو آهيان، مان دعا گهرڻ واري جي دعا قبول

فَلْيَسْتَجِيْبُوْا لِیْ وَ لْيُؤْمِنُوْا بِیْ لَعَلَّهُمْ يَرْشُدُوْنَ ﴿۱۸۶﴾ اُحِلَّ لَكُمْ

ڪندو آهيان جڏهن اهو مون کان دعا گهري (1) ته انهن کي گهرجي ته منهنجو حڪم مڃن ۽ مون تي ايمان آڻن ته جيئن هدايت ماڻن○ توهان

لَيْلَةَ الصِّيَامِ الرَّفَثُ اِلٰى نِسَآىِٕكُمْ ؕ هُنَّ لِبَاسٌ لَّكُمْ وَ اَنْتُمْ لِبَاسٌ لَّهُنَّ ؕ

جي لاءِ روزن جي راتين ۾ پنهنجي گهروارين وٽ وڃڻ حلال ڪيو ويو،(2) اهي توهان جي لاءِ لباس آهن ۽ توهان انهن جي لاءِ لباس آهيو،

عَلِمَ اللّٰهُ اَنَّكُمْ كُنْتُمْ تَخْتَانُوْنَ اَنْفُسَكُمْ فَتَابَ عَلَيْكُمْ وَ عَفَا عَنْكُمْ ۚ

الله کي خبر آهي ته توهان پنهنجي جانين کي خيانت ۾ وجهندا هئا پوءِ ان توهان جي توبهه قبول ڪئي ۽ توهان کي معاف ڪري ڇڏيو

فَالْـٰٔنَ بَاشِرُوْهُنَّ وَ ابْتَغُوْا مَا كَتَبَ اللّٰهُ لَكُمْ ۪ وَ كُلُوْا وَ اشْرَبُوْا حَتّٰى

پوءِ هاڻي انهن سان صحبت ڪيو ۽ جيڪو الله توهان جي نصيب ۾ لکيو آهي ان کي طلب ڪريو(3) ۽ کائو ۽ پيئو ايستائين

يَتَبَيَّنَ لَكُمُ الْخَيْطُ الْاَبْيَضُ مِنَ الْخَيْطِ الْاَسْوَدِ مِنَ الْفَجْرِ ۪ ثُمَّ اَتِمُّوا

جو توهان جي لاءِ فجر کان سفيدي (صبح) جو سڳو ڪاري (رات) جي سڳي کان ممتاز ٿي وڃي پوءِ رات اچڻ

الصِّيَامَ اِلَى الَّيْلِ ۚ وَ لَا تُبَاشِرُوْهُنَّ وَ اَنْتُمْ عٰكِفُوْنَ ۙ فِی الْمَسٰجِدِ ؕ تِلْكَ

تائين روزن کي پورو ڪيو ۽ عورتن سان صحبت نه ڪيو جڏهن توهان مسجدن ۾ اعتڪاف ۾ هجو،(4) اهي

حُدُوْدُ اللّٰهِ فَلَا تَقْرَبُوْهَا ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ اٰيٰتِهٖ لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ

الله جون حدون آهن سو انهن جي ويجهو نه وڃو، الله اهڙي ريت ماڻهن جي لاءِ پنهنجون آيتون کولي ڪري بيان فرمائي ٿو ته جيئن

---

حاشيه (1)... دعا جي معنيٰ آهي پنهنجي حاجت پيش ڪرڻ ۽ اجابت يعني قبوليت جي معنيٰ هيءَ آهي ته پالڻهار پنهنجي ٻانهي جي دعا تي "لبيڪ عبدي" فرمائيندو آهي، البت! جيڪو گهريو وڃي انهيءَ جو حاصل ٿيڻ ٻي شيءِ آهي. (2)... عربي لفظ "الرفث" جي لغوي معنيٰ آهي، مرد ۽ عورت جون باهمي پردي واريون اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ جيڪي سيني جي سامهون نه ڪيون وڃن، ۽ هن مان مراد همبستري ڪرڻ آهي، (3)... الله تعاليٰ جي لکيل کي طلب ڪرڻ مان هڪ مراد هي به آهي ته عورتن سان همبستري اولاد جي حصول جي نيت سان هئڻ گهرجي، جنهن سان مسلمانن جي افرادي قوت ۾ اضافو ٿئي ۽ دين مضبوط ٿئي، (4)... هن ۾ بيان آهي ته رمضان جي راتين ۾ روزيدار لاءِ زال سان همبستري ڪرڻ حلال آهي، جڏهن ته هو معتڪف نه هجي، ليڪن اعتڪاف ۾ عورتن سان زال مڙس وارا تعلقات رکڻ حرام آهن.

يَتَّقُوْنَ ﴿١٨٧﴾ وَ لَا تَاْكُلُوْۤا اَمْوَالَكُمْ بَيْنَكُمْ بِالْبَاطِلِ وَ تُدْلُوْا بِهَاۤ اِلَى

اهي پرهيزگار ٿي وڃن ۽ پاڻ ۾ هڪ ٻئي جو مال ناحق نہ کائو ۽ نہ

الْحُكَّامِ لِتَاْكُلُوْا فَرِيْقًا مِّنْ اَمْوَالِ النَّاسِ بِالْاِثْمِ وَ اَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿١٨٨﴾ ع ٢٣ ٦ ٧

حاڪمن وٽ ان جو مقدمو هن ڪري پهچايو تہ جيئن ماڻهن جو ڪجھ مال ناجائز طور تي ڄاڻي واڻي کائو (1)

يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الْاَهِلَّةِ ؕ قُلْ هِيَ مَوَاقِيْتُ لِلنَّاسِ وَ الْحَجِّ ؕ وَ لَيْسَ

توهان کان نئين چنڊ جي باري ۾ سوال ڪن ٿا. (2) اوهان فرمايو: هي ماڻهن ۽ حج جي لاءِ وقت جون نشانيون آهن ۽

الْبِرُّ بِاَنْ تَاْتُوا الْبُيُوْتَ مِنْ ظُهُوْرِهَا وَ لٰكِنَّ الْبِرَّ مَنِ اتَّقٰى ۚ وَ اْتُوا

اها ڪا نيڪي ناهي تہ توهان گهرن ۾ پوئين پٽ پيجي اچو، ها اصل نيڪ تہ پرهيزگار هوندو آهي (3) ۽ گهرن ۾

الْبُيُوْتَ مِنْ اَبْوَابِهَا ۪ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿١٨٩﴾ وَ قَاتِلُوْا فِيْ

انهن جي دروازن کان اچو ۽ الله کان ڊڄندا رهو هن اميد تي تہ توهان ڪاميابي ماڻيو ۽ الله جي راهہ ۾ انهن سان وڙهو جيڪي

سَبِيْلِ اللّٰهِ الَّذِيْنَ يُقَاتِلُوْنَكُمْ وَ لَا تَعْتَدُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ

توهان سان وڙهن ٿا ۽ حد کان نہ لنگهو، بيشڪ الله حد کان لنگهندڙن کي پسند ناهي ڪندو

الْمُعْتَدِيْنَ ﴿١٩٠﴾ وَ اقْتُلُوْهُمْ حَيْثُ ثَقِفْتُمُوْهُمْ وَ اَخْرِجُوْهُمْ مِّنْ حَيْثُ

۽ (جهاد دوران) ڪافرن کي جتي ڏسو قتل ڪريو (4) ۽ انهن کي اتان ڪڍي ڇڏيو جتان

اَخْرَجُوْكُمْ وَ الْفِتْنَةُ اَشَدُّ مِنَ الْقَتْلِ ۚ وَ لَا تُقٰتِلُوْهُمْ عِنْدَ الْمَسْجِدِ

انهن توهان کي ڪڍيو هو ۽ فتنو قتل کان وڌيڪ سخت هوندو آهي ۽ مسجد حرام وٽ

**حاشيہ** 1... ناجائز فائدي جي لاءِ ڪنهن تي مقدمو بنائڻ ان کي حاڪم تائين وٺي وڃڻ ناجائز ۽ حرام آهي، اهڙي طرح پنهنجي فائدي جي خاطر ٻي کي نقصان پهچائڻ لاءِ حاڪمن تي اثر و رسوخ وجهڻ ۽ رشوت ڏيڻ حرام آهي، حاڪمن تائين پهچ رکڻ وارن کي هن آيت جي حڪم کي ذهن ۾ رکڻ گهرجي. 2... عربي لفظ اَهِلّة ”هِلال“ جو جمع آهي، ۽ نئين مهيني جي پهرين ٻي رات جي چنڊ کي هلال چوندا آهن. 3... هيءَ آيت جاهليت جي دور جي هڪ رسم بابت نازل ٿي، ان مان معلوم ٿيو تہ ڪنهن شيءِ جي منع ٿيڻ کان سواءِ ناجائز سمجهڻ جاهلن جو ڪم آهي، پنهنجي طرفان غلط قسم جون رسمون ڪڍي يا پابنديون لڳائي ڇڏڻ جائز ناهي، گهٽائي ڪم هونئن جائز هوندا آهن پر پنهنجي طرفان شرعاً ضروري سمجهڻ سان اُهي خلافِ شريعت ٿي ويندا آهن. 4... هتي دورانِ جهاد ڪافرن کي قتل ڪرڻ جي ڳالهہ هلي رهي آهي، ان ۾ هي حڪم ناهي جو امن هجي يا جنگ، صلح هجي يا لڙائي هرصورت ۾ انهن کي قتل ڪريو.

الْحَرَامِ حَتّٰى يُقٰتِلُوْكُمْ فِيْهِ ۚ فَاِنْ قٰتَلُوْكُمْ فَاقْتُلُوْهُمْ ؕ كَذٰلِكَ

انهن سان نه وڙهو جيستائين اهي توهان سان اتي نه وڙهن ۽ جيڪڏهن اهي توهان سان وڙهن ته انهن کي قتل ڪيو،

جَزَآءُ الْكٰفِرِيْنَ ﴿١٩١﴾ فَاِنِ انْتَهَوْا فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٩٢﴾ وَقٰتِلُوْهُمْ

ڪافرن جي اها ئي سزا آهي(1)o پوءِ جيڪڏهن اهي باز اچي وڃن ته بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهيo ۽ انهن سان وڙهندا رهو

حَتّٰى لَا تَكُوْنَ فِتْنَةٌ وَّيَكُوْنَ الدِّيْنُ لِلّٰهِ ؕ فَاِنِ انْتَهَوْا فَلَا عُدْوَانَ اِلَّا

ايستائين جو ڪو فتنو نه رهي(2) ۽ عبادت الله جي لاءِ ٿي وڃي پوءِ جيڪڏهن اهي باز اچي وڃن ته صرف ظالمن تي سختيءَ جي سزا

عَلَى الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٩٣﴾ اَلشَّهْرُ الْحَرَامُ بِالشَّهْرِ الْحَرَامِ وَالْحُرُمٰتُ قِصَاصٌ ؕ

باقي رهجي ويندي آهيo ادب واري مهيني جي بدلي ادب وارو مهينو آهي ۽ سيني ادب وارين شين جو بدلو آهي.

فَمَنِ اعْتَدٰى عَلَيْكُمْ فَاعْتَدُوْا عَلَيْهِ بِمِثْلِ مَا اعْتَدٰى عَلَيْكُمْ ۪ وَاتَّقُوا

پوءِ جيڪو توهان تي زيادتي ڪري ان تي ايتري ئي زيادتي ڪريو جيتري ان توهان تي زيادتي ڪئي هجي ۽ الله کان ڊڄندا رهو

اللّٰهَ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ مَعَ الْمُتَّقِيْنَ ﴿١٩٤﴾ وَاَنْفِقُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَ

۽ ڄاڻي ڇڏيو ته الله ڊڄڻ وارن سان گڏ آهي(3)o ۽ الله جي راهه ۾ خرچ ڪريو ۽ پنهنجي

لَا تُلْقُوْا بِاَيْدِيْكُمْ اِلَى التَّهْلُكَةِ ۛۚ وَاَحْسِنُوْا ۛۚ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٩٥﴾ معٰ

هٿن سان پاڻ کي هلاڪت ۾ نه وجهو ۽ نيڪي ڪريو بيشڪ الله نيڪي ڪرڻ وارن سان محبت فرمائيندو آهيo

وَاَتِمُّوا الْحَجَّ وَالْعُمْرَةَ لِلّٰهِ ؕ فَاِنْ اُحْصِرْتُمْ فَمَا اسْتَيْسَرَ مِنَ الْهَدْيِ ۚ

۽ حج ۽ عمرو الله جي لاءِ پورو ڪريو پوءِ جيڪڏهن توهان کي (مڪي کان) روڪيو وڃي(4) ته (حرم ۾) قرباني

حاشيه 1...حرم جي حدن ۾ مسلمانن کي وڙهڻ کان منع ڪيو ويو آهي، ڇوته هي حرم جي حرمت جي خلاف آهي، ها جيڪڏهن ڪافر ئي اُتي مسلمانن سان جنگ جي ابتدا ڪن ته انهن کي جواب ڏيڻ لاءِ اُهي به انهن سان وڙهن ۽ قتل ڪرڻ جي اجازت آهي، 2...هتي فتني مان ”شرڪ“ مراد آهي. 3...دين اسلام جي اعليٰ اخلاق، پاڪيزه ڪردارن ۽ ظلم کان روڪڻ جي درس ڏيڻ جي بلندي ڏسو ته جذبهءِ انتقام جي جوش ۽ دشمنن تي قبضو حاصل ٿيڻ وقت بدلي وٺڻ ۾ مسلمانن کي تقويٰ ۽ عدل و انصاف جو درس ڏنو پيو وڃي، ۽ زيادتي ڪرڻ کان منع ڪيو پيو وڃي. 4...حج يا عمري جو احرام ٻڌڻ کان پوءِ ڪنهن وجهه سان جيئن! دشمن يا خونخوارجانور جي خوف يا سفر جي ڪري مرض وڌي وڃڻ جو يقين هجڻ جي بنا تي حج ۽ عمرو پورو نه ٿيڻ کي احصار چوندا آهن.

وَلَا تَحْلِقُوْا رُءُوْسَكُمْ حَتّٰى يَبْلُغَ الْهَدْيُ مَحِلَّهٗ ؕ فَمَنْ كَانَ مِنْكُمْ

جو جانور موڪليو جيڪو ميسر اچي ۽ پنهنجا متا نه ڪوڙايو جيستائين قرباني پنهنجي جاءِ تي نه پهچي وڃي پوءِ

مَّرِيْضًا اَوْ بِهٖۤ اَذًى مِّنْ رَّاْسِهٖ فَفِدْيَةٌ مِّنْ صِيَامٍ اَوْ صَدَقَةٍ اَوْ

جيڪو توهان مان بيمار هجي يا ان جي متي ۾ ڪجهه تڪليف آهي ته روزي يا خيرات يا قرباني جو فديو ڏيئي(1) پوءِ

نُسُكٍ ۚ فَاِذَاۤ اَمِنْتُمْ ۫ فَمَنْ تَمَتَّعَ بِالْعُمْرَةِ اِلَى الْحَجِّ فَمَا اسْتَيْسَرَ مِنَ

جڏهن توهان اطمينان سان هجو ته جيڪو حج سان عمري کي ملائڻ جو فائدو کٽي ان تي قرباني لازم آهي جهڙي ميسر اچي

الْهَدْيِ ۚ فَمَنْ لَّمْ يَجِدْ فَصِيَامُ ثَلٰثَةِ اَيَّامٍ فِى الْحَجِّ وَسَبْعَةٍ اِذَا

پوءِ جيڪو (قرباني جي قدرت) نه رکي ته ٽي روزا حج جي ڏينهن ۾ رکي ۽ ست روزا (ان وقت رکو) جڏهن توهان پنهنجي

رَجَعْتُمْ ؕ تِلْكَ عَشَرَةٌ كَامِلَةٌ ؕ ذٰلِكَ لِمَنْ لَّمْ يَكُنْ اَهْلُهٗ حَاضِرِى

گهر موٽي وڃو، هي مڪمل ڏهه آهن.(2) اهو حڪم ان جي لاءِ آهي جيڪو مڪي

ع ٨ ٢٤ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ؕ وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاعْلَمُوْۤا اَنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿۱۹۶﴾

جو رهڻ وارو نه هجي(3) ۽ الله کان ڊڄندا رهو ۽ ڄاڻي ڇڏيو ته الله سخت عذاب ڏيڻ وارو آهيo

اَلْحَجُّ اَشْهُرٌ مَّعْلُوْمٰتٌ ۚ فَمَنْ فَرَضَ فِيْهِنَّ الْحَجَّ فَلَا رَفَثَ وَلَا فُسُوْقَ ۙ

حج ڪجهه معلوم مهينا آهن ته جيڪو ان ۾ حج جي نيت ڪري ته حج ۾ نه عورتن جي سامهون همبستري جو تذڪرو ٿئي

وَلَا جِدَالَ فِى الْحَجِّ ؕ وَمَا تَفْعَلُوْا مِنْ خَيْرٍ يَّعْلَمْهُ اللّٰهُ ؕؔ وَتَزَوَّدُوْا

۽ نه ڪو گناه ٿئي ۽ نه ڪنهن سان جهڳڙو ٿئي ۽ توهان جيڪا ڀلائي ڪريو الله ان کي ڄاڻي ٿو ۽ ثمر ساڻ کڻو پوءِ سڀ کان بهتر

وقف النبي صلى الله عليه وسلم

حاشيه 1...احرام جي حالت ۾ جنهن به پابندي جي خلاف ورزي ڪرڻ تي دم يعني قرباني ڪرڻ لازم هوندي آهي، اها خلاف ورزي جيڪڏهن بيماري، متي ۾ زخم، ڦرڙي، يا جوئن وغيره جي سخت ايذا جي باعث هوندي ته ان ۾ قرباني جي بدلي ڇهه مسڪينن کي هڪ هڪ صدقو ڏيڻ يا ٻن وقتن جو ڪاڌو پيٽ ڀري کارائڻ يا ٽن ڏينهن جا روزا رکڻ يا قرباني ڪرڻ جو اختيار هوندو. 2...جيڪو شخص هڪ ئي سفر ۾ حج ۽ عمري جي سعادت حاصل ڪري ته ان تي شڪراني جي طور قرباني لازم آهي، جيڪڏهن قرباني ڪرڻ جي قدرت نه هجي ته پوءِ ڏهه ڏينهن روزا رکي، ٽي روزا احرام ٻڌڻ کان پوءِ 1 شوال کان 9 ذوالحج تائين رکي، ۽ ست روزا 13 ذوالحج کان پوءِ رکي. 3...حج تمتع يا قِران جو جائز هجڻ صرف آفاقي يعني ميقات کان ٻاهر وارن جي لاءِ آهي، حدود ميقات ۾ ۽ ان اندر رهڻ وارن جي لاءِ نه تمتع جي اجازت آهي نه وري قِران جي اهي صرف حج افراد ئي ڪري سگهن ٿا.

فَاِنَّ خَيْرَ الزَّادِ التَّقْوٰى ۡ وَاتَّقُوْنِ يٰٓاُولِي الْاَلْبَابِ ﴿١٩٧﴾ لَيْسَ عَلَيْكُمْ

ثمر يقينًا پرهيزگاري آهي ۽ اي عقل وارؤ! مون کان ڊڄندا رهو(1)○ توهان تي ڪو گناهہ ناهي جو

جُنَاحٌ اَنْ تَبْتَغُوْا فَضْلًا مِّنْ رَّبِّكُمْ ۭ فَاِذَآ اَفَضْتُمْ مِّنْ عَرَفٰتٍ فَاذْكُرُوا

توهان پنهنجي رب جو فضل تلاش ڪريو پوءِ جڏهن توهان عرفات کان واپس موٽو تہ

اللّٰهَ عِنْدَ الْمَشْعَرِ الْحَرَامِ ۠ وَاذْكُرُوْهُ كَمَا هَدٰىكُمْ ۚ وَاِنْ كُنْتُمْ مِّنْ

مشعر حرام وٽ الله کي ياد ڪريو ۽ ان جو ذڪر ڪريو جيئن ان توهان کي هدايت ڏني آهي جيتوڻيڪ ان کان پهريان

قَبْلِهٖ لَمِنَ الضَّاۗلِّيْنَ ﴿١٩٨﴾ ثُمَّ اَفِيْضُوْا مِنْ حَيْثُ اَفَاضَ النَّاسُ وَاسْتَغْفِرُوا

توهان يقينًا ڀٽڪيل هئا○ (پوءِ اي قريش وارؤ) توهان بہ اتان کان موٽو جتان ٻيا ماڻهو موٽندا آهن(2) ۽ الله کان مغفرت طلب ڪريو،

اللّٰهَ ۭ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٩٩﴾ فَاِذَا قَضَيْتُمْ مَّنَاسِكَكُمْ فَاذْكُرُوا اللّٰهَ

بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي○ پوءِ جڏهن پنهنجي حج جا ڪم پورا ڪري وٺو تہ الله جو ذڪر ڪريو جيئن پنهنجي

كَذِكْرِكُمْ اٰبَاۗءَكُمْ اَوْ اَشَدَّ ذِكْرًا ۭ فَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّقُوْلُ رَبَّنَآ اٰتِنَا

ابن ڏاڏن جو تذڪرو ڪندا هيؤ بلڪ ان کان وڌيڪ (ذڪر ڪريو)(3) ۽ ڪو ماڻهو ائين چوندو آهي تہ اي اسان جا رب اسان کي

فِي الدُّنْيَا وَمَا لَهٗ فِي الْاٰخِرَةِ مِنْ خَلَاقٍ ﴿٢٠٠﴾ وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّقُوْلُ رَبَّنَآ

دنيا ۾ ڏئي ڇڏ(4) ۽ آخرت ۾ ان جو ڪجهہ حصو ناهي○ ۽ ڪو ائين چوندو آهي تہ اي اسان جا رب!

اٰتِنَا فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّفِي الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّقِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿٢٠١﴾ اُولٰۗىِٕكَ النصف

اسان کي دنيا ۾ ڀلائي عطا ڪر ۽ اسان کي آخرت ۾ (بہ) ڀلائي عطا فرماءِ ۽ اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ○ انهن ماڻهن

حاشيہ (1)...عقل وارا چئي ان ڪري مخاطب ڪيو تہ جيئن ماڻهن کي سمجهہ اچي تہ عقل جي تقاضا خوف اِلٰهي آهي، جيڪو الله تعاليٰ کان نہ ڊڄي اهو بي عقلن وانگر آهي، عقل اهوئي آهي جيڪو خوفِ خدا پيدا ڪري، ۽ جنهن عقل سان انسان بي دين هجي اهو عقل نہ پر بي عقلي آهي. (2)...قريش جي قبيلي وارا ٻين ماڻهن سان گڏ عرفات ۾ وقوف ڪرڻ بجاءِ مزدلفہ ۾ رڪيل هوندا هئا ۽ جڏهن ماڻهو عرفات کان واپس موٽندا هئا تہ هي مزدلفہ کان موٽندا هئا، ۽ ان ۾ پنهنجي وڏائي سمجهندا هئا. هن آيت ۾ انهن کي حڪم ڏنو ويو آهي تہ اهي بہ سڀني سان گڏ عرفات ۾ وقوف ڪن، ۽ گڏجي واپس موٽن، ان مان معلوم ٿيو تہ اسلامي احڪام برادرين جي وجهہ سان ناهن بدلجندا، نہ وري ڪنهن جي رتبي ۽ مقام جي ڪري ان ۾ تبدلي ايندي آهي، بلڪ امير غريب، اڇي ڪاري، عربي عجمي، سڀني جي لاءِ اسلامي احڪام برابر آهن، (3)...جاهليت جي زماني ۾ اهل عرب حج کان بعد ڪعبي جي قريب پنهنجي ابن ڏاڏن جا فضائل بيان ڪندا هئا. اسلام ۾ ٻڌايو ويو تہ هيءَ شهرت ۽ خود نمائي جون بيڪار ڳالهيون آهن، ان جي بدران ذڪرِالٰهي ڪيو. (4)...ياد رهي تہ مومن جيڪڏهن دنيا جي بهتري طلب ڪري ٿو تہ اهو بہ جائز آهي ۽ هيءَ طلبِ دنيا جيڪڏهن دين جي تائيد ۽ تقويت جي لاءِ هجي تہ دعا بہ امور دين ۾ شمار ٿيندي، پر ياد رکجي تہ آخرت کي بلڪل ئي وساري ڪري دنيا گهرڻ مسلمان جي شان جي لائق ناهي.

لَهُمْ نَصِيْبٌ مِّمَّا كَسَبُوْا ؕ وَ اللّٰهُ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ﴿۲۰۲﴾ وَ اذْكُرُوا اللّٰهَ فِيْٓ

جي لاءِ انهن جي ڪيل عملن مان حصو آهي ۽ الله جلد حساب ڪرڻ وارو آهي○ ۽ ڳڻپ جي ڏينهن ۾

اَيَّامٍ مَّعْدُوْدٰتٍ ؕ فَمَنْ تَعَجَّلَ فِيْ يَوْمَيْنِ فَلَآ اِثْمَ عَلَيْهِ ۚ وَ مَنْ تَاَخَّرَ

الله جو ذڪر ڪيو(1) پوءِ جيڪو جلدي ڪري ٻن ڏينهن ۾(مِنيٰ مان) هليو وڃي ان تي ڪجهه گناهه ناهي(2)۽ جيڪو پوئتي رهجي وڃي

فَلَآ اِثْمَ عَلَيْهِ ۙ لِمَنِ اتَّقٰى ؕ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ وَ اعْلَمُوْٓا اَنَّكُمْ اِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿۲۰۳﴾

ته ان تي (به) ڪو گناهه ناهي. (هي بشارت) پرهيزگار جي لاءِ آهي ۽ الله کان ڊڄندا رهو ۽ ڄاڻي ڇڏيو ته توهان انهيءَ جي طرف اُٿاريا ويندؤ○

وَ مِنَ النَّاسِ مَنْ يُّعْجِبُكَ قَوْلُهٗ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَ يُشْهِدُ اللّٰهَ عَلٰى مَا

۽ ماڻهن مان ڪو اهو آهي جو دنيا جي زندگي ۾ ان جي ڳالهه توکي چڱي لڳي ٿي ۽ اهو پنهنجي دل جي ڳالهه تي الله کي گواهه ٺاهي ٿو

فِيْ قَلْبِهٖ ۙ وَ هُوَ اَلَدُّ الْخِصَامِ ﴿۲۰۴﴾ وَ اِذَا تَوَلّٰى سَعٰى فِي الْاَرْضِ لِيُفْسِدَ فِيْهَا

حالانڪ اهو سڀ کان وڏيڪ جهڳڙو ڪرڻ وارو آهي○ ۽ جڏهن پٺي ڦيري ويندو آهي ته ڪوشش ڪندو آهي ته زمين ۾ فساد پکيڙي

وَ يُهْلِكَ الْحَرْثَ وَ النَّسْلَ ؕ وَ اللّٰهُ لَا يُحِبُّ الْفَسَادَ ﴿۲۰۵﴾ وَ اِذَا قِيْلَ لَهُ

۽ پوک ۽ جانور هلاڪ ڪري ۽ الله فساد کي پسند ناهي ڪندو(3)○ ۽ جڏهن ان کي چيو وڃي ته

اتَّقِ اللّٰهَ اَخَذَتْهُ الْعِزَّةُ بِالْاِثْمِ فَحَسْبُهٗ جَهَنَّمُ ؕ وَ لَبِئْسَ الْمِهَادُ ﴿۲۰۶﴾ وَ مِنَ

الله کان ڊڄ ته ان کي ضد وڌيڪ گناهه تي اڀاري ٿو ته اهڙي کي جهنم ڪافي آهي ۽ اهو ضرور تمام برو ٺڪاڻو آهي(4)○ ۽ ماڻهن

النَّاسِ مَنْ يَّشْرِيْ نَفْسَهُ ابْتِغَآءَ مَرْضَاتِ اللّٰهِ ؕ وَ اللّٰهُ رَءُوْفٌۢ بِالْعِبَادِ ﴿۲۰۷﴾

مان ڪو اهو آهي جيڪو الله جي رضا تلاش ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي جان وڪڻي ڇڏيندو آهي ۽ الله ٻانهن تي وڏو مهربان آهي○

**حاشيه** 1...ڳڻپ جي ڏينهن مان مراد ايّامِ تشريق آهن ۽ ذڪرالله مان نمازن کان پوءِ ۽ جمرات جي رمي وقت تڪبير چوڻ مراد آهي، ۽ آيت مان مراد هي آهي ته منيٰ ۾ قيام جي دوران الله تعاليٰ جي ذڪر ۾ مشغول رهو، 2...هتي ٻن ڏينهن ۾ رمي ڪري هليو وڃڻ مان مراد ڏهه ذوالحج کان بعد به ڏينهن آهن. جيڪڏهن ڪو شخص ٻارهين تاريخ جي رمي ڪري منٰي کان واپس موٽي ته ان تي ڪو گناهه ناهي، جيتوڻيڪ تيرهين تاريخ تي رمي ڪري واپس اچڻ افضل آهي. 3...هتي آيتن ۾ جيتوڻيڪ هڪ خاص منافق جو ذڪرآهي. پر هي آيت ڪيترن ئي ماڻهن کي سمجهائڻ لاءِ ڪافي آهي، افسوس! اسان جي معاشري ۾ ڪيترائي اهڙا ماڻهو آهن جن جي زبان ڏاڍي مٺي هوندي آهي گفتگو وڏي نرمي سان ڪندا آهن، وڏي عاجزي جو اظهار ڪندا آهن، پر پيش آيل ديني مسئلن ۾ ماڻهن ۾ يا خاندانن ۾ فساد برپا ڪندا آهن، ۽ هلاڪت ۽ بربادي جو ذريعو بڻجندا آهن، 4...منافق ماڻهن جي هڪ علامت هيءَ به هوندي آهي ته جيڪڏهن انهن کي سمجهايو وڃي ته هو پنهنجي ڳالهه تي اڙجي ويندا آهن، ٻئي جي ڳالهه مڃڻ کي پنهنجي لاءِ توهين سمجهي، ۽ نصيحت کي پنهنجي عزت تي حرف اچڻ جو مسئلو بڻائيندا آهن اهڙن ماڻهن جي پر مار لڳي پئي آهي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا ادْخُلُوْا فِي السِّلْمِ كَآفَّةً ۪ وَلَا تَتَّبِعُوْا خُطُوٰتِ

اي ايمان وارؤ! اسلام ۾ پورا پورا داخل ٿي وڃو ۽ شيطان جي قدمن تي نہ هلو

الشَّيْطٰنِ ؕ اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿٢٠٨﴾ فَاِنْ زَلَلْتُمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَتْكُمُ

بيشڪ اهو توهان جو پڌرو دشمن آهي○ ۽ جيڪڏهن توهان پاڻ وٽ روشن دليل اچڻ کان پوءِ

الْبَيِّنٰتُ فَاعْلَمُوْۤا اَنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٢٠٩﴾ هَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّاۤ اَنْ

بہ ٿڙنڊؤ تہ ڄاڻو تہ الله زبردست حڪمت وارو آهي(1)○ ماڻهو تہ انهيءَ شيءِ جو انتظار ڪري رهيا آهن تہ

يَّاْتِيَهُمُ اللّٰهُ فِيْ ظُلَلٍ مِّنَ الْغَمَامِ وَالْمَلٰٓئِكَةُ وَقُضِيَ الْاَمْرُ ؕ وَاِلَى اللّٰهِ

ڪڪرن جي ڇانوَ ۾ انهن وٽ الله جو عذاب ۽ ملائڪ اچن ۽ فيصلو ڪيو وڃي ۽ الله جي ئي طرف

تُرْجَعُ الْاُمُوْرُ ﴿٢١٠﴾ ع سَلْ بَنِيْۤ اِسْرَآءِيْلَ كَمْ اٰتَيْنٰهُمْ مِّنْ اٰيَةٍۭ بَيِّنَةٍ ؕ ع ٢٥ / ١٤ / ٩

سڀ ڪم موٽايا ويندا آهن○ بني اسرائيل کان پڇو تہ اسان انهن کي ڪيتريون روشن نشانيون ڏنيون(2) ۽

وَمَنْ يُّبَدِّلْ نِعْمَةَ اللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَتْهُ فَاِنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿٢١١﴾

جيڪو الله جي نعمت کي پاڻ وٽ اچڻ کان پوءِ تبديل ڪري ڇڏي تہ بيشڪ الله جو عذاب سخت آهي(3)○

زُيِّنَ لِلَّذِيْنَ كَفَرُوا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا وَيَسْخَرُوْنَ مِنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۘ وَ وقف لازم

ڪافرن جي نظر(4) ۾ دنيا جي زندگي کي سينگاريو ويو ۽ اهي مسلمانن تي کلن ٿا ۽

الَّذِيْنَ اتَّقَوْا فَوْقَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ وَاللّٰهُ يَرْزُقُ مَنْ يَّشَآءُ بِغَيْرِ

(الله) کان ڊڄڻ وارا قيامت جي ڏينهن انهن ڪافرن کان مٿي هوندا(5) ۽ الله جنهن کي چاهيندو آهي بي حساب رزق عطا

حاشيہ 1...ان مان مراد هيءَ آهي تہ جيڪڏهن توهان واضح دليلن جي باوجود اسلام ۾ مڪمل داخل ٿيڻ کان دور رهيؤ، ۽ اسلام جي واٽ خلاف سازش اختيار ڪئي تہ هي سخت جرم هوندو. 2...ياد رهي تہ بني اسرائيل کان روشن نشانين جي باري ۾ پڇڻ حقيقت ۾ انهن کي سمجهائڻ جي لاءِ ۽ انهن جي پنهنجين نافرمانين جي باوجود الله تعاليٰ جي مهربانين جو انهن کان اقرار ڪرائڻ جي لاءِ آهي 3...الله جي نعمتن مان آيات الاهيہ مراد آهن،جيڪي هدايت جو سبب آهن ۽انهن جي بدولت گمراهي کان نجات حاصل ٿيندي آهي، انهن مان اهي آيتون بہ آهن جن ۾ نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعريف ۽ صفت ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نبوت ۽ رسالت جو بيان آهي۽ يهودين ۽ نصرانين جو پنهنجي ڪتابن ۾ ردوبدل ڪرڻ ان نعمتن جو تبديل ڪرڻ آهي، 4...ڪافرن جي لاءِ دنياوي زندگي آراستہ ڪرڻ مان مراد هي آهي تہ انهن کي هي ئي زندگي پسند آهي، هو ان جو قدر ڪن ٿا ۽ انهيءَ تي مرن ٿا، ياد رهي دنياوي زندگي اها آهي جيڪا نفس جي خواهشن ۾ صرف ٿئي، ۽ جيڪا آخرت جو ثمر جمع ڪرڻ ۾ خرچ ٿئي اها الله تعاليٰ جي فضل سان ديني زندگي آهي. 5...هن مان هي بہ معلوم ٿيو تہ غريب مسلمانن جو مذاق اڏائڻ يا ڪنهن مومن کي ذليل ۽ حقير سمجهڻ ڪافرن جو طريقو آهي، بهرحال فاسق و ڪافر جيتوڻيڪ مال وارو هجي عزت وارو ناهي، جڏهن تہ مومن چاهي غريب ۽ ڪنهن بہ قوم مان هجي عزت وارو آهي، بشرط متقي هجي.

حِسَابٍ ﴿٢١٢﴾ كَانَ النَّاسُ اُمَّةً وَّاحِدَةً قف فَبَعَثَ اللّٰهُ النَّبِيّٖنَ مُبَشِّرِيْنَ

ڪندو آهي○ سيئي ماڻهو هڪ دين تي هئا ته الله انبياء موڪليا خوشخبري ڏيندڙ ۽

وَمُنْذِرِيْنَ ص وَاَنْزَلَ مَعَهُمُ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ لِيَحْكُمَ بَيْنَ النَّاسِ فِيْمَا

ڊيڄاريندڙ ڪري ۽ انهن سان گڏ سچو ڪتاب لاٿو ته جيئن اهو ماڻهن جي وچ ۾ انهن جي اختلافن ۾

اخْتَلَفُوْا فِيْهِ ط وَمَا اخْتَلَفَ فِيْهِ اِلَّا الَّذِيْنَ اُوْتُوْهُ مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَتْهُمُ

فيصلو ڪري ۽ جن ماڻهن کي ڪتاب ڏنو ويو انهن ئي پنهنجو پاڻ ۾ بغض ۽ حسد جي سبب ڪتاب ۾ اختلاف ڪيو(هي

الْبَيِّنٰتُ بَغْيًۢا بَيْنَهُمْ ج فَهَدَى اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لِمَا اخْتَلَفُوْا فِيْهِ مِنَ

اختلاف) ان کان بعد (ڪيو) جو انهن وٽ روشن احڪام اچي چڪا هئا پوءِ الله ايمان وارن کي پنهنجي حڪم سان ان حق ڳالهه

الْحَقِّ بِاِذْنِهٖ ط وَاللّٰهُ يَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٢١٣﴾ اَمْ

جي هدايت ڏني جنهن ۾ ماڻهو جهڳڙو ڪري رهيا هئا(1) ۽ الله جنهن کي چاهيندو آهي سڌي واٽ ڏيکاريندو آهي○ ڇا

حَسِبْتُمْ اَنْ تَدْخُلُوا الْجَنَّةَ وَلَمَّا يَاْتِكُمْ مَّثَلُ الَّذِيْنَ خَلَوْا مِنْ قَبْلِكُمْ ط

توهان جو اهو گمان آهي(2) ته جنت ۾ داخل ٿي ويندؤ حالانڪ اڃان توهان تي پهرين ماڻهن جهڙي

مَسَّتْهُمُ الْبَاْسَآءُ وَالضَّرَّآءُ وَزُلْزِلُوْا حَتّٰى يَقُوْلَ الرَّسُوْلُ وَالَّذِيْنَ

حالت نه آئي. انهن کي سختي ۽ تڪليف پهتي ۽ انهن کي زور سان لوڏيو ويو ايستائين جو رسول ۽ انهن سان

اٰمَنُوْا مَعَهٗ مَتٰى نَصْرُ اللّٰهِ ط اَلَآ اِنَّ نَصْرَ اللّٰهِ قَرِيْبٌ ﴿٢١٤﴾ يَسْـَٔلُوْنَكَ

گڏ ايمان آڻڻ وارا چوڻ لڳا: الله جي مدد ڪڏهن ايندي؟ ٻڌو! بيشڪ الله جي مدد ويجهو آهي○ توهان کان سوال ڪن ٿا

---

حاشيه 1... خود اختلاف مذموم(برو) ناهي ليڪن الله ۽ ان جي رسول جي احڪامن سان اختلاف ڪرڻ ايئن ئي حق واضح هجڻ جي باوجود اختلاف ڪرڻ غلط آهي، 2...هيءَ آيت غزوه احزاب بابت نازل ٿي، جتي مسلمانن کي سردي، بک اُڃ وغيره جون سخت تڪليفون پهتيون. هن ۾ انهن کي صبر جي تلقين فرمائي وئي ۽ ٻڌايو ويو ته الله جي راهه ۾ تڪليفون برداشت ڪرڻ هميشه کان خاصانِ خدا جو معمول رهيو آهي.

مَاذَا يُنْفِقُوْنَ ؕ قُلْ مَاۤ اَنْفَقْتُمْ مِّنْ خَيْرٍ فَلِلْوَالِدَيْنِ وَالْاَقْرَبِيْنَ وَ

ڇا خرچ ڪيون؟ اوهان فرمايو: جيڪو ڪجهه مال نيڪي ۾ خرچ ڪيو ته اهو ماءُ پيءُ ۽ ويجهن مائٽن ۽ يتيمن ۽

الْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنِ وَابْنِ السَّبِيْلِ ؕ وَمَا تَفْعَلُوْا مِنْ خَيْرٍ فَاِنَّ اللّٰهَ بِهٖ

محتاجن ۽ مسافرن جي لاءِ آهي(1) ۽ توهان جيڪا ڀلائي ڪيو بيشڪ الله ان کي ڄاڻي ٿو○ توهان تي جهاد فرض ڪيو ويو آهي

عَلِيْمٌ ﴿۲۱۵﴾ كُتِبَ عَلَيْكُمُ الْقِتَالُ وَهُوَ كُرْهٌ لَّكُمْ ۚ وَعَسٰۤى اَنْ تَكْرَهُوْا

حالانڪ اهو توهان کي پسند ناهي ۽ ممڪن آهي ته ڪا ڳالهه توهان کي ناپسند هجي حالانڪ اها توهان جي حق

شَيْئًا وَّهُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ۚ وَعَسٰۤى اَنْ تُحِبُّوْا شَيْئًا وَّهُوَ شَرٌّ لَّكُمْ ؕ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ

۾ بهتر هجي ۽ ممڪن آهي ته ڪا ڳالهه توهان کي پسند اچي حالانڪ اها توهان جي حق ۾ بري هجي ۽ الله ڄاڻي ٿو

وَاَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿۲۱۶﴾ ع يَسْــَٔلُوْنَكَ عَنِ الشَّهْرِ الْحَرَامِ قِتَالٍ فِيْهِ ؕ قُلْ ع ۲٦ ۱۰

۽ توهان نه ٿا ڄاڻو(2)○ توهان کان حرمت واري مهيني ۾ جهاد ڪرڻ جي باري ۾ سوال ڪن ٿا، اوهان فرمايو:

قِتَالٌ فِيْهِ كَبِيْرٌ ؕ وَصَدٌّ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَكُفْرٌۢ بِهٖ وَالْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ۗ

هن مهيني ۾ وڙهڻ وڏو گناهه آهي ۽ الله جي واٽ کان روڪڻ ۽ ان تي ايمان نه آڻڻ ۽ مسجد حرام کان روڪڻ

وَاِخْرَاجُ اَهْلِهٖ مِنْهُ اَكْبَرُ عِنْدَ اللّٰهِ ۚ وَالْفِتْنَةُ اَكْبَرُ مِنَ الْقَتْلِ ؕ

۽ ان جي رهڻ وارن کي اتان ڪڍي ڇڏڻ الله وٽ ان کان به وڌيڪ وڏو گناهه آهي(3) ۽ فتنو قتل کان وڏو جرم آهي

وَلَا يَزَالُوْنَ يُقَاتِلُوْنَكُمْ حَتّٰى يَرُدُّوْكُمْ عَنْ دِيْنِكُمْ اِنِ اسْتَطَاعُوْا ؕ وَمَنْ

۽ اهي هميشه توهان سان وڙهندا رهندا ايستائين جو جيڪڏهن انهن کان ٿي سگهي ته توهان کي توهان جي دين کان ڦيري ڇڏين(4) ۽ توهان

حاشيه (1)...هن آيت ۾ نفلي صدقي جو بيان آهي، ماءُ پيءُ کي زڪوٰت ۽ واجبي صدقو ڏيڻ جائز ناهي. (2)...ڪنهن شيءِ جو سٺو ۽ برو هجڻ جو مدار هر جڳهه پنهنجي سوچ تي ناهي هوندو، بلڪ الله تعاليٰ جي حڪم تي رکڻ گهرجي. الله تعاليٰ جنهن شيءِ جو حڪم ڏنو آهي اهو بهرحال اسان جي لاءِ بهتر آهي، ۽ جنهن کان منع ڪيو آهي بهرحال اهو اسان جي لاءِ بهتر ناهي. (3)...هن مان معلوم ٿيو ته خود وڏن وڏن عيبن ۾ مبتلا هجڻ جي باوجود پاڻ کي ڏسڻ بجاءِ ٻين تي طعن ڪرڻ ڪافرن جو طريقو آهي، هيءُ بيماري اسان وٽ به عام آهي، ته ماڻهو سڀ دنيا جون برايون ڳلائون بيان ڪندا آهن ۽ پاڻ ان کان به وڌيڪ عيبن جي گندگي ۾ پيل هوندا آهن. (4)...هن آيت ۾ خبر ڏني وئي آهي ته ڪافر مسلمانن سان هميشه عداوت رکندا، ۽ جيستائين ممڪن ٿي سگهندو اهي مسلمانن کي دين کان ڦيرڻ جي ڪوشش ڪندا رهندا، چاڪاڻ ته اڄ به ڪافرن جون تنظيمون نون نون طريقن سان مسلمانن کي اسلام کان ڦيرڻ ۽ انهن جو اخلاق تباهه ڪري انهن جو ايمان ڪمزور ڪرڻ ۾ لڳل آهن.

يَّرْتَدِدْ مِنْكُمْ عَنْ دِيْنِهٖ فَيَمُتْ وَهُوَ كَافِرٌ فَاُولٰٓئِكَ حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ

مان جيڪو پنهنجي دين کان ڦري وڃي پوءِ ڪافر ئي مري وڃي ته انهن ماڻهن جا سڀ عمل

فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ۚ وَاُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٢١٧﴾ اِنَّ

دنيا ۽ آخرت ۾ برباد ٿي ويا ۽ اهي دوزخ وارا آهن اهي ان ۾ هميشه رهندا(1)○ بيشڪ اهي

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَالَّذِيْنَ هَاجَرُوْا وَجٰهَدُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۙ اُولٰٓئِكَ

ماڻهو جن ايمان آندو ۽ اهي جن الله جي لاءِ پنهنجا گهر ٻار ڇڏي ڏنا ۽ الله جي راهه ۾ جهاد ڪيو اهي

يَرْجُوْنَ رَحْمَتَ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٢١٨﴾ يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الْخَمْرِ

رحمت الاهي جا اميدوار آهن(2) ۽ الله بخشڻ وارو مهربان آهي○ توهان کان شراب ۽ جوا جي بابت سوال ڪن ٿا.

وَالْمَيْسِرِ ؕ قُلْ فِيْهِمَآ اِثْمٌ كَبِيْرٌ وَّمَنَافِعُ لِلنَّاسِ ۫ وَاِثْمُهُمَآ اَكْبَرُ

اوهان فرمايو: انهن ٻنهي ۾ وڏو گناهه آهي ۽ ماڻهن جي لاءِ ڪجهه دنياوي نفعا به آهن ۽ انهن جو گناهه انهن جي نفعي کان

مِنْ نَّفْعِهِمَا ؕ وَيَسْـَٔلُوْنَكَ مَاذَا يُنْفِقُوْنَ ۬ؕ قُلِ الْعَفْوَ ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ

وڌيڪ وڏو آهي. توهان کان سوال ڪن ٿا ته (الله جي واٽ ۾) ڇا خرچ ڪيون؟ اوهان فرمايو: جيڪو اضافي بچي. اهڙي طرح الله توهان

لَكُمُ الْاٰيٰتِ لَعَلَّكُمْ تَتَفَكَّرُوْنَ ﴿٢١٩﴾ ۙ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ؕ وَيَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ

لاءِ آيتون بيان فرمائي ٿو ته جيئن توهان غور ۽ فڪر ڪيو○ دنيا ۽ آخرت جي ڪمن ۾ (غور ۽ فڪر ڪندا ڪيو) ۽ توهان کان يتيمن جو

الْيَتٰمٰى ؕ قُلْ اِصْلَاحٌ لَّهُمْ خَيْرٌ ؕ وَاِنْ تُخَالِطُوْهُمْ فَاِخْوَانُكُمْ ؕ وَاللّٰهُ

مسئلو پڇن ٿا. اوهان فرمايو: انهن جو ڀلو ڪرڻ بهتر آهي(3) ۽ جيڪڏهن انهن سان گڏ پنهنجو خرچ ملايو ته اهي توهان جا ڀائر آهن ۽ الله

---

حاشيه (1)...ياد رکو ته مرتد ٿيڻ تمام سخت جرم آهي،افسوس جو اڄڪلهه مسلمانن جي اڪثريت دين جي بنيادي عقيدن کان بي خبر آهي،غمين ۽ خوشين جي مختلف موقعن تي ڪفريه جملن جي ڀرمار آهي. (2)...هن مان معلوم ٿيو ته عمل ڪرڻ سان الله تعاليٰ تي اجر ڏيڻ واجب ناهي ٿيندو، بلڪ ثواب ڏيڻ خاص الله تعاليٰ جو فضل آهي. (3)...جيتوڻيڪ هن آيت جو نزول يتيم جي مالي اصلاح جي باري ۾ ٿيو، پر اصلاح جي لفظ ۾ سڀ مصلحتون داخل آهن. يتيم جا اخلاق،اعمال،تربيت،تعليم سڀ جي اصلاح ڪرڻ گهرجي، ايئن ئي! سمجهو ته يتيم تمام مسلم قوم لاءِ اولاد وانگر آهن.

يَعْلَمُ الْمُفْسِدَ مِنَ الْمُصْلِحِ ؕ وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ لَاَعْنَتَكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ

بگاڙڻ واري کي سڌارڻ واري کان جدا خوب ڄاڻي ٿو(1) ۽ جيڪڏهن الله چاهي ها ته توهان کي مشقت ۾ وجهي ها بيشڪ الله زبردست

حَكِيْمٌ ﴿۲۲۰﴾ وَلَا تَنْكِحُوا الْمُشْرِكٰتِ حَتّٰى يُؤْمِنَّ ؕ وَلَاَمَةٌ مُّؤْمِنَةٌ خَيْرٌ

حڪمت وارو آهي○ ۽ مشرڪ عورتن سان نڪاح نه ڪيو جيستائين مسلمان نه ٿي وڃن ۽ بيشڪ مسلمان ٻانهي مشرڪ عورت کان سٺي

مِّنْ مُّشْرِكَةٍ وَّلَوْ اَعْجَبَتْكُمْ ۚ وَلَا تُنْكِحُوا الْمُشْرِكِيْنَ حَتّٰى يُؤْمِنُوْا ؕ وَ

آهي جيتوڻيڪ اها توهان کي پسند هجي ۽(مسلمان عورتن کي) مشرڪن جي نڪاح ۾ نه ڏيو(2)جيستائين اهي ايمان نه آڻن ۽ بيشڪ

لَعَبْدٌ مُّؤْمِنٌ خَيْرٌ مِّنْ مُّشْرِكٍ وَّلَوْ اَعْجَبَكُمْ ؕ اُولٰٓئِكَ يَدْعُوْنَ اِلَى النَّارِ ۖۚ

مسلمان غلام مشرڪ کان چڱو آهي، جيتوڻيڪ اهو مشرڪ توهان کي پسند هجي، اهي دوزخ جي طرف گهرائن ٿا ۽ الله

وَاللّٰهُ يَدْعُوْٓا اِلَى الْجَنَّةِ وَالْمَغْفِرَةِ بِاِذْنِهٖ ۚ وَيُبَيِّنُ اٰيٰتِهٖ لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ

پنهنجي حڪم سان جنت ۽ بخشش جي طرف گهرائي ٿو ۽ پنهنجون آيتون ماڻهن جي لاءِ بيان ڪري ٿو ته جيئن اهي نصيحت حاصل

يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿۲۲۱﴾ ع وَيَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الْمَحِيْضِ ؕ قُلْ هُوَ اَذًى ۙ فَاعْتَزِلُوا ۲۷ ع ۵ ۱۱

ڪن○ ۽ توهان کان حيض جي باري ۾ پڇن ٿا: اوهان فرمايو: اها ناپاڪي آهي پوءِ حيض جي ڏينهن ۾ عورتن کان الڳ رهو ۽ انهن

النِّسَآءَ فِي الْمَحِيْضِ ۙ وَلَا تَقْرَبُوْهُنَّ حَتّٰى يَطْهُرْنَ ۚ فَاِذَا تَطَهَّرْنَ فَاْتُوْهُنَّ

جي ويجهو نه وڃو جيستائين پاڪ نه ٿي وڃن(3)پوءِ جڏهن خوب پاڪ ٿي وڃن ته انهن وٽ اتان کان وڃو جتان کان توهان کي الله حڪم

مِنْ حَيْثُ اَمَرَكُمُ اللّٰهُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ التَّوَّابِيْنَ وَيُحِبُّ الْمُتَطَهِّرِيْنَ ﴿۲۲۲﴾

ڏنو آهي، بيشڪ الله گهڻي توبهه ڪرڻ وارن سان محبت فرمائيندو آهي ۽ خوب صاف سٿرو رهڻ وارن کي پسند فرمائيندو آهي○

**حاشيه** 1...هيءُ فرمان نهايت ئي جامع آهي، ۽ زندگي جي هزارين شعبن جي لکين معاملن ۾ رهنمائي جي لاءِ ڪافي آهي، ڇاڪاڻ ته جتي هڪ ئي شيءِ ۾ سٺي ۽ بري ٻئي نيتون ممڪن آهن اتي ٻيا ماڻهو ڀلي بري نيت کي نه ڄاڻيندا هجن، پر الله تعاليٰ ته ڄاڻي ٿو . 2...ڏاڍي افسوس جهڙي ڳالهه آهي جو قرآن ۾ ايتري صراحت ۽ وضاحت سان حڪم اچڻ جي باوجود مسلمان ڇوڪرن ۾ مشرڪ ڇوڪريءَ سان ۽ ايئن ئي ڪافر ڇوڪرن ۽ مسلمان ڇوڪرين ۾ باهمي شادين جو رجحان وڌندو پيو وڃي، انهن تمام صورتن جو وبال ان ۾ ملوث ڇوڪرَن ۽ ڇوڪرِين تي به آهي ۽ انهن جي والدين تي به جيڪي رضا خوشي سان اولاد کي ان جهنم ۾ اڇلائي رهيا آهن، ايئن ان جو وبال انهن نالي جي جاهل دانشورن، لبرل ازم جي مريض ۽ دين دشمن قلمڪارن تي به آهي، جيڪي هن جي تائيد و حمايت ۾ ورق ڪارا ڪري رهيا آهن. 3...حيض جي حالت ۾ عورتن سان همبستري ڪرڻ حرام آهي، باقي ان سان گفتگو ڪرڻ، ڪائڻ پيئڻ ايستائين جو اُوبر ڪائڻ به جائز آهي،گناه ناهي.

نِسَآؤُكُمْ حَرْثٌ لَّكُمْ ۪ فَاْتُوْا حَرْثَكُمْ اَنّٰى شِئْتُمْ ۫ وَ قَدِّمُوْا لِاَنْفُسِكُمْ ؕ

توهان جون زالون توهان جي لاءِ پوک(جيئان) آهن تہ پنهنجي پوک ۾ جهڙي طرح چاهيو اچو(1) ۽ پنهنجي فائدي جو ڪم پهريان ڪريو

وَ اتَّقُوا اللّٰهَ وَ اعْلَمُوْۤا اَنَّكُمْ مُّلٰقُوْهُ ؕ وَ بَشِّرِ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۲۲۳﴾ وَ لَا تَجْعَلُوا

۽ الله کان ڊڄندا رهو ۽ ڄاڻو تہ توهان ان سان ملڻ وارا آهيو ۽ اي حبيب! ايمان وارن کي بشارت ڏيو ۽ پنهنجي قسمن

اللّٰهَ عُرْضَةً لِّاَيْمَانِكُمْ اَنْ تَبَرُّوْا وَ تَتَّقُوْا وَ تُصْلِحُوْا بَيْنَ النَّاسِ ؕ وَ

جي سبب الله جي نالي کي احسان ڪرڻ ۽ پرهيزگاري اختيار ڪرڻ ۽ ماڻهن ۾ صلح ڪرائڻ ۾ آڙ نہ بڻايو،(2) ۽

اللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿۲۲۴﴾ لَا يُؤَاخِذُكُمُ اللّٰهُ بِاللَّغْوِ فِيْۤ اَيْمَانِكُمْ وَ لٰكِنْ

الله ٻڌڻ وارو ڄاڻڻ وارو آهي۽ الله انهن قسمن ۾ توهان جي پڪڙ نہ فرمائيندو جيڪو بي ارادي زبان مان نڪري وڃي(3) هائو

يُّؤَاخِذُكُمْ بِمَا كَسَبَتْ قُلُوْبُكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ غَفُوْرٌ حَلِيْمٌ ﴿۲۲۵﴾ لِلَّذِيْنَ

ان تي پڪڙ فرمائيندو آهي جن جو توهان جي دلين ارادو ڪيو هجي ۽ الله گهڻو بخشڻ وارو، وڏو حلم وارو آهي ۽ اهي جيڪي

يُؤْلُوْنَ مِنْ نِّسَآئِهِمْ تَرَبُّصُ اَرْبَعَةِ اَشْهُرٍ ۚ فَاِنْ فَآءُوْ فَاِنَّ اللّٰهَ

پنهنجي گهروارين وٽ نہ وڃڻ جو قسم کڻي وينا انهن جي لاءِ چئن مهينن جي مهلت آهي، پوءِ جيڪڏهن ان مدت ۾ اهي رجوع ڪن

غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۲۲۶﴾ وَ اِنْ عَزَمُوا الطَّلَاقَ فَاِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿۲۲۷﴾

تہ الله بخشڻهار مهربان آهي(4) ۽ جيڪڏهن اهي طلاق جو مضبوط ارادو ڪري ڇڏين تہ الله ٻڌڻ وارو،ڄاڻڻ وارو آهي

وَ الْمُطَلَّقٰتُ يَتَرَبَّصْنَ بِاَنْفُسِهِنَّ ثَلٰثَةَ قُرُوْٓءٍ ؕ وَ لَا يَحِلُّ لَهُنَّ اَنْ

۽ طلاق واريون عورتون پنهنجي جانين کي ٽن حيضن تائين روڪي رکن ۽ انهن کي حلال نہ آهي تہ ان کي

**حاشيہ** 1...عورت سان هر طرح جي همبستري جائز آهي، بشرط صحبت اڳين مقام ۾ ڪجي. 2...هتي هڪڙو مسئلو ياد رکو تہ جيڪڏهن ڪو شخص نيڪي کان باز رهڻ جي قسم کائي تہ ان کي گهرجي تہ قسم پوري نہ ڪري، بلڪ اهو نيڪ ڪم ڪري ۽ ڪفارو ادا ڪري. 3...ڳالهہ ڳالهہ تي قسم نہ کڻڻ گهرجي، ڪجهہ ماڻهو قسم کي پنهنجي ڳالهہ ٻولهہ جي عادت بڻائي ڇڏيندا آهن جو ارادي ۽ بغير ارادي سان زبان تي جاري ٿي ويندو آهي ۽ ان جو بہ خيال نہ ٿا رکن تہ ڳالهہ سچي آهي يا ڪوڙي، هي سخت معيوب عمل آهي. 4...هي قسم کڻڻ تہ مان پنهنجي گهرواريءَ سان چار مهينن تائين يا ڪڏهن بہ صحبت نہ ڪندس ان کي ايلاء چوندا آهن، ان جو حڪم هي آهي تہ جيڪڏهن قسم ٽوڙي ڇڏي ۽ چار مهينن جي اندر اندر صحبت ڪري تہ پوءِ ان حالت ۾ ان تي ڪفارو واجب آهي، نہ تہ چار مهينن کان پوءِ عورت کي طلاق بائنہ ٿي ويندي.

يَكْتُمْنَ مَا خَلَقَ اللّٰهُ فِيْٓ اَرْحَامِهِنَّ اِنْ كُنَّ يُؤْمِنَّ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ۭ

لڪائين جيڪو الله انهن جي پيٽ ۾ پيدا ڪيو آهي جيڪڏهن الله ۽ قيامت تي ايمان رکن ٿيون ۽ انهن جا مڙس

وَبُعُوْلَتُهُنَّ اَحَقُّ بِرَدِّهِنَّ فِيْ ذٰلِكَ اِنْ اَرَادُوْٓا اِصْلَاحًا ۭ وَلَهُنَّ

ان مدت جي اندر انهن کي موٽائڻ جو حق رکن ٿا جيڪڏهن اهي اصلاح جو ارادو رکندا هجن(1) ۽ عورتن جي لاءِ به مردن تي شريعت

مِثْلُ الَّذِيْ عَلَيْهِنَّ بِالْمَعْرُوْفِ ۠ وَلِلرِّجَالِ عَلَيْهِنَّ دَرَجَةٌ ۭ وَاللّٰهُ

جي مطابق اهڙو ئي حق آهي جهڙو (انهن جو) عورتن تي آهي ۽ مردن کي انهن تي فضيلت حاصل آهي ۽ الله غالب، حڪمت وارو آهي○

عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ۝٢٢٨ اَلطَّلَاقُ مَرَّتٰنِ ۠ فَاِمْسَاكٌۢ بِمَعْرُوْفٍ اَوْ تَسْرِيْحٌۢ ع ٢٨/١٢

طلاق ٻن ڀيرن تائين آهي پوءِ ڀلائي سان روڪي رکڻ آهي يا چڱي طريقي سان ڇڏي ڏيڻ آهي(2) ۽ توهان جي لاءِ جائز نه آهي جو توهان

بِاِحْسَانٍ ۭ وَلَا يَحِلُّ لَكُمْ اَنْ تَاْخُذُوْا مِمَّآ اٰتَيْتُمُوْهُنَّ شَـيْـــًٔـا اِلَّآ اَنْ يَّخَافَآ

جيڪو ڪجھ عورتن کي ڏنو هجي ان مان ڪجھ واپس وٺو پر ان صورت ۾ جو ٻنهيءَ کي انديشو هجي ته اهي الله جون حدون قائم نه

اَلَّا يُقِيْمَا حُدُوْدَ اللّٰهِ ۭ فَاِنْ خِفْتُمْ اَلَّا يُقِيْمَا حُدُوْدَ اللّٰهِ ۙ فَلَا جُنَاحَ

رکي سگهندا پوءِ جيڪڏهن توهان کي خوف هجي ته زال مڙس الله جي حدن کي قائم نه ڪري سگهندا پوءِ انهن تي ان(مالي معاوضي)

عَلَيْهِمَا فِـيْمَا افْتَدَتْ بِهٖ ۭ تِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ فَلَا تَعْتَدُوْھَا ۚ وَمَنْ يَّتَعَدَّ

۾ ڪجھ گناهه ناهي جيڪو عورت بدلي ۾ ڏيئي ڇوٽڪارو حاصل ڪري هي الله جون حدون آهن، انهن کان اڳتي نه وڌو

حُدُوْدَ اللّٰهِ فَاُولٰۗىِٕكَ ھُمُ الظّٰلِمُوْنَ ۝٢٢٩ فَاِنْ طَلَّقَهَا فَلَا تَحِلُّ لَهٗ مِنْۢ بَعْدُ

۽ جيڪو الله جي حدن کان اڳتي لنگهي ته اهي ئي ماڻهو ظالم آهن○ پوءِ جيڪڏهن مڙس زال کي (ٽئين) طلاق ڏئي ڇڏي ته هاڻي

حاشيه (1)...هن آيت جي لفظ ”اَرَادُوا“ مان معلوم ٿيو ته طلاقِ رجعي ۾ رجوع جي لاءِ عورت جي مرضي ضروري ناهي، صرف مرد جو رجوع ڪافي آهي، ها ظلم ڪرڻ ۽ عورت سان پنهنجي انتقام جي باهه وسائڻ جي لاءِ رجوع ڪرڻ سخت برو آهي، افسوس ته اسان وٽ هن جهالت جي به ڪمي ناهي، زالن کي ظلم، ستم ۽ ساهرن کان انتقام وٺڻ جو ذريعو بڻايو ويندو آهي ايستائين جو ڪڏهن ڪڏهن ته شادي ئي ان نيت سان ڪئي ويندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته رجوع ئي ان بري نيت سان ڪيو ويندو آهي. (2)...سني طريقي سان روڪي رکڻ مان مراد رجوع ڪري روڪي رکڻ آهي، ۽ سني طريقي سان ڇڏي ڏيڻ مان مراد هي آهي ته طلاق ڏئي عدت ختم ٿيڻ ڏيو جو هن طرح طلاق بائنه ٿي ويندي آهي_ شريعت طلاق ڏيڻ ۽ نه ڏيڻ جي ٻنهي صورتن ۾ ڀلائي ۽ خيرخواهي جو فرمايو آهي، اسان جي زماني ۾ ماڻهن جي هڪ وڏي تعداد ٻنهن صورتن ۾ اُبتو هلندي آهي، طلاق ڏيڻ ۾ به غلط طريقو ۽ گهرواريءَ کي روڪي رکڻ ۾ به غلط طريقو. الله تعاليٰ هدايت عطا فرمائي.

حَتّٰى تَنۡكِحَ زَوۡجًا غَيۡرَهٗ ؕ فَاِنۡ طَلَّقَهَا فَلَا جُنَاحَ عَلَيۡهِمَاۤ اَنۡ يَّتَرَاجَعَاۤ

اها عورت ان جي لاءِ حلال نہ ٿيندي جيستائين ٻي مڙس سان نڪاح نہ ڪري،(1) پوءِ اهو ٻيو مڙس جيڪڏهن ان کي طلاق ڏئي ڇڏي تہ انهن

اِنۡ ظَنَّاۤ اَنۡ يُّقِيۡمَا حُدُوۡدَ اللّٰهِ ؕ وَتِلۡكَ حُدُوۡدُ اللّٰهِ يُبَيِّنُهَا لِقَوۡمٍ

ٻنهيءَ تي هڪ ٻئي جي طرف موٽي اچڻ ۾ ڪجھ گناھ نہ آهي جيڪڏهن اهي هي سمجهن تہ(هاڻي) الله جي حدن کي قائم رکي سگهنداسين ۽ هي الله جون

يَّعۡلَمُوۡنَ ﴿۲۳۰﴾ وَاِذَا طَلَّقۡتُمُ النِّسَآءَ فَبَلَغۡنَ اَجَلَهُنَّ فَاَمۡسِكُوۡهُنَّ

حدون آهن جن کي اهو سمجهدارن جي لاءِ بيان ڪري ٿو○ ۽ جڏهن توهان عورتن کي طلاق ڏيو ۽ اهي پنهنجي (عدت جي آخري) مدت(جي ويجهو) تائين

بِمَعۡرُوۡفٍ اَوۡ سَرِّحُوۡهُنَّ بِمَعۡرُوۡفٍ ۪ وَلَا تُمۡسِكُوۡهُنَّ ضِرَارًا لِّتَعۡتَدُوۡا ۚ

پهچي وڃن پوءِ ان وقت انهن کي چڱي طريقي سان روڪيو يا چڱي طريقي سان ڇڏي ڏيو ۽ انهن کي نقصان پهچائڻ جي لاءِ نہ

وَمَنۡ يَّفۡعَلۡ ذٰلِكَ فَقَدۡ ظَلَمَ نَفۡسَهٗ ؕ وَلَا تَتَّخِذُوۡۤا اٰيٰتِ اللّٰهِ هُزُوًا ۫

روڪي رکو تہ جيئن توهان (انهن تي) زيادتي ڪيو(2) ۽ جيڪو ائين ڪري تہ ان پنهنجي جان تي ظلم ڪيو ۽ الله جي آيتن کي مذاق مسخري نہ ٺاهيو

وَّاذۡكُرُوۡا نِعۡمَتَ اللّٰهِ عَلَيۡكُمۡ وَمَاۤ اَنۡزَلَ عَلَيۡكُمۡ مِّنَ الۡكِتٰبِ وَ

۽ پنهنجي مٿان الله جو احسان ياد ڪريو ۽ ان توهان تي جيڪو ڪتاب ۽ حڪمت لاٿو آهي (ان کي ياد ڪيو)

الۡحِكۡمَةِ يَعِظُكُمۡ بِهٖ ؕ وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاعۡلَمُوۡۤا اَنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَىۡءٍ عَلِيۡمٌ ﴿۲۳۱﴾ ع ٢٩/٣٠ ١٣

ان جي ذريعي اهو توهان کي نصيحت فرمائي ٿو ۽ الله کان ڊڄندا رهو ۽ ڄاڻو تہ الله سڀ ڪجھ ڄاڻڻ وارو آهي○

وَاِذَا طَلَّقۡتُمُ النِّسَآءَ فَبَلَغۡنَ اَجَلَهُنَّ فَلَا تَعۡضُلُوۡهُنَّ اَنۡ يَّنۡكِحۡنَ

۽ جڏهن توهان عورتن کي طلاق ڏيو ۽ انهن جي (عدت جي) مدت پوري ٿي وڃي تہ اي عورتن جا وارثؤ! انهن کي پنهنجي مڙسن سان نڪاح

حاشيہ 1...ٽي طلاقون ٽن مهينن ۾ ڏنيون وڃن يا هڪ مهيني ۾ يا هڪ ڏينهن ۾ يا هڪ نشست ۾ يا هڪ ئي جملي ۾ هر صورت ۾ ٽئي واقع ٿي وينديون آهن، ۽ عورت مرد تي حرام ٿي ويندي آهي، ٽن طلاقن کان بعد شرعي طريقي کان سواءِ مرد ۽ عورت جو همبستري ڪرڻ صريح حرام ۽ ناجائز آهي ۽ اهڙي صلح ڪرائڻ وارا بہ گناھ ۾ برابر جا شريڪ آهن. 2...طلاق واري عورت جي عدت ختم ٿيڻ کان پهريان رجوع ڪرڻ يا نہ ڪرڻ جو اختيار آهي ليڪن هن اختيار کي ظلم ۽ زيادتي جو حيلو بنائڻ ممنوع ۽ ناجائز آهي،جيڪو هن طرح ڪندو آهي اهو پنهنجي جان تي ئي ظلم ڪندو آهي ۽ هي فعل سراسر الله تعاليٰ جي آيتن کي مذاق بڻائڻ جي مترادف آهي، اهڙن ماڻهن کي ياد رکڻ گهرجي تہ ڪائنات ۾ زالن تي ظلم ۽ ستم ۽ احڪام شرعيہ جي مخالفت کي ٻيو ڪو بہ نہ ڄاڻندو هجي ليڪن الله تہ ڄاڻي ٿو،۽ ان جي بارگاھ ۾ تہ جواب ڏيڻو ئي پوندو.

أَزْوَاجَهُنَّ إِذَا تَرَاضَوْا بَيْنَهُمْ بِالْمَعْرُوْفِ ط ذٰلِكَ يُوْعَظُ بِهٖ مَنْ كَانَ مِنْكُمْ

ڪرڻ کان نہ روڪيو جڏهن تہ اهي پاڻ ۾ شريعت جي مطابق راضي ٿي وڃن. هي نصيحت ان کي ڏني وڃي ٿي جيڪو توهان مان

يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ط ذٰلِكُمْ اَزْكٰى لَكُمْ وَاَطْهَرُ ط وَاللّٰهُ يَعْلَمُ وَ

الله ۽ قيامت تي ايمان رکندو هجي(1). اهو توهان جي لاءِ وڌيڪ سنو ۽ پاڪ ڪم آهي ۽ الله ڄاڻي ٿو ۽

اَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٢٣٢﴾ وَالْوَالِدٰتُ يُرْضِعْنَ اَوْلَادَهُنَّ حَوْلَيْنِ كَامِلَيْنِ

توهان نہ ٿا ڄاڻو(2)O ۽ مائرون پنهنجي ٻارن کي پورا ٻہ سال کير پيارين،(3) (هي حڪم) ان جي لاءِ (آهي) جيڪو کير

لِمَنْ اَرَادَ اَنْ يُّتِمَّ الرَّضَاعَةَ ط وَعَلَى الْمَوْلُوْدِ لَهٗ رِزْقُهُنَّ وَكِسْوَتُهُنَّ

پيارڻ جي مدت پوري ڪرڻ چاهي ۽ ٻار جي پيءُ تي دستور مطابق عورتن جي کاڌي ۽ پوشاڪ جي ذميداري

بِالْمَعْرُوْفِ ط لَا تُكَلَّفُ نَفْسٌ اِلَّا وُسْعَهَا ج لَا تُضَآرَّ وَالِدَةٌ بِوَلَدِهَا

آهي. ڪنهن ٻہ جان تي ايترو ئي بار رکيو ويندو جيترو ان جي طاقت هجي. ماءُ کي ان جي اولاد جي سبب تڪليف نہ ڏني

وَلَا مَوْلُوْدٌ لَّهٗ بِوَلَدِهٖ ق وَعَلَى الْوَارِثِ مِثْلُ ذٰلِكَ ج فَاِنْ اَرَادَا

وڃي ۽ نہ پيءُ کي ان جي اولاد جي سبب تڪليف ڏني وڃي(4) ۽ جيڪو پيءُ جو قائم مقام آهي ان تي بہ اهڙو ئي(حڪم) آهي(5) پوءِ

فِصَالًا عَنْ تَرَاضٍ مِّنْهُمَا وَتَشَاوُرٍ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْهِمَا ط وَاِنْ اَرَدْتُّمْ

جيڪڏهن ماءُ پيءُ ٻئي هڪٻئي جي رضا مندي ۽ مشوري سان کير ڇڏائڻ چاهين تہ انهن تي گناهہ ناهي ۽ جيڪڏهن توهان چاهيو تہ

اَنْ تَسْتَرْضِعُوْٓا اَوْلَادَكُمْ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ اِذَا سَلَّمْتُمْ مَّآ اٰتَيْتُمْ

(ٻين عورتن کان) پنهنجي ٻارن کي کير پيئارايو تڏهن بہ توهان تي ڪو گناهہ ناهي جڏهن تہ جيڪو معاوضو ڏيڻ

---

حاشيہ 1...جڏهن ڪنهن عورت جي عدت گذري وڃي ۽ عدت کان پوءِ اها عورت ڪنهن سان نڪاح ڪرڻ جو ارادو ڪري چاهي اهو نئون ماڻهو هجي يا اهو ئي هجي جنهن (رجعي يا ٽن کان گهٽ بائنہ) طلاق ڏني هئي تہ جيڪڏهن هو مرد ۽ عورت باهم رضامند آهن تہ پوءِ عورت جي سرپرستن کي بيجا منع ڪرڻ جو حق ناهي. 2...يعني ان حڪم تي عمل ڪرڻ توهان جي لاءِ زياده پاڪيزگي و طهارت جو باعث آهي، ڇوتہ ڪڏهن ڪڏهن سابق تعلقن جي ڪري عورتون غلط قدم بہ کڻنديون آهن، جيڪو بعد ۾ سيني جي لاءِ پريشانيءَ جو سبب بڻبو آهي،ان لاءِ عورتن کي مزيد نڪاح کان بي وجھ نہ روڪيو. 3...ٻار کي کير پيارڻ متعلق تفصيلي احڪامن جي معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ صراط الجنان جلد 1 صفحي 357 کي ملاحظو فرمايو. 4...ماءُ کي نقصان پهچائڻ اِهو آهي تہ جنهن صورت ۾ ان تي کير پيئارڻ لازم نہ هجي ان صورت ۾ ان کي کير پيئارڻ تي مجبور ڪيو وڃي ۽ پيءُ کي نقصان پهچائڻ اِهو آهي تہ ان جي طاقت کان وڌيڪ ان تي ذميداري وڌي وڃي. يا آيت جي معنيٰ هي آهي تہ نہ ماءُ ٻار کي تڪليف ڏئي نہ وري پيءُ. ماءُ جو ٻار کي نقصان ڏيڻ اِهو آهي تہ ان کي وقت تي کير نہ پياري، ۽ ان جو خيال نہ رکي، ۽ پاڻ کان مانوس ڪرڻ بعد ڇڏي ڏئي، ۽ پيءُ جو ٻار کي نقصان ڏيڻ هي آهي تہ مانوس ٻار کي ماءُ کان ڦريونني يا ماءُ جي حق ۾ ڪوتاهي ڪري، جنهن سبب ٻار کي نقصان پهچي. 5...جيڪڏهن پيءُ فوت ٿي ويو هجي تہ جيڪي ذميداريون پيءُ تي هونديون آهن اهي هاڻي ان جي قائم مقام تي هونديون.

بِالْمَعْرُوْفِ ؕ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ وَ اعْلَمُوْۤا اَنَّ اللّٰهَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِیْرٌ ﴿۲۳۳﴾

توهان مقرر ڪيو هجي اهو ڀلائي سان ادا ڪيو ۽ الله کان ڊڄندا رهو ۽ ڄاڻو ته الله توهان جا ڪم ڏسي رهيو آهي○

وَ الَّذِیْنَ یُتَوَفَّوْنَ مِنْكُمْ وَ یَذَرُوْنَ اَزْوَاجًا یَّتَرَبَّصْنَ بِاَنْفُسِهِنَّ

۽ توهان مان جيڪي مري وڃن ۽ زالون ڇڏي وڃن ته اهي زالون چار مهينا ۽

اَرْبَعَةَ اَشْهُرٍ وَّ عَشْرًا ۚ فَاِذَا بَلَغْنَ اَجَلَهُنَّ فَلَا جُنَاحَ عَلَیْكُمْ

ڏهه ڏينهن پنهنجو پاڻ کي روڪي رکن(1) پوءِ جڏهن اهي پنهنجي (آخري) مدت کي پهچي وڃن ته اي وارثؤ! توهان تي

فِیْمَا فَعَلْنَ فِیْۤ اَنْفُسِهِنَّ بِالْمَعْرُوْفِ ؕ وَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِیْرٌ ﴿۲۳۴﴾

انهن ڪمن ۾ ڪو حرج ناهي جيڪي عورتون پنهنجي معاملي ۾ شريعت جي موافق ڪن(2) ۽ الله توهان جي ڪمن کان باخبر آهي○

وَ لَا جُنَاحَ عَلَیْكُمْ فِیْمَا عَرَّضْتُمْ بِهٖ مِنْ خِطْبَةِ النِّسَآءِ اَوْ اَكْنَنْتُمْ فِیْۤ

۽ توهان تي هن ڳالهه ۾ ڪو گناهه ناهي ته اشاري ڪنائي سان توهان عورتن کي نڪاح جو پيغام ڏيو يا پنهنجي

اَنْفُسِكُمْ ؕ عَلِمَ اللّٰهُ اَنَّكُمْ سَتَذْكُرُوْنَهُنَّ وَ لٰكِنْ لَّا تُوَاعِدُوْهُنَّ

دل ۾ لڪائي رکو. الله کي خبر آهي ته هاڻي توهان انهن جو تذڪرو ڪندؤ پر انهن سان

سِرًّا اِلَّاۤ اَنْ تَقُوْلُوْا قَوْلًا مَّعْرُوْفًا ؕ۬ وَ لَا تَعْزِمُوْا عُقْدَةَ النِّكَاحِ حَتّٰى

خفيه واعدو نه ڪري رکو پر اهو ته شريعت جي مطابق ڪا ڳالهه چئو ۽ نڪاح جي عقد کي پڪو نه ڪريو جيستائين

یَبْلُغَ الْكِتٰبُ اَجَلَهٗ ؕ وَ اعْلَمُوْۤا اَنَّ اللّٰهَ یَعْلَمُ مَا فِیْۤ اَنْفُسِكُمْ

(عدت جو) لکيل (حڪم) پنهنجي (اختتامي) مدت کي نه پهچي وڃي ۽ ڄاڻو ته الله توهان جي اندر کي

---

**حاشيه** 1... هن آيت ۾ فوت ٿي ويل شخص جي زال جي عدت جو بيان آهي ته گهر واريءَ جي عدت 4 مهينا ڏهه ڏينهن آهي، هي ان صورت ۾ آهي جڏهن مڙس جي وفات چنڊ رات جي پهرين تاريخ تي ٿي هجي، نه ته عورت 130 ڏينهن پورا ڪندي، وڌيڪ تفصيل صراط الجنان جي جلد 1 صفحي 359 تي ملاحظو فرمايو. 2... هن مان معلوم ٿيو ته عورتن کي شريعت جي دائري ۾ رهي ڪري پنهنجي معاملن جو فيصلو ڪرڻ جو اختيار آهي، ۽ اهي پاڻ به پنهنجو نڪاح ڪري سگهن ٿيون، البت! مشوري سان هلڻ بهتر آهي.

فَاحْذَرُوْهُ ۚ وَاعْلَمُوْۤا اَنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ حَلِيْمٌ ۧ ﴿۲۳۵﴾ لَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ اِنْ ع ٣٠ ١٤

ڄاڻي ٿو پوءِ ان کان ڊڄو ۽ ڄاڻو ته الله گهڻو بخشڻ وارو، حلم وارو آهي(1)○ جيڪڏهن توهان عورتن کي طلاق ڏيو ته جيستائين توهان انهن

طَلَّقْتُمُ النِّسَآءَ مَا لَمْ تَمَسُّوْهُنَّ اَوْ تَفْرِضُوْا لَهُنَّ فَرِيْضَةً ۚۖ وَّ

کي هٿ نه لاتو هجي يا ڪو مهر نه مقرر ڪري ورتو هجي تيستائين توهان تي ڪو مطالبو ناهي(2) ۽ انهن کي(هڪ جوڙو) استعمال لاءِ ڏيو.

مَتِّعُوْهُنَّ ۚ عَلَى الْمُوْسِعِ قَدَرُهٗ وَعَلَى الْمُقْتِرِ قَدَرُهٗ ۚ مَتَاعًۢا بِالْمَعْرُوْفِ ۚ

مالدار تي ان جي طاقت جي مطابق ۽ تنگدست تي ان جي طاقت جي مطابق ڏيڻ لازم آهي. شرعي دستور جي مطابق انهن کي فائدو پهچايو،(3)

حَقًّا عَلَى الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۲۳۶﴾ وَاِنْ طَلَّقْتُمُوْهُنَّ مِنْ قَبْلِ اَنْ تَمَسُّوْهُنَّ

اهو ڀلائي ڪرڻ وارن تي واجب آهي○ ۽ جيڪڏهن توهان عورتن کي ڪين هٿ لائڻ کان پهريان طلاق ڏيو ۽ توهان انهن جي لاءِ ڪجهه

وَقَدْ فَرَضْتُمْ لَهُنَّ فَرِيْضَةً فَنِصْفُ مَا فَرَضْتُمْ اِلَّاۤ اَنْ يَّعْفُوْنَ اَوْ

مهر به مقرر ڪري چڪا هجو پوءِ جيترو توهان مقرر ڪيو هو ان جو اڌ واجب آهي پر هي ته عورتون ڪجهه مهر معاف ڪري ڇڏين يا اهو (مڙس)

يَعْفُوَا الَّذِيْ بِيَدِهٖ عُقْدَةُ النِّكَاحِ ؕ وَاَنْ تَعْفُوْۤا اَقْرَبُ لِلتَّقْوٰى ؕ وَ

وڌيڪ ڏيئي ڇڏي جنهن جي هٿ ۾ نڪاح جي ڳنڍ آهي ۽ اي مردو!توهان جو وڌيڪ ڏيڻ پرهيزگاري جي گهڻو ويجهو آهي(4) ۽

لَا تَنْسَوُا الْفَضْلَ بَيْنَكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿۲۳۷﴾ حٰفِظُوْا عَلَى

پاڻ ۾ هڪٻئي تي احسان ڪرڻ نه وساريو بيشڪ الله توهان جا ڪم ڏسي رهيو آهي(5)○ سڀني نمازن جي پابندي ڪيو

الصَّلَوٰتِ وَالصَّلٰوةِ الْوُسْطٰى ۗ وَقُوْمُوْا لِلّٰهِ قٰنِتِيْنَ ﴿۲۳۸﴾ فَاِنْ خِفْتُمْ فَرِجَالًا

۽ خاص ڪري وچينءَ نماز جي ۽ الله جي حضور ادب سان بيهندا ڪيو○ پوءِ جيڪڏهن توهان خوف جي حالت ۾ هجو ته

**حاشيه** (1)... وفات جي عدت گذارڻ واري عورت سان نڪاح ڪرڻ يا نڪاح جو واضع پيغام ڏيڻ يا نڪاح جو واعدو ڪري ڇڏڻ حرام آهي، پر پردي جي حالت ۾ نڪاح جي خواهش جو اظهار ڪرڻ گناه ناهي، مثال طور: هيئن چوي ته اوهان نيڪ عورت آهيو يا پنهنجو ارادو دل ئي ۾ رکي ۽ زبان سان ڪنهن طرح نه چوي، هي به گناه ناهي. (2)... هن آيت ۾ مهر جا ڪجهه مسئلا بيان ڪيا پيا وڃن، ان جي تفصيل ڄاڻڻ لاءِ تفسير صراط الجنان جي جلد 1 صفحي 361 کان 363 تائين جو مطالعو فرمايو. (3)...هنن آيتن مان معلوم ٿيو ته فقه جو علم وڏي فضيلت ۽ اهميت جو حامل آهي، ڇوته ان ۾ عبادت سان گڏوگڏ معاملات جهڙوڪ: نڪاح، حق مهر ۽ طلاق وغيره سان متعلق به شرعي احڪام بيان ڪيا ويندا آهن. (4)...عورت پاران معافي هيءَ آهي ته هوءَ اڌ مهر مان ڪجهه يا پورو ئي ڇڏي ڏي ، مڙس پاران معافي هيءَ آهي ته هو پورو مهر ادا ڪري چڪو هجي ته اڌ واپس موٽائي نه وٺي ۽ زياده ڏيڻ جي صورت هيءَ آهي ته اڌ ڏيڻ بجاءِ پورو مهر ڏئي ڇڏي. (5)...طلاق جو معاملو ايترو ته حساس آهي جو عمومن ٻئي فريق انتقام جي جذبي ۾ انتا هوندا آهن، ۽ هڪ ٻي کي جان کان ماري ڇڏڻ جا خواهشمند هوندا آهن، ليڪن الله تعالي! هتي به پاڻ ۾ حسنِ سلوڪ جو حڪم ڏئي رهيو آهي ۽ ان ۾ به خصوصن مردن کي زياده تاڪيد ڪئي وئي آهي، ڇوته زياده تڪليف عام طور ته مرد ۽ ان جي خاندان جي طرفان هوندي آهي.

اَوْ رُكْبَانًا ۚ فَاِذَآ اَمِنْتُمْ فَاذْكُرُوا اللّٰهَ كَمَا عَلَّمَكُمْ مَّا لَمْ تَكُوْنُوْا

پيدل يا سوار(جيئن ممڪن هجي نماز پڙهو)(1) پوءِ جڏهن اطمينان جي حالت ۾ ٿي وڃو ته الله کي ياد ڪريو جيئن ان توهان کي سيکاريو آهي جيڪو توهان

تَعْلَمُوْنَ ﴿٢٣٩﴾ وَالَّذِيْنَ يُتَوَفَّوْنَ مِنْكُمْ وَيَذَرُوْنَ اَزْوَاجًا ۖۚ وَّصِيَّةً

نه ڄاڻندا هئا○ ۽ جيڪي توهان مان مري وڃن ۽ زالون ڇڏي وڃن اهي پنهنجي عورتن جي لاءِ (انهن کي گهر مان)

لِّاَزْوَاجِهِمْ مَّتَاعًا اِلَى الْحَوْلِ غَيْرَ اِخْرَاجٍ ۚ فَاِنْ خَرَجْنَ فَلَا جُنَاحَ

ڪڍڻ جي بغير سڄو سال خرچ ڏيڻ جي وصيت ڪري وڃن(2) پوءِ جيڪڏهن اهي پاڻ نڪري وڃن ته توهان تي ان معاملي ۾ ڪا

عَلَيْكُمْ فِيْ مَا فَعَلْنَ فِيْٓ اَنْفُسِهِنَّ مِنْ مَّعْرُوْفٍ ؕ وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٢٤٠﴾

پڪڙ ناهي جيڪي اهي پنهنجي باري ۾ شريعت جي مطابق ڪن ۽ الله زبردست،(3) حڪمت وارو آهي○ ۽ طلاق

وَلِلْمُطَلَّقٰتِ مَتَاعٌۢ بِالْمَعْرُوْفِ ؕ حَقًّا عَلَى الْمُتَّقِيْنَ ﴿٢٤١﴾ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ

وارين عورتن جي لاءِ به شرعي دستور جي مطابق خرچو آهي،(4) اهو پرهيزگارن تي واجب آهي○ الله اهڙي طرح توهان جي لاءِ

ع ٣١ ٧ ١٥ اللّٰهُ لَكُمْ اٰيٰتِهٖ لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿٢٤٢﴾ ع اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ خَرَجُوْا مِنْ

پنهنجون آيتون کولي بيان ڪري ٿو ته جيئن توهان سمجهو○ اي حبيب! ڇا اوهان انهن ماڻهن کي نه ڏٺو هو جيڪي موت جي

دِيَارِهِمْ وَهُمْ اُلُوْفٌ حَذَرَ الْمَوْتِ ۠ فَقَالَ لَهُمُ اللّٰهُ مُوْتُوْا ۟ ثُمَّ اَحْيَاهُمْ ؕ

ڊپ کان هزارن جي تعداد ۾ پنهنجي گهرن مان نڪتا ته الله انهن کي فرمايو: مري وڃو(5) پوءِ انهن کي زنده فرمائي ڇڏيائين،

اِنَّ اللّٰهَ لَذُوْ فَضْلٍ عَلَى النَّاسِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَشْكُرُوْنَ ﴿٢٤٣﴾

بيشڪ الله ماڻهن تي فضل ڪرڻ وارو آهي پر گهڻا ماڻهو شڪر ادا نه ٿا ڪن○

---

حاشيه 1...هتي دشمن يا خونخوار جانور وغيره جي خوف جي حالت ۾ نماز جو حڪم ۽ طريقو بيان ڪيو ويو آهي، جيڪڏهن خوف جي اهڙي صورت هجي جو هڪ جڳهه بيهڻ ناممڪن ٿي وڃي ته پيادل هلندي يا سواريءَ تي جيئن به ممڪن ٿئي نماز پڙهي وٺو. 2...اسلام جي ابتدا ۾ بيواه جي عدت هڪ سال هئي ۽ ان هڪ سال ۾ هوءَ مڙس جي گهر رهي خرچ پڪي جي مستحق هئي، پوءِ هڪ سال جي عدت سورت بقره جي آيت نمبر 234 سان منسوخ ٿي ۽ پوري سال جو خرچ سورت نساءَ جي آيت نمبر 12 يعني آيت ميراث سان منسوخ ٿيو، 3...عربي لفظ"عَزِيْزٌ"عزة مان نهيو آهي، هي مختلف معنائن ۾ استعمال ٿيندو آهي، جهڙوڪ عزت وارو، غلبي وارو ۽ زبردست وغيره، 4...هتي آيت ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته طلاق جي عدت ۾ مڙس تي عورت جو خرچ پڪو لازم آهي، وڌيڪ تفصيل جي لاءِ بهارِ شريعت جو جلد 2 صفحو 8 ۾ "نفقي جو بيان" مطالعو فرمائيندا 5...هن واقعي مان معلوم ٿيو ته انسان موت جي ڊپ کان پڄي جان نٿو بچائي سگهي ته پڄڻ بيڪار آهي، ڇو ته موت مقدر آهي اهو ضرور اچڻو آهي، انسان کي گهرجي ته الله جي رضا تي راضي رهي.

وَقَاتِلُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢٤٤﴾ مَنْ ذَا

۽ الله جي راھ ۾ وڙھو ۽ ڄاڻو ته الله ٻڌڻ وارو، ڄاڻڻ وارو آھي ○ آھي ڪو جيڪو

الَّذِيْ يُقْرِضُ اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا فَيُضٰعِفَهٗ لَهٗٓ اَضْعَافًا كَثِيْرَةً ؕ وَاللّٰهُ

الله کي چڱو قرض ڏي(1) ته الله ان جي لاءِ ان قرض کي تمام گھڻو وڌائي ۽ الله تنگي ڏيندو آھي

يَقْبِضُ وَيَبْصُۜطُ ۠ وَاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿٢٤٥﴾ اَلَمْ تَرَ اِلَى الْمَلَاِ مِنْۢ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ

۽ وسعت ڏيندو آھي ۽ توھان انھيءَ جي طرف موٽايا ويندؤ ○ اي حبيب! ڇا اوھان بني اسرائيل جي ھڪ ٽولي کي نه ڏٺو جيڪو

مِنْۢ بَعْدِ مُوْسٰى ۘ اِذْ قَالُوْا لِنَبِيٍّ لَّهُمُ ابْعَثْ لَنَا مَلِكًا نُّقَاتِلْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ

وقف لازم

موسٰي کان پوءِ ٿيو، (2) جڏھن ان پنھنجي ھڪ نبي کي چيو ته اسان جي لاءِ ھڪ بادشاھ مقرر ڪيو ته جيئن اسان الله جي راھ ۾ وڙھون،

قَالَ هَلْ عَسَيْتُمْ اِنْ كُتِبَ عَلَيْكُمُ الْقِتَالُ اَلَّا تُقَاتِلُوْا ؕ قَالُوْا وَمَا لَنَآ

ان نبيءَ فرمايو: ڇا ائين ته نه ٿيندو جو جيڪڏھن توھان تي جھاد فرض ڪيو وڃي ته پوءِ توھان جھاد نه ڪيو؟ انھن چيو: اسان کي ڇا

اَلَّا نُقَاتِلَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَقَدْ اُخْرِجْنَا مِنْ دِيَارِنَا وَاَبْنَآىِٕنَا ؕ فَلَمَّا

ٿيو جو اسان الله جي راھ ۾ نه وڙھون حالانڪ اسان کي اسان جي وطن ۽ اسان جي اولاد مان ڪڍيو ويو آھي(3) پوءِ جڏھن

كُتِبَ عَلَيْهِمُ الْقِتَالُ تَوَلَّوْا اِلَّا قَلِيْلًا مِّنْهُمْ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ

انھن تي جھاد فرض ڪيو ويو ته انھن مان ٿورن ماڻھن کان سواءِ (باقين) منھن موڙي ڇڏيو ۽ الله ظالمن کي

بِالظّٰلِمِيْنَ ﴿٢٤٦﴾ وَقَالَ لَهُمْ نَبِيُّهُمْ اِنَّ اللّٰهَ قَدْ بَعَثَ لَكُمْ طَالُوْتَ مَلِكًا ؕ

خوب ڄاڻي ٿو ○ ۽ انھن کي انھن جي نبي فرمايو: بيشڪ الله طالوت کي توھان جو بادشاھ مقرر ڪيو آھي (4)

حاشيه (1)...خدا جي واٽ ۾ اخلاص سان خرچ ڪرڻ کي قرض سان تعبير فرمايو، ھي الله پاڪ جو ڪمال درجي جو لطف ۽ ڪرم آھي، ڇاڪاڻ ته ٻانھو ان جو ئي ٺاھيل آھي، ۽ ٻانھي کي ان جو مال عطا فرمايل آھي، حقيقي مالڪ اھو ئي آھي جڏھن ته ٻانھو ان جي عطا سان مجازي مالڪ آھي، پر پوءِ به مجازي مالڪ جي ڏيڻ کي قرض سان تعبير فرمايو آھي، (2)...جھاد جو حڪم ڏيڻ کان پوءِ ھاڻي جھاد جي ھمت ۽ حوصلو پيدا ڪرڻ وارو ھڪ دلچسپ واقعو تفصيل سان بيان ڪيو پيو وڃي. (3)...ھن واقعي مان ھي به معلوم ٿيو ته جڏھن قوم جي اعتقادي ۽ عملي حالت خراب ٿي ويندي آھي ته ان تي ظالم ۽ جابر قومن کي مسلط ڪيو ويندو آھي، ھن آيت کي سامھون رکي پوري دنيا جي مسلم ملڪن جي اعتقادي ۽ عملي حالت کي ڏٺو وڃي ته مٿي وارو نقشو وڏو واضح طور تي نظر ايندو. ھن طرح جا قرآني واقعا بيان ڪرڻ جو مقصد تاريخي واقعا ٻڌائڻ ناھي، بلڪ عبرت ۽ نصيحت حاصل ڪرڻ ڏانھن آڻڻ آھي. (4)...عربي لفظ ”بَعَثَ“ جي لغوي معنيٰ آھي ڪنھن شي کي بيھارڻ جڏھن ته مختلف قرائن جي اعتبار سان ان جي معنيٰ بدلجندي رھندي آھي، ھتي ھي لفظ موڪلڻ ۽ مقرر ڪرڻ جي معنيٰ ۾ آھي.

قَالُوْٓا اَنّٰى يَكُوْنُ لَهُ الْمُلْكُ عَلَيْنَا وَنَحْنُ اَحَقُّ بِالْمُلْكِ مِنْهُ وَلَمْ يُؤْتَ

اهي چوڻ لڳا: ان کي اسان جي مٿان ڪيئن بادشاهي حاصل ٿي وئي حالانڪ اسان ان کان وڌيڪ بادشاهي جا حقدار آهيون

سَعَةً مِّنَ الْمَالِ ؕ قَالَ اِنَّ اللّٰهَ اصْطَفٰىهُ عَلَيْكُمْ وَزَادَهٗ بَسْطَةً فِي

۽ ان کي مال ۾ به وسعت ناهي ڏني وئي. ان نبيءَ فرمايو: ان کي الله توهان تي چونڊي ورتو آهي ۽ ڪيس

الْعِلْمِ وَالْجِسْمِ ؕ وَاللّٰهُ يُؤْتِيْ مُلْكَهٗ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿۲۴۷﴾

علم ۽ جسم ۾ ڪشادگي وڌيڪ ڏني آهي ۽ الله جنهن کي چاهي پنهنجو ملڪ ڏي ۽ الله وسعت وارو، علم وارو آهيo

وَقَالَ لَهُمْ نَبِيُّهُمْ اِنَّ اٰيَةَ مُلْكِهٖٓ اَنْ يَّاْتِيَكُمُ التَّابُوْتُ فِيْهِ سَكِيْنَةٌ مِّنْ

۽ انهن کي سندن نبيءَ فرمايو: ان جي بادشاهي جي نشاني هي آهي جو توهان وٽ اهو تابوت اچي ويندو جنهن ۾ توهان جي رب

رَّبِّكُمْ وَبَقِيَّةٌ مِّمَّا تَرَكَ اٰلُ مُوْسٰى وَاٰلُ هٰرُوْنَ تَحْمِلُهُ الْمَلٰٓئِكَةُ ؕ اِنَّ

جي طرف کان دلين جو سڪون آهي ۽ معزز موسيٰ ۽ معزز هارون(1) جي ڇڏيل شين جو بچيل آهي،(2) ملائڪ ان کي کنيو بيٺا هوندا.

فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۲۴۸﴾ ع فَلَمَّا فَصَلَ طَالُوْتُ بِالْجُنُوْدِ ۙ ٣٢ ع ٦ ١٢

بيشڪ هن ۾ توهان جي لاءِ وڏي نشاني آهي جيڪڏهن توهان ايمان وارا آهيو o پوءِ جڏهن طالوت لشڪرن کي وٺي شهر کان جدا ٿيو ته

قَالَ اِنَّ اللّٰهَ مُبْتَلِيْكُمْ بِنَهَرٍ ۚ فَمَنْ شَرِبَ مِنْهُ فَلَيْسَ مِنِّيْ ۚ وَمَنْ لَّمْ

ان چيو: بيشڪ الله توهان کي هڪ نهر جي ذريعي آزمائڻ وارو آهي(3) پوءِ جيڪو ان نهر مان پاڻي پيئندو اهو منهنجو نه آهي ۽ جيڪو نه

يَطْعَمْهُ فَاِنَّهٗ مِنِّيْٓ اِلَّا مَنِ اغْتَرَفَ غُرْفَةًۢ بِيَدِهٖ ۚ فَشَرِبُوْا مِنْهُ اِلَّا

پيئندو اهو منهنجو آهي سواءِ ان جي جيڪو هڪ لپ پنهنجي هٿ سان ڀري پوءِ انهن مان ٿورن ماڻهن کان سواءِ

---

**حاشيه** 1... ڪجهه عالمن جو چوڻ آهي ته تابوت ۾ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي امت جي عالمن جا تبرڪات هئا، لهٰذا ”آل“ مان مراد اهي ئي علماء آهن، جڏهن ته ڪجهه عالمن جو چوڻ آهي ته تابوت ۾ حضرت موسيٰ ۽ هارون عَلَيْهِمُ السَّلَام جا پنهنجا تبرڪات هئا۽ ”آل“ بطور تعظيم انهن جي لاءِ استعمال ٿيو آهي. 2... هن مان معلوم ٿيو ته الله وارن سان نسبت رکڻ واري هر شيءِ بابرڪت هوندي آهي جيئن تابوت ۾ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي نعلين شريفين يعني پيرن ۾ پاتل جوتا به بابرڪت هئا، 3... هن واقعي مان هي حڪمت به معلوم ٿي ته جهاد کان پهريان آزمائڻ بهتر آهي، عين وقت تي ڪو بزدلي ڏيکاري ته ان جو نتيجو سنوناهي هوندو،حالت امن ۾ فوج جي تربيت ۽ محنت و مشقت انهيءَ مقصد جي لاءِ هوندي آهي، اهڙي ريت اهو به معلوم ٿيو ته وڏي امتحان کان پهريائين ننڍي امتحان مان گذرڻ ڪپي ان سان دل ۾ قوت پيدا ٿيندي آهي.

قَلِيْلًا مِّنْهُمْ ؕ فَلَمَّا جَاوَزَهٗ هُوَ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ ۙ قَالُوْا لَا طَاقَةَ لَنَا الْيَوْمَ

ان نهر مان سيني پاڻي پيتو پوءِ جڏهن طالوت ۽ ان سان گڏ وارا مسلمان نهر کان ٽپي ويا ته انهن چيو: اسان ۾

بِجَالُوْتَ وَجُنُوْدِهٖ ؕ قَالَ الَّذِيْنَ يَظُنُّوْنَ اَنَّهُمْ مُّلٰقُوا اللّٰهِ ۙ كَمْ مِّنْ فِئَةٍ

اڄ جالوت ۽ ان جي لشڪرن سان مقابلي جي طاقت ناهي. (پر) جيڪي الله سان ملڻ جو يقين رکندا هئا

قَلِيْلَةٍ غَلَبَتْ فِئَةً كَثِيْرَةًۢ بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ مَعَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿٢٤٩﴾ وَلَمَّا بَرَزُوْا

انهن چيو: ڪيترائي ڀيرا ننڍي جماعت الله جي حڪم سان وڏي جماعت تي غالب آئي آهي(1) ۽ الله صبر ڪرڻ وارن سان گڏ آهي ○ پوءِ جڏهن اهي

لِجَالُوْتَ وَجُنُوْدِهٖ قَالُوْا رَبَّنَاۤ اَفْرِغْ عَلَيْنَا صَبْرًا وَّثَبِّتْ اَقْدَامَنَا وَانْصُرْنَا

جالوت ۽ ان جي لشڪرن جي سامهون آيا ته انهن عرض ڪيو: اي اسان جا رب! اسان تي صبر پرتاءِ ۽ اسان کي ثابت قدمي عطا فرماءِ

عَلَى الْقَوْمِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٢٥٠﴾ فَهَزَمُوْهُمْ بِاِذْنِ اللّٰهِ ۗ وَقَتَلَ دَاوٗدُ جَالُوْتَ وَ

۽ ڪافر قوم جي مقابلي ۾ اسان جي مدد فرماءِ(2)○ پوءِ انهن الله جي حڪم سان دشمنن کي ڀڄائي ڇڏيو۽ دائود جالوت کي قتل ڪري

اٰتٰىهُ اللّٰهُ الْمُلْكَ وَالْحِكْمَةَ وَعَلَّمَهٗ مِمَّا يَشَآءُ ؕ وَلَوْلَا دَفْعُ اللّٰهِ النَّاسَ

ڇڏيو ۽ الله سندس سلطنت ۽ حڪمت عطا فرمائي ۽ کيس جيڪو گهريائين سو سيکاري ڇڏيائين ۽ جيڪڏهن الله ماڻهن ۾ هڪڙن

بَعْضَهُمْ بِبَعْضٍ ۙ لَّفَسَدَتِ الْاَرْضُ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ ذُوْ فَضْلٍ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿٢٥١﴾

جي ذريعي ٻين کي دفع نه ڪري ته ضرور زمين تباهه ٿي وڃي(3) پر الله سڄي جهان تي فضل ڪرڻ وارو آهي○

تِلْكَ اٰيٰتُ اللّٰهِ نَتْلُوْهَا عَلَيْكَ بِالْحَقِّ ؕ وَاِنَّكَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٢٥٢﴾

هي الله جون آيتون آهن جيڪي اي حبيب! اسان اوهان جي آڏو حق سان پڙهون ٿا ۽ بيشڪ تون رسولن مان آهين○

---

**حاشيه** (1)...اخلاص، همت ۽ جذبو الله تعاليٰ جي مدد حاصل ڪرڻ جا ذريعا آهن ۽ اسلامي تاريخ ۾ ننڍي جماعت وڏي جماعت تي غالب اچڻ جا ڪيترا ئي مثال موجود آهن جيئن غزوه بدر ۾ 313 جي گهٽ تعداد ۾ مسلمان 1000 جي قريب ڪافرن جي وڏي جماعت تي غالب آيا، جنگ يرموڪ ۾ 50000 جي قريب مسلمانن جي لشڪر ڪافرن جي ڏهه لک وڏي لشڪر تي غلبو ماڻيو. (2)...ان مان معلوم ٿيو ته دشمن سان جنگ جي دوران صرف ظاهري اسبابن تي ڀروسو ڪرڻ نه گهرجي بلڪ الله تعاليٰ جي بارگاهه ۾ صبر، ثابت قدمي ۽ دشمنن جي خلاف مدد جي دعا به ڪرڻ گهرجي، ته جيئن ظاهري اسبابن سان گڏ الله تعاليٰ جي مدد به شامل حال رهي. (3)...هتي جهاد جي حڪمت جو بيان آهي،ته جهاد ۾ هزارين مصلحتون آهن، جيڪڏهن گاهه نه ڪٽيو وڃي ته فصل برباد ٿي وڃي جيڪڏهن آپريشن جي ذريعي فاسد مواد نه ڪڍيو وڃي ته بدن بگڙي وڃي، جيڪڏهن چورن ڌاڙيلن کي نه پڪڙيو وڃي ته امن تباهه ٿي وڃي،ايئن ئي جهاد جي ذريعي مغرورن، باغين ۽ سرڪشن کي نه دٻايو وڃي ته سنا ماڻهو جي نه سگهندا.

الجزء الثالث 3 وقف لازم

تِلْكَ الرُّسُلُ فَضَّلْنَا بَعْضَهُمْ عَلٰى بَعْضٍ ۘ مِنْهُمْ مَّنْ كَلَّمَ اللّٰهُ وَرَفَعَ بَعْضَهُمْ

هي رسول آهن(1) اسان انهن مان هڪڙن کي ٻين تي فضيلت ڏني، انهن مان ڪنهن سان الله ڪلام فرمايو ۽ ڪو اهو آهي جنهن کي سيني تي

دَرَجٰتٍ ؕ وَاٰتَيْنَا عِيْسَى ابْنَ مَرْيَمَ الْبَيِّنٰتِ وَاَيَّدْنٰهُ بِرُوْحِ الْقُدُسِ ؕ وَلَوْ شَآءَ

بلند درجا عطا ڪيائين(2) ۽ اسان مريم جي پٽ عيسيٰ کي واضح نشانيون ڏنيون ۽ پاڪ روح سان ان جي مدد ڪئي ۽ جيڪڏهن

اللّٰهُ مَا اقْتَتَلَ الَّذِيْنَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَتْهُمُ الْبَيِّنٰتُ وَلٰكِنِ اخْتَلَفُوْا

الله چاهي ها ته انهن کان بعد وارا پاڻ ۾ ڪونه وڙهن ها جڏهن ته انهن وٽ واضح نشانيون اچي چڪيون هيون پر انهن پاڻ ۾ اختلاف ڪيو

فَمِنْهُمْ مَّنْ اٰمَنَ وَمِنْهُمْ مَّنْ كَفَرَ ؕ وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ مَا اقْتَتَلُوْا ۫ قف وَلٰكِنَّ اللّٰهَ

پوءِ انهن ۾ ڪو مؤمن رهيو ۽ ڪو ڪافر ٿي ويو ۽ جيڪڏهن الله چاهي ها ته اهي ڪو نه وڙهن ها پر الله جيڪو

ع ٥ / ٣٣

يَفْعَلُ مَا يُرِيْدُ ﴿٢٥٣﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَنْفِقُوْا مِمَّا رَزَقْنٰكُمْ مِّنْ قَبْلِ اَنْ

چاهيندو آهي ڪندو آهي(3)○ اي ايمان وارؤ! اسان جي ڏنل رزق مان الله جي واٽ ۾ ان ڏينهن جي اچڻ کان پهريان

يَّاْتِيَ يَوْمٌ لَّا بَيْعٌ فِيْهِ وَلَا خُلَّةٌ وَّلَا شَفَاعَةٌ ؕ وَالْكٰفِرُوْنَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿٢٥٤﴾ اَللّٰهُ

خرچ ڪريو جنهن ۾ نه ڪا خريد و فروخت هوندي ۽ نه ڪافرن جي لاءِ دوستي ۽ نه شفاعت هوندي(4) ۽ ڪافر ئي ظالم آهن(5)○ الله اهو آهي جنهن کان

لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ اَلْحَيُّ الْقَيُّوْمُ ۚ لَا تَاْخُذُهٗ سِنَةٌ وَّلَا نَوْمٌ ؕ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ

سواءِ ڪو معبود ناهي، (6) اهو پاڻ زنده آهي، ٻين کي قائم رکڻ وارو آهي، ان کي نه جهوٽو ايندو آهي نه ننڊ، جيڪو ڪجهه آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪو ڪجهه

مَا فِي الْاَرْضِ ؕ مَنْ ذَا الَّذِيْ يَشْفَعُ عِنْدَهٗۤ اِلَّا بِاِذْنِهٖ ؕ يَعْلَمُ مَا بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ

زمين ۾ سڀ انهيءَ جو آهي. ڪير آهي جيڪو ان وٽ ان جي اجازت کان بغير سفارش ڪري؟ اهو ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجهه انهن جي اڳيان آهي

---

**حاشيه** (1)...عربي لفظ ”الرسل“ رسول جو جمع آهي، (2)...نبوت جو اصل يعني نبي هئڻ ۾ تمام نبي سڳورا عَلَيْهِمُ السَّلَام برابر آهن البت! انهن جي مرتبن ۾ فرق آهي، ڪجهه نبي ڪجهه کان اعليٰ آهن ۽ اسان جا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڀ کان اعليٰ آهن، (3)...الله تعاليٰ جيڪو چاهيندو آهي ڪندو آهي ان جي جاگير ۾ ان جي ارادي جي خلاف ڪو به ڪجهه نه ٿو ڪري سگهي، ۽ هي ئي خدا جي شان آهي، اسان کي هي حڪم آهي ته الله تعاليٰ جي حڪم اڳيان پنهنجو ڪنڌ جهڪائي ڇڏيون ۽ جيڪو ان فرمايو آهي ان جي مطابق عمل ڪريون. (4)...قيامت جي ڏينهن اهوئي مال ڪم ايندو جنهن کي دنيا ۾ نيڪ ڪمن جي لاءِ خرچ ڪيو ويو هوندو، ۽ ائين ئي صرف نيڪ دوست ڪم ايندا، ۽ شفاعت به الله جي اجازت سان ٿيندي، ۽ اها به صرف مسلمانن جي لاءِ هوندي (5)...” ظلم“ جي معنيٰ آهي ڪنهن شيءِ کي غلط جڳهه ۾ استعمال ڪرڻ ڪافرن جو ايمان جي جڳهه ڪفر، اطاعت جي جڳهه نافرماني ۽ شڪر جي جڳهه ناشڪري کي اختيار ڪرڻ هي انهن جو ظلم آهي، ۽ چاڪاڻ ته هتي ظلم جوسڀ کان بدترين درجو مراد آهي، انهيءَ ڪري فرمايو ته ڪافرئي ظالم آهن. (6)... هيءَ آيت ”آية الڪرسي“ جي نالي سان مشهور آهي، ان ۾ ذات باري تعاليٰ جي بابت نهايت اعليٰ مسئلن جو بيان آهي، ۽ ان ۾ جيترو به غور ڪندا ويندؤ الله تعاليٰ جي عظمت ۽ ان جي باري ۾ عقيدا اوترا ئي واضح ٿيندا ويندا.

وَمَا خَلْفَهُمْ ۚ وَلَا يُحِيطُونَ بِشَيْءٍ مِّنْ عِلْمِهِۦٓ إِلَّا بِمَا شَآءَ ۚ وَسِعَ كُرْسِيُّهُ

۽ جيڪو ڪجھ انهن جي پنيان آهي ۽ ماڻهو ان جي علم مان ايترو ئي حاصل ڪري سگهن ٿا جيترو اهو چاهي، ان جي ڪرسيءَ

السَّمٰوٰتِ وَالْأَرْضَ ۚ وَلَا يَئُودُهُۥ حِفْظُهُمَا ۚ وَهُوَ الْعَلِيُّ الْعَظِيمُ ﴿٢٥٥﴾ لَآ إِكْرَاهَ

آسمان ۽ زمين کي پنهنجي وسعت ۾ سمائي رکيو آهي ۽ انهن جي حفاظت ان کي ٿڪائي نٿي سگهي ۽ اهو ئي بلند شان وارو، عظمت وارو آهيO

فِي الدِّينِ ۖ قَد تَّبَيَّنَ الرُّشْدُ مِنَ الْغَيِّ ۚ فَمَن يَكْفُرْ بِالطّٰغُوتِ وَيُؤْمِنۢ

دين ۾ ڪا زبردستي ناهي،(1) بيشڪ هدايت جي واٽ گمراهيءَ کان خوب جدا ٿي وئي آهي پوءِ جيڪو شيطان کي نہ مڃي ۽ الله تي ايمان

بِاللّٰهِ فَقَدِ اسْتَمْسَكَ بِالْعُرْوَةِ الْوُثْقٰى ۚ لَا انفِصَامَ لَهَا ۗ وَاللّٰهُ سَمِيعٌ عَلِيمٌ ﴿٢٥٦﴾

آڻي ان وڏو مضبوط سهارو ورتو جنهن سهاري کي ڪڏهن ٽٽڻو ناهي(2) ۽ الله ٻڌڻ وارو، ڄاڻڻ وارو آهيO

اللّٰهُ وَلِيُّ الَّذِينَ ءَامَنُوا يُخْرِجُهُم مِّنَ الظُّلُمٰتِ إِلَى النُّورِ ۖ وَالَّذِينَ كَفَرُوٓا

الله مسلمانن جو والي آهي انهن کي اونداهين کان نور ڏانهن ڪڍي ٿو(3) ۽ جيڪي ڪافر آهن

أَوْلِيَآؤُهُمُ الطّٰغُوتُ يُخْرِجُونَهُم مِّنَ النُّورِ إِلَى الظُّلُمٰتِ ۗ أُولٰٓئِكَ أَصْحٰبُ

انهن جا حمايتي شيطان آهن ۽ اهي انهن کي نور کان اونداهين ڏانهن ڪڍن ٿا.

النَّارِ ۖ هُمْ فِيهَا خٰلِدُونَ ﴿٢٥٧﴾ أَلَمْ تَرَ إِلَى الَّذِي حَآجَّ إِبْرٰهِيمَ فِي رَبِّهِۦٓ أَنْ ءَاتٰىهُ ع ٣٤ ٢

اهي ئي ماڻهو دوزخ وارا آهن، هي هميشہ ان ۾ رهنداO اي محبوب! ڇا اوهان ان کي نہ ڏٺو هو جنهن ابراهيم سان سندس رب جي باري ۾

اللّٰهُ الْمُلْكَ إِذْ قَالَ إِبْرٰهِيمُ رَبِّيَ الَّذِي يُحْيِۦ وَيُمِيتُ قَالَ أَنَا۠ أُحْيِۦ وَ وقف لازم

هن سبب جهڳڙو ڪيو تہ الله ان کي بادشاهي ڏني آهي، جڏهن ابراهيم فرمايو: منهنجو رب اهو آهي جيڪو زندگي ڏيندو آهي ۽

**حاشيہ** 1... ياد رهي تہ ڪنهن ڪافر کي زبردستي مسلمان بڻائڻ جائز ناهي، پر اسلام مان نڪرڻ کان مسلمانن کي زبردستي منع ڪيو ويندو ڇوتہ اسلام آڻڻ کان پوءِ ڪفر اختيار ڪرڻ اسلام جي توهين ۽ ٻين جي لاءِ بغاوت جو رستو هموار ڪرڻ آهي جنهن کي بند ڪرڻ ضروري آهي، 2... هر سرڪش ۽ گمراهہ کي ”طاغوت“ چيو ويندو آهي شيطان، ڪاهن (اڳڪٿيون ڪندڙ) جادوگر ۽ بت وغيره سڀني جي لاءِ هي لفظ استعمال ڪيو ويندو آهي، هتي آيت ۾ طاغوت کان بچڻ جو فرمايو ويو آهي ڇوتہ اسلام تي مضبوطي سان اهوئي قائم رهي سگهي ٿو جيڪو بي دينن جي صحبت، انهن جي الفت، انهن جي ڪتابن جو مطالعو ڪرڻ، انهن جون تقريرون ٻڌڻ کان دور رهي، ۽ جيڪو پنهنجي ايمان جي رسيءَ تي پاڻ ئي ڇريون هلائيندو تہ ان جي رسيءَ جو ڪٽجڻ کان بچڻ مشڪل آهي، 3... ظلمات مان ڪفر ۽ نور مان ايمان مراد آهي، ۽ ڪفر جا ڇوتہ ڪيئي قسم آهن جڏهن تہ اسلام هڪ ئي دين آهي، ان لاءِ هتي ”نور“ کي واحد ۽ ظلمات کي جمع ذڪر ڪيو ويو آهي.

أُمِيتُ ۖ قَالَ إِبْرَٰهِيمُ فَإِنَّ ٱللَّهَ يَأْتِي بِٱلشَّمْسِ مِنَ ٱلْمَشْرِقِ فَأْتِ بِهَا مِنَ ٱلْمَغْرِبِ

موت ڏيندو آهي. ان چيو: مان به زندگي ڏيندو آهيان ۽ موت ڏيندو آهيان. ابراهيم فرمايو: ته الله سج کي اوڀر کان آڻيندو آهي پوءِ تون ان کي اولهه کان آڻ.

فَبُهِتَ ٱلَّذِي كَفَرَ ۗ وَٱللَّهُ لَا يَهْدِي ٱلْقَوْمَ ٱلظَّٰلِمِينَ ﴿٢٥٨﴾ أَوْ كَٱلَّذِي مَرَّ عَلَىٰ

تنهن تي ان ڪافر جا هوش اڏامي ويا (1) ۽ الله ظالمن کي هدايت ناهي ڏيندو۝ يا (ڇا تو) ان شخص کي (نه ڏٺو) جنهن جو هڪ ڳوٺ وٽان گذر ٿيو ۽

قَرْيَةٍ وَهِيَ خَاوِيَةٌ عَلَىٰ عُرُوشِهَا قَالَ أَنَّىٰ يُحْيِي هَٰذِهِ ٱللَّهُ بَعْدَ مَوْتِهَا ۖ

اهو ڳوٺ پنهنجي ڇتن پر ڪريل هو (2) پوءِ ان شخص چيو: الله انهن کي ان جي مرڻ کان بعد ڪيئن جياريندو؟ پوءِ الله ان کي سؤ سال موت

فَأَمَاتَهُ ٱللَّهُ مِائَةَ عَامٍ ثُمَّ بَعَثَهُۥ ۖ قَالَ كَمْ لَبِثْتَ ۖ قَالَ لَبِثْتُ يَوْمًا أَوْ

جي حالت ۾ رکيو پوءِ ان کي زنده ڪيو، (پوءِ ان شخص کي فرمايائين): تون هتي ڪيترو عرصو رهيو آهين؟ ان عرض ڪيو: مان هڪ ڏينهن يا

بَعْضَ يَوْمٍ ۖ قَالَ بَل لَّبِثْتَ مِائَةَ عَامٍ فَٱنظُرْ إِلَىٰ طَعَامِكَ وَشَرَابِكَ لَمْ

هڪ ڏينهن کان به ڪجهه گهٽ وقت رهيو هوندس. الله فرمايو: نه بلڪ تون هتي سؤ سال رهيو آهين ۽ پنهنجي کاڌي ۽ پاڻيءَ کي ڏس جو اڃا تائين

يَتَسَنَّهْ ۖ وَٱنظُرْ إِلَىٰ حِمَارِكَ وَلِنَجْعَلَكَ ءَايَةً لِّلنَّاسِ ۖ وَٱنظُرْ إِلَى ٱلْعِظَامِ

بدبودار ناهي ٿيو ۽ پنهنجي گڏهه کي ڏس(جنهن جون هڏيون به سلامت ناهن رهيون) ۽ هي (سڀ) هن لاءِ (ڪيو ويو آهي) ته جيئن اسان توهان کي ماڻهن

كَيْفَ نُنشِزُهَا ثُمَّ نَكْسُوهَا لَحْمًا ۚ فَلَمَّا تَبَيَّنَ لَهُۥ قَالَ أَعْلَمُ أَنَّ ٱللَّهَ عَلَىٰ كُلِّ

جي لاءِ هڪ نشاني بڻايون ۽ انهن هڏين کي ڏس ته اسان ڪيئن انهن کي اٿاريون (زنده ڪيون) ٿا پوءِ انهن کي گوشت ڍڪايون ٿا پوءِ جڏهن اهو معاملو ان تي

شَيْءٍ قَدِيرٌ ﴿٢٥٩﴾ وَإِذْ قَالَ إِبْرَٰهِيمُ رَبِّ أَرِنِي كَيْفَ تُحْيِ ٱلْمَوْتَىٰ ۖ قَالَ أَوَلَمْ

ظاهر ٿي ويو ته ان چيئي ڏنو: مان خوب ڄاڻان ٿو ته الله هر شيءِ تي قادر آهي ۝ ۽ جڏهن ابراهيم عرض ڪيو: اي منهنجا رب! تون مون کي ڏيکار

**حاشيه** 1...هن آيت مان عقائد ۾ مناظرو ڪرڻ جو ثبوت ملي ٿو، ۽ هي نبين سڳورن عَلَيْهِمُ السَّلَام جي سنت آهي، تنهنڪري مناظرو ڪرڻ برو ناهي البت! ان ۾ تڪبر ۽ سرڪشي ۽ حق کي قبول نه ڪرڻ وارو جيڪو پهلو داخل ٿي ويو آهي، اهو برو آهي ۽ انهيءَ صورت جي عالم سڳورا مذمت بيان ڪندا آهن. 2...اڪثر مفسرن جي قول مطابق هن آيت ۾ بيان ڪيل واقعو حضرت عزير عَلَيْهِ السَّلَام جو آهي ۽ ڳوٺ مان بيت المقدس مراد آهي.

تُؤْمِنْ ؕ قَالَ بَلٰى وَلٰكِنْ لِّيَطْمَىٕنَّ قَلْبِیْ ؕ قَالَ فَخُذْ اَرْبَعَةً مِّنَ الطَّيْرِ

تہ تون مئلن کي کيئن جيارينداين؟ الله فرمايو: ڇا توکي يقين ناهي؟ ابراهيم عرض ڪيو: يقين ڇو نہ آهي پر اهو (چاهيان ٿو) تہ منهنجي دل کي قرار اچي وڃي، (1)

فَصُرْهُنَّ اِلَیْكَ ثُمَّ اجْعَلْ عَلٰى كُلِّ جَبَلٍ مِّنْهُنَّ جُزْءًا ثُمَّ ادْعُهُنَّ یَاْتِیْنَكَ سَعْیًا ؕ

الله فرمايو: پوءِ پکين مان ڪي چار پکي پڪڙ پوءِ انهن کي پاڻ سان مانوس ڪر پوءِ انهن سڀني جو هڪ هڪ ٽڪرو هر جبل تي رکي ڇڏ

وَاعْلَمْ اَنَّ اللّٰهَ عَزِیْزٌ حَكِیْمٌ ۠(۲۶۰) مَثَلُ الَّذِیْنَ یُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ فِیْ سَبِیْلِ اللّٰهِ ٣٥ ع ٣

پوءِ انهن کي سڏ ڪر تہ اهي تو وٽ ڊوڙندي هليا ايندا ۽ ڄاڻي وٺ تہ الله غالب حڪمت وارو آهي (2) ○ انهن ماڻهن جو مثال جيڪي پنهنجو مال الله جي واٽ

كَمَثَلِ حَبَّةٍ اَنْۢبَتَتْ سَبْعَ سَنَابِلَ فِیْ كُلِّ سُنْۢبُلَةٍ مِّائَةُ حَبَّةٍ ؕ وَاللّٰهُ یُضٰعِفُ

۾ خرچ ڪندا آهن (3) ان داڻي وانگر آهي جنهن ست سنگ ڄمايا، هر سنگ ۾ سؤ داڻا آهن ۽ الله ان کان بہ وڌيڪ وڌائي جنهن جي لاءِ چاهي ۽

لِمَنْ یَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِیْمٌ (۲۶۱) اَلَّذِیْنَ یُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ فِیْ سَبِیْلِ اللّٰهِ

الله وسعت وارو، علم وارو آهي (4) ○ اهي ماڻهو جيڪي پنهنجو مال الله جي واٽ ۾ خرچ ڪندا آهن پوءِ پنهنجي خرچ ڪرڻ کان بعد نہ

ثُمَّ لَا یُتْبِعُوْنَ مَاۤ اَنْفَقُوْا مَنًّا وَّلَاۤ اَذًى ۙ لَّهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ وَلَا خَوْفٌ

احسان جتائيندا آهن ۽ نہ تڪليف ڏيندا آهن (5) انهن جو انعام انهن جي رب وٽ آهي ۽ انهن تي نہ ڪو خوف هوندو

عَلَیْهِمْ وَلَا هُمْ یَحْزَنُوْنَ (۲۶۲) قَوْلٌ مَّعْرُوْفٌ وَّمَغْفِرَةٌ خَیْرٌ مِّنْ صَدَقَةٍ یَّتْبَعُهَاۤ

۽ نہ اهي غمگين ٿيندا ○ چڱي ڳالهہ چوڻ ۽ معاف ڪرڻ ان خيرات کان بهتر آهي جنهن کان بعد ستائڻ

اَذًى ؕ وَاللّٰهُ غَنِیٌّ حَلِیْمٌ (۲۶۳) یٰۤاَیُّهَا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا لَا تُبْطِلُوْا صَدَقٰتِكُمْ بِالْمَنِّ

هجي ۽ الله بي پرواهہ، بردبار آهي ○ اي ايمان وارؤ! احسان جتائي ۽ تڪليف پهچائي پنهنجا صدقا برباد نہ ڪيو (6) ان شخص وانگر

---

**حاشيہ** (1)...هن آيت ۾ مُردن کي زندهہ ڪرڻ جي باري ۾ الله تعاليٰ جي عظيم قدرت تي دلالت ڪرڻ وارو هڪ ٻيو واقعو بيان ڪيو پيو وڃي، هن جي تفصيل ڄاڻڻ لاءِ تفسير صراط الجنان جي جلد 1 صفحو 393 جو مطالعو فرمايو. (2)...هن آيت مان معلوم ٿيو تہ الله تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ انبيائن ۽ رسولن عَلَيْهِمُ السَّلَام جو تمام وڏو مرتبو آهي، تہ الله تعاليٰ انهن جي خواهشن کي پورو فرمائيندو آهي، انهن جي دعائن کي قبول فرمائيندو آهي، ايستائين جو انهن جي دعائن سان مردن کي بہ زندهہ فرمائيندو آهي. (3)...هن آيت ۾ واجب يا نفل جي قيد کانسواءِ خرچ ڪرڻ جو فرمايو ويو آهي ايئن ئي نيڪين جي تمام صورتن ۾ خرچ ڪرڻ خدا جي واٽ ۾ خرچ ڪرڻ آهي، جيئن ڪنهن عالم يا طالبِ علم جي مدد ڪرڻ، غريب کي ڪاڏو ڪارائڻ، ڪپڙا، دوائون يا راشن وغيره ڏيارڻ آهي. (4)...ياد رهي تہ نيڪ عمل تہ هڪجهڙا هوندا آهن ليڪن اخلاص، حسن نيت ۽ نسبت وغيره ۾ فرق جي ڪري ڪڏهن ڪڏهن ثواب ۾ وڏو فرق اچي ويندو آهي. (5)...صدقو ڏيڻ کان پوءِ احسان جتائڻ ۽ جنهن کي صدقو ڏنو وڃي ان کي تڪليف ڏيڻ ناجائز ۽ ممنوع آهي. احسان جتائڻ هي آهي تہ ڏيڻ کان پوءِ ٻين جي سامهون اظهار ڪري تہ مون توسان اهڙو اهڙو سلوڪ ڪيو ايئن ئي ان جو دل ڏکائڻ ۽ تڪليف ڏيڻ هي آهي تہ عار ڏياري تہ تون نادارهُئين، مفلس هُئين، مجبور هُئين، نڪمو هئين اسان توکي سنڀاليو يا ڪنهن ٻي طرح سان ان تي دٻاءُ وجهي. (6)...جيڪڏهن سواليءَ کي ڪجهہ نہ ڏنو وڃي تہ ان سان سهڻي انداز سان گفتگو ڪئي وڃي، تہ جيڪا ان کي ناپسنديده نہ لڳي، ۽ جيڪڏهن اهو بار بار سوال ڪري يا زبان درازي ڪري تڏهن بہ درگذر ڪيو وڃي، سواليءَ کي ڪجهہ نہ ڏيڻ جي صورت ۾ ان سان چڱي گفتگو ڪرڻ ۽ ان جي زيادتي کي معاف ڪري ڇڏڻ ان صدقي کان بهتر آهي جنهن جي ڏيڻ کان پوءِ ان کي شرمندو ڪيو وڃي يا احسان جتايو وڃي يا ڪنهن ٻي طريقي سان ان کي تڪليف پهچائي وڃي.

وَالْاَذٰی ۙ كَالَّذِیْ یُنْفِقُ مَالَهٗ رِئَآءَ النَّاسِ وَلَا یُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْیَوْمِ

جيڪو پنهنجو مال ماڻهن جي ڏيکاءَ لاءِ خرچ ڪندو آهي ۽ الله ۽ قيامت تي ايمان ناهي آڻيندو ته ان جو

الْاٰخِرِ ؕ فَمَثَلُهٗ كَمَثَلِ صَفْوَانٍ عَلَیْهِ تُرَابٌ فَاَصَابَهٗ وَابِلٌ فَتَرَكَهٗ صَلْدًا ؕ

مثال اهڙو آهي جيئن هڪ لسو پٿر هجي جنهن تي مٽي آهي پوءِ ان تي سخت بارش پئي جنهن ان کي صاف پٿر ڪري ڇڏيو، اهڙا ماڻهو

لَا یَقْدِرُوْنَ عَلٰی شَیْءٍ مِّمَّا كَسَبُوْا ؕ وَاللّٰهُ لَا یَهْدِی الْقَوْمَ الْكٰفِرِیْنَ ﴿٢٦٤﴾

پنهنجي ڪمايل عملن سان ڪنهن به شيءِ تي قدرت نه ماڻيندا (1) ۽ الله ڪافرن کي هدايت ناهي ڏيندو ○

وَمَثَلُ الَّذِیْنَ یُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمُ ابْتِغَآءَ مَرْضَاتِ اللّٰهِ وَتَثْبِیْتًا مِّنْ اَنْفُسِهِمْ

۽ جيڪي ماڻهو پنهنجو مال الله جي رضا مندي چاهڻ جي لاءِ ۽ پنهنجي دلين کي ثابت قدم رکڻ جي لاءِ خرچ ڪندا آهن انهن جو مثال ان باغ وانگر آهي

كَمَثَلِ جَنَّةٍۭ بِرَبْوَةٍ اَصَابَهَا وَابِلٌ فَاٰتَتْ اُكُلَهَا ضِعْفَیْنِ ۚ فَاِنْ لَّمْ یُصِبْهَا

جيڪو ڪنهن مٿاهينءَ زمين تي هجي ان تي سخت بارش پئي ته ان باغ ٻيڻو ميوو آندو پوءِ جيڪڏهن سخت بارش نه پئي ته هلڪي

وَابِلٌ فَطَلٌّ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِیْرٌ ﴿٢٦٥﴾ اَیَوَدُّ اَحَدُكُمْ اَنْ تَكُوْنَ لَهٗ جَنَّةٌ

ڦوهار ئي ڪافي آهي ۽ الله توهان جا ڪم ڏسي رهيو آهي (2)○ ڇا توهان مان ڪو اِهو پسند ڪندو ته ان وٽ کجين ۽ انگورن جو هڪ باغ

مِّنْ نَّخِیْلٍ وَّاَعْنَابٍ تَجْرِیْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۙ لَهٗ فِیْهَا مِنْ كُلِّ الثَّمَرٰتِ ۙ وَ

هجي جنهن جي هيٺان نديون وهنديون هجن، ان جي لاءِ اُن ۾ هر قسم جا ميوا هجن ۽ ان کي پوڙهاپ اچي وڃي ۽ حال هي هجي ته ان جا ڪمزور

اَصَابَهُ الْكِبَرُ وَلَهٗ ذُرِّیَّةٌ ضُعَفَآءُ ۖ فَاَصَابَهَاۤ اِعْصَارٌ فِیْهِ نَارٌ فَاحْتَرَقَتْ ؕ

۽ هيٺا ٻار هجن پوءِ ان تي هڪ واچوڙو اچي جنهن ۾ باهه هجي پوءِ سمورو باغ سڙي وڃي. الله توهان سان

حاشيه 1...ظاهري ۽ لڪائي ٻنهي طرح سان صدقو ڪرڻ جي اجازت آهي، پر قلبي حالت تي نظر رکڻ ضروري آهي. افسوس! اسان وٽ رياڪاري،احسان جتائڻ ۽ ايذا ڏيڻ ٽنهي بدعملن جي ڀرمار آهي پيسا خرچ ڪري پنهنجي نالي ته بينر لڳرائڻ يا پنهنجي تصوير يا خبر ڇپرائڻ عام معمول آهي، ايئن ئي جيڪڏهن خاندان ۾ ڪو ڪنهن جي مدد ڪندو آهي ته اهو سڄي زندگي ان کي دٻائي رکندو آهي، ۽ جڏهن دل گهُرِيس سڀني ماڻهن جي سامهون ان کي رسوا ڪندو آهي، هي عمل انتهائي برو آهي. 2...هن آيت ۾ انهن ماڻهن جو مثال بيان ڪيو ويو آهي، جيڪي خالص رضاءِ الاهي جي حصول ۽ پنهنجي دلين کي ايمان تي قائم رکڻ لاءِ اخلاص سان عمل ڪندا آهن جهڙي طرح بلند علائقي جي بهترين زمين جو باغ هرحال ۾ خوب ميوا ڏيندو آهي توڙي بارش گهٽ هجي يا وڌيڪ ايئن ئي مخلص مؤمن جو صدقو گهٽ هجي يا وڌيڪ الله تعاليٰ انکي وڌائيندو آهي، الله تعاليٰ جي بارگاهه ۾ دل جي ڪيفيت ڏٺي ويندي آهي نه وري فقط مال جي مقدار.

ع ٣٦

كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمُ الْاٰيٰتِ لَعَلَّكُمْ تَتَفَكَّرُوْنَ ﴿٢٦٦﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا

اهڙي طرح پنهنجون آيتون کولي ڪري بيان ڪري ٿو ته جيئن توهان غور ۽ فڪر ڪيو○(1) اي ايمان وارؤ! پنهنجي پاڪ ڪمائين

اَنْفِقُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا كَسَبْتُمْ وَمِمَّآ اَخْرَجْنَا لَكُمْ مِّنَ الْاَرْضِ ۪ وَلَا تَيَمَّمُوا

مان ۽ ان مان جيڪو اسان توهان جي لاءِ زمين مان ڪڍيو آهي (الله جي واٽ ۾) ڪجهه خرچ ڪيو ۽ خرچ ڪندي خاص ناقص مال (ڏيڻ)

الْخَبِيْثَ مِنْهُ تُنْفِقُوْنَ وَلَسْتُمْ بِاٰخِذِيْهِ اِلَّآ اَنْ تُغْمِضُوْا فِيْهِ ؕ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ

جو ارادو نه ڪيو حالانڪ (جيڪڏهن اهو ئي توهان کي ڏنو وڃي ته) توهان ان کي چشم پوشي ڪندي بغير قبول نه ڪندؤ(2) ۽ ڄاڻ رکو ته الله

اللّٰهَ غَنِيٌّ حَمِيْدٌ ﴿٢٦٧﴾ اَلشَّيْطٰنُ يَعِدُكُمُ الْفَقْرَ وَيَاْمُرُكُمْ بِالْفَحْشَآءِ ۚ وَاللّٰهُ

بي پرواهه، حمد جي لائق آهي○ شيطان توهان کي محتاجي جو انديشو ڏياري ٿو ۽ بي حيائي جو حڪم ڏيئي ٿو(3) ۽ الله توهان سان

يَعِدُكُمْ مَّغْفِرَةً مِّنْهُ وَفَضْلًا ؕ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢٦٨﴾ ۖ يُّؤْتِي الْحِكْمَةَ مَنْ

پنهنجي طرفان بخشش ۽ فضل جو واعدو فرمائي ٿو ۽ الله وسعت وارو، علم وارو آهي○ الله جنهن کي چاهيندو آهي حڪمت ڏيندو آهي

يَّشَآءُ ۚ وَمَنْ يُّؤْتَ الْحِكْمَةَ فَقَدْ اُوْتِيَ خَيْرًا كَثِيْرًا ؕ وَمَا يَذَّكَّرُ اِلَّآ اُولُوا

۽ جنهن کي حڪمت ڏني وڃي ته بيشڪ ان کي تمام گهڻي ڀلائي ملي وئي ۽ عقل وارا ئي نصيحت مڃيندا

الْاَلْبَابِ ﴿٢٦٩﴾ وَمَآ اَنْفَقْتُمْ مِّنْ نَّفَقَةٍ اَوْ نَذَرْتُمْ مِّنْ نَّذْرٍ فَاِنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُهٗ ؕ وَمَا

آهن○ ۽ توهان جيڪو خرچ ڪيو يا ڪا باس باسيو الله ان کي ڄاڻي ٿو ۽ ظالمن جو ڪو مددگار ناهي○ ۽ جيڪڏهن

لِلظّٰلِمِيْنَ مِنْ اَنْصَارٍ ﴿٢٧٠﴾ اِنْ تُبْدُوا الصَّدَقٰتِ فَنِعِمَّا هِيَ ۚ وَاِنْ تُخْفُوْهَا وَتُؤْتُوْهَا

توهان خيرات ظاهر ڪري ڏيندؤ ته اها ڪهڙي نه چڱي ڳالهه آهي ۽ جيڪڏهن توهان لڪائي فقيرن کي ڏيو

حاشيه 1...الله اڪبر ڪيتري قدر دل جهوريندڙ مثال آهي اي ڪاش! جو اسان سمجهي وڃون ۽ پنهنجي تمام عملن، نماز ذڪر ۽ درود، تلاوت ۽ نعت خواني، حج ۽ عمره، زڪوات ۽ صدقات وغيره کي رياڪاريءَ جي تباهه ڪاري کان بچايون ۽ پنهنجي عملن جو محاسبو ڪرڻ شروع ڪري ڏيون. 2...ڪيترائي ماڻهو پاڻ ته سنو مال استعمال ڪندا آهن پر جڏهن راهه خدا ۾ ڏيڻو هوندو آهي ته ناقابل استعمال ۽ گهٽيا قسم جو مال ڏيندا آهن. انهن جي لاءِ هن آيت ۾ عبرت آهي. جيڪڏهن ڪا شيءِ بذات خود سني آهي پر انسان کي پاڻ پسند ناهي ته ان کي ڏيڻ ۾ حرج ناهي، حرج ته تڏهن آهي جڏهن ڪا چيز سني نه هئڻ ڪري ناپسند هجي. 3...شيطان طرح طرح جا وسوسا ڏياريندو آهي جيڪڏهن تون خرچ ڪندين، صدقو ڏيندين ته تون فقير ۽ نادار ٿي ويندين، تنهنڪري خرچ نه ڪريو. هيءَ شيطان جي وڏي چال آهي جيڪو الله جي واٽ ۾ خرچ ڪرڻ وقت اهڙي طرح جا وسوسا ڏياريندو آهي حالانڪ جن ماڻهن جي دلين ۾ هي وسوسو وڌو ويندو آهي اهي ئي ماڻهو شادين مرادين ۾ جائز ۽ ناجائز رسمن تي ۽ عام زندگيءَ ۾ به بي انتها خرچ ڪندا رهندا آهن.

الْفُقَرَآءَ فَهُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ۭ وَيُكَفِّرُ عَنْكُمْ مِّنْ سَيِّاٰتِكُمْ ۭ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ

تہ اهو توهان جي لاءِ سڀ کان بهتر آهي (1) ۽ الله توهان کان توهان جون ڪجهه برايون مٽائي ڇڏيندو ۽ الله توهان جي ڪمن

خَبِيْرٌ ۝٢٧١ لَيْسَ عَلَيْكَ هُدٰىهُمْ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يَهْدِيْ مَنْ يَّشَاۗءُ ۭ وَمَا تُنْفِقُوْا

کان خبردار آهي ○ ماڻهن کي هدايت ڏيئي ڇڏڻ اوهان تي لازم ناهي، (2) هائو الله جنهن کي چاهيندو آهي هدايت ڏيئي ڇڏيندو آهي ۽ توهان جيڪا چڱي

مِنْ خَيْرٍ فَلِاَنْفُسِكُمْ ۭ وَمَا تُنْفِقُوْنَ اِلَّا ابْتِغَاۗءَ وَجْهِ اللّٰهِ ۭ وَمَا تُنْفِقُوْا مِنْ

شيءِ خرچ ڪيو تہ اها توهان جي لاءِ ئي فائدي مند آهي ۽ توهان الله جي رضا چاهڻ جي لاءِ ئي خرچ ڪيو ۽ جيڪو مال توهان خرچ ڪندؤ اهو

خَيْرٍ يُّوَفَّ اِلَيْكُمْ وَاَنْتُمْ لَا تُظْلَمُوْنَ ۝٢٧٢ لِلْفُقَرَاۗءِ الَّذِيْنَ اُحْصِرُوْا فِيْ

توهان کي پورو پورو ڏنو ويندو ۽ توهان تي ڪا زيادتي نہ ڪئي ويندي ○ انهن فقيرن جي لاءِ جن کي الله جي رستي ۾ روڪيو ويو،

سَبِيْلِ اللّٰهِ لَا يَسْتَطِيْعُوْنَ ضَرْبًا فِي الْاَرْضِ ۡ يَحْسَبُهُمُ الْجَاهِلُ اَغْنِيَاۗءَ مِنَ

اهي زمين ۾ هلي ڦري نہ ٿا سگهن. ناواقف انهن کي سوال ڪرڻ کان بچڻ جي سبب مالدار سمجهن ٿا (3) تون انهن کي انهن جي

التَّعَفُّفِ ۚ تَعْرِفُهُمْ بِسِيْمٰهُمْ ۚ لَا يَسْـَٔـلُوْنَ النَّاسَ اِلْحَافًا ۭ وَمَا تُنْفِقُوْا مِنْ خَيْرٍ

علامت مان سڃاڻي وٺندين (4) اهي ماڻهن کان منٿ ڪري سوال نہ ٿا ڪن ۽ توهان جيڪا خيرات ڪيو ان

ع ٣٧ ٥ فَاِنَّ اللّٰهَ بِهٖ عَلِيْمٌ ۝٢٧٣ ع اَلَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ بِالَّيْلِ وَالنَّهَارِ سِرًّا وَّ

کي الله ڄاڻي ٿو ○ اهي ماڻهو جيڪي رات ۾ ۽ ڏينهن ۾، لڪائي ۽ ظاهر پنهنجا مال خيرات ڪن ٿا

عَلَانِيَةً فَلَهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ

انهن جي لاءِ انهن جو اجر انهن جي رب وٽ آهي. انهن تي نہ ڪو خوف هوندو ۽ نہ اهي

**حاشيه** 1... اڪثر عملن ۾ اهو ئي قاعدو آهي تہ اهي خفيہ ۽ اعلانيہ ٻنهي طرح سان جائز آهن، پر رياڪاري جي لاءِ اعلانيہ عمل ڪرڻ حرام آهي، ۽ ٻين جي ترغيب جي لاءِ ڪرڻ ثواب آهي، ڪيترائي مشائخ ۽ علماء اعلانيہ انڪري ڪندا آهن تہ انهن جي مريدن ۽ چاهيندڙن کي ترغيب ملي. 2... حضور پرنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بشير ۽ نذير ۽ داعي يعني دعوت ڏيڻ وارا بڻائي موڪليا ويا آهن. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرض دعوت ڏيڻ سان پورو ٿي وڃي ٿو ان کان وڌيڪ حضور تي جدوجهد لازم ناهي. 3... هيءَ آيت اصحابِ صفہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُم جي باري ۾ نازل ٿي انهن جو تعداد چار سؤ جي لڳ ڀڳ هو، اهي هجرت ڪري مديني پاڪ ۾ حاضر ٿيندا هئا، هتي نہ انهن جو ڪو گهر نہ خاندان ۽ نہ قبيلو هو ۽ نہ وري انهن شادي ڪئي هئي، اهي هر وقت عبادت ۾ گذاريندا هئا، رات جو قرآنِ ڪريم سکڻ ۽ ڏينهن جو جهاد جي ڪم ۾ لڳل هوندا هئا، انهن جو صبح ۽ شام اهو ئي معمول هو. 4... انهن حضراتن جي صف ۾ اهي دين جا عالم ۽ طالبَ ۽ مبلغَ ۽ خادم بہ داخل آهن جيڪي ديني ڪمن ۾ مشغول هئڻ ڪري انهن کي ڪمائڻ جي لاءِ واندڪائي نہ ملندي هئي، اهي ماڻهو پنهنجي عزت ۽ وقار ۽ مروت جي سبب ڪنهن کان سوال بہ نہ ڪندا هئا، ۽ پنهنجي فقر کي بہ لڪائيندا آهن جنهن ڪري ماڻهو سمجهندا آهن تہ انهن جو گذارو تمام سنو ٿي رهيو آهي، پر حقيقت ان جي برعڪس هوندي آهي جو تحقيق ڪرڻ سان انهن جي زندگين جو حال مشقت سان ڀرپور هئڻ ۽ ٻين ڪيترن ئي علامتن ۽ قرينن سان معلوم ٿي ويندو.

يَحْزَنُوْنَ ﴿٢٧٤﴾ اَلَّذِيْنَ يَاْكُلُوْنَ الرِّبٰوا لَا يَقُوْمُوْنَ اِلَّا كَمَا يَقُوْمُ الَّذِيْ وقف منزل

غمگين هوندا○ جيڪي ماڻهو وياج کائن ٿا اهي قيامت جي ڏينهن نہ بيهندا پر ان شخص جي بيهڻ وانگر جنهن کي آسيب (جن)

يَتَخَبَّطُهُ الشَّيْطٰنُ مِنَ الْمَسِّ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَالُوْۤا اِنَّمَا الْبَيْعُ مِثْلُ الرِّبٰوا ۘ وَ وقف لازم

ڇُهي چريو ڪري ڇڏيو هجي. هي سزا ان ڪري آهي جو انهن چيو: خريد و فروخت بہ تہ وياج ئي وانگر آهي حالانڪ الله خريد و

اَحَلَّ اللّٰهُ الْبَيْعَ وَ حَرَّمَ الرِّبٰوا ؕ فَمَنْ جَآءَهٗ مَوْعِظَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ فَانْتَهٰى فَلَهٗ

فروخت کي حلال ڪيو ۽ وياج کي حرام ڪيو پوءِ جنهن وٽ ان جي رب جي طرف کان نصيحت آئي پوءِ اهو مڙي ويو تہ ان جي لاءِ حلال آهي

مَا سَلَفَ ؕ وَ اَمْرُهٗۤ اِلَى اللّٰهِ ؕ وَ مَنْ عَادَ فَاُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا

اهو جيڪو پهريان گذري چڪو ۽ ان جو معاملو الله جي حوالي آهي ۽ جيڪي ٻيهر اهڙي حرڪت ڪندا تہ اهي دوزخي آهن، اهي ان ۾ گهڻو

خٰلِدُوْنَ ﴿٢٧٥﴾ يَمْحَقُ اللّٰهُ الرِّبٰوا وَ يُرْبِي الصَّدَقٰتِ ؕ وَ اللّٰهُ لَا يُحِبُّ كُلَّ كَفَّارٍ

عرصو رهندا (1)○ الله وياج کي مٽائيندو آهي ۽ صدقن کي وڌائيندو آهي ۽ الله ڪنهن ناشڪري، وڏي گنهگار کي پسند ناهي ڪندو○

اَثِيْمٍ ﴿٢٧٦﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَ اَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَ اٰتَوُا

بيشڪ اهي ماڻهو جن ايمان آندو ۽ انهن چڱا ڪم ڪيا ۽ نماز قائم ڪئي ۽ زڪوٰة ڏني

الزَّكٰوةَ لَهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ وَ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَ لَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٢٧٧﴾

انهن جي لاءِ انهن جو اجر سندن رب وٽ آهي ۽ انهن تي نہ ڪو خوف هوندو ۽ نہ اهي غمگين هوندا○

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ ذَرُوْا مَا بَقِيَ مِنَ الرِّبٰوۤا اِنْ كُنْتُمْ

اي ايمان وارؤ! جيڪڏهن توهان ايمان وارا آهيو تہ الله کان ڊڄو ۽ جيڪو وياج باقي رهجي ويو آهي ان کي ڇڏي ڏيو○

---

حاشيہ 1... وياج کي حلال سمجهي ڪري کائڻ وارو ڪافر آهي، ڇوجو وياج قطعي حرام آهي، ڪنهن بہ حرام قطعي کي حلال ڄاڻڻ وارو ڪافر آهي، ۽ اهڙو شخص هميشہ جهنم ۾ رهندو، ۽ جيڪو وياج کي حرام سمجهي ڪري کائي تہ اهو سخت گناهگار ۽ وڏي عرصي تائين جهنم ۾ رهندو.

مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٢٧٨﴾ فَاِنْ لَّمْ تَفْعَلُوْا فَاْذَنُوْا بِحَرْبٍ مِّنَ اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ ۚ وَاِنْ تُبْتُمْ

پوءِ جيڪڏهن توهان ائين نه ڪندؤ ته الله ۽ الله جي رسول جي طرف کان لڙائي جو يقين ڪري ڇڏيو ۽ جيڪڏهن توهان توبهه ڪئي پوءِ توهان جي

فَلَكُمْ رُءُوْسُ اَمْوَالِكُمْ ۚ لَا تَظْلِمُوْنَ وَلَا تُظْلَمُوْنَ ﴿٢٧٩﴾ وَاِنْ كَانَ ذُوْ عُسْرَةٍ

لاءِ پنهنجو اصل مال وٺڻ جائز آهي (1) نه توهان ڪنهن کي نقصان پهچايو ۽ نه توهان کي نقصان ٿئي(2)○ ۽ جيڪڏهن قرضدار تنگدست هجي

فَنَظِرَةٌ اِلٰى مَيْسَرَةٍ ؕ وَاَنْ تَصَدَّقُوْا خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٢٨٠﴾ وَ

ته ان کي آساني تائين مهلت ڏيو ۽ توهان جو قرض کي صدقو ڪرڻ توهان جي لاءِ سڀ کان بهتر آهي جيڪڏهن توهان ڄاڻو (3)○ ۽

اتَّقُوْا يَوْمًا تُرْجَعُوْنَ فِيْهِ اِلَى اللّٰهِ ۗ ثُمَّ تُوَفّٰى كُلُّ نَفْسٍ مَّا كَسَبَتْ وَهُمْ

ان ڏينهن کان ڊڄو جنهن ۾ توهان الله جي طرف موٽايا ويندؤ پوءِ هر ساهه کي ان جي ڪمائي پرپور ڏني ويندي ۽ انهن تي ظلم نه ٿيندو○

٣٨ ع٤ ٦ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿٢٨١﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِذَا تَدَايَنْتُمْ بِدَيْنٍ اِلٰۤى اَجَلٍ مُّسَمًّى

اي ايمان وارؤ! جڏهن توهان هڪ مقرر مدت تائين ڪنهن قرض جي ڏيتي ليتي ڪيو ته ان کي لکي ونندا ڪيو

فَاكْتُبُوْهُ ؕ وَلْيَكْتُبْ بَّيْنَكُمْ كَاتِبٌۢ بِالْعَدْلِ ۪ وَلَا يَاْبَ كَاتِبٌ اَنْ يَّكْتُبَ كَمَا

۽ توهان جي وچ ۾ ڪنهن لکڻ واري کي انصاف سان (معاهدو) لکڻ گهرجي ۽ لکڻ وارو لکڻ کان انڪار نه ڪري جيئن جو ان کي الله

عَلَّمَهُ اللّٰهُ فَلْيَكْتُبْ ۚ وَلْيُمْلِلِ الَّذِيْ عَلَيْهِ الْحَقُّ وَلْيَتَّقِ اللّٰهَ رَبَّهٗ وَ

سيکاريو آهي ته ان کي لکي ڏيڻ گهرجي ۽ جنهن شخص تي حق لازم اچي ٿو اهو لکرائيندو وڃي ۽ الله کان ڊڄي جيڪو ان جو رب آهي ۽

لَا يَبْخَسْ مِنْهُ شَيْـًٔا ؕ فَاِنْ كَانَ الَّذِيْ عَلَيْهِ الْحَقُّ سَفِيْهًا اَوْ ضَعِيْفًا اَوْ

ان حق ۾ کا ڪمي نه ڪري(4) پوءِ جنهن تي حق اچي ٿو جيڪڏهن اهو بي عقل يا ڪمزور هجي يا

حاشيه 1...هيءَ ڏاڍي سخت وعيد آهي، ڪنهن جي مجال جو الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان لڙائي جو تصور به ڪري، جيئن ته هي آيت نازل ٿي جن اصحابن جو وياجي معاملو هو انهن پنهنجا وياجي مطالبا ڇڏي ڏنا ۽ وياج وٺڻ کان توبهه ڪيائون. پر اڄڪلهه جي نالي وارن مسلمان دانشورن جو حال هي آهي جو اهي توبهه ڪرڻ بدران اڳتي وڌي خود الله تعالي سان اعلانِ جنگ ڪري رهيا آهن، ۽ وياج جي اهميت ۽ ضرورت تي ڪتاب ۽ ڪالم ۽ مضمون لکي رهيا آهن. 2...هي آيت توڙي جو وياج جي حوالي سان آهي پر عام زندگي ۾ به شريعت ۽ عقل جو تقاضو اهو آهي ته نه ظلم ڪيو وڃي نه ظلم برداش ڪيو وڃي، يعني ظلم کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي، ڇاڪاڻ ته ڪڏهن ڪڏهن ظلم برداش ڪرڻ ظالم کي ان ظلم تي دلير ڪرڻ آهي، ها جتي معافي جي صورت بڻجندي هجي اتي ان کي اختيار ڪيو وڃي. 3...معلوم ٿيو ته جيڪڏهن قرضدار تنگ دست يا نادارهجي ته ان کي مهلت ڏني وڃي، قرض جو ڪجهه حصو يا پورو قرض معاف ڪرڻ اجرِعظيم جو سبب آهي. 4...جڏهن اوڌر جو ڪو معاملو هجي ته چاهي قرض جو ڏيڻ وٺڻ هجي يا خريد ۽ فروخت، رقم پهريان ڏني هجي ۽ مال بعد ۾ وٺڻو آهي يا مال اوڌر تي ڏنو هجي،يا رقم بعد ۾ وصول ڪرڻي هجي، ائين ئي دڪان يا گهر ڪرائي تي ونندي ايڊوانس يا ڪرائي جو معاملو هجي، اهڙي طرح جي تمام صورتن ۾ معاهدو لکڻ گهرجي هي حڪم واجب ناهي پر هن تي عمل ڪرڻ ڪيترين ئي تڪليفن کان بچائيندو آهي، جڏهن ته اسان جي دور ۾ ته هن حڪم تي عمل ڪرڻ اهم ٿي چڪو آهي

لَا يَسْتَطِيْعُ اَنْ يُّمِلَّ هُوَ فَلْيُمْلِلْ وَلِيُّهٗ بِالْعَدْلِ ؕ وَاسْتَشْهِدُوْا شَهِيْدَيْنِ مِنْ

لکرائي نہ سگھندو هجي تہ ان جو وارث انصاف سان لکرائي(1) ۽ پنهنجي مردن مان ٻہ گواھ ٻڌايو

رِّجَالِكُمْ ۚ فَاِنْ لَّمْ يَكُوْنَا رَجُلَيْنِ فَرَجُلٌ وَّامْرَاَتٰنِ مِمَّنْ تَرْضَوْنَ مِنَ

پوءِ جيڪڏهن ٻہ مرد نہ هجن تہ هڪ مرد ۽ ٻہ عورتون انهن گواهن مان (چونڊيو) جن کي توهان پسند ڪيو تہ جيئن

الشُّهَدَآءِ اَنْ تَضِلَّ اِحْدٰىهُمَا فَتُذَكِّرَ اِحْدٰىهُمَا الْاُخْرٰى ؕ وَلَا يَاْبَ

(جيڪڏهن) انهن مان هڪ عورت وساري تہ ٻي ان کي ياد ڏياري،(2) ۽ جڏهن گواهن کي گهرايو وڃي تہ اهي اچڻ کان انڪار نہ ڪن ۽

الشُّهَدَآءُ اِذَا مَا دُعُوْا ؕ وَلَا تَسْـَٔمُوْۤا اَنْ تَكْتُبُوْهُ صَغِيْرًا اَوْ كَبِيْرًا اِلٰۤى

قرض ننڍو هجي يا وڏو ان کي ان جي مدت تائين لکڻ ۾ نہ شرمايو. هي الله وٽ وڌيڪ انصاف جي ڳالھ آهي ۽ هن ۾ شاهدي خوب نيڪ رهندي

اَجَلِهٖ ؕ ذٰلِكُمْ اَقْسَطُ عِنْدَ اللّٰهِ وَاَقْوَمُ لِلشَّهَادَةِ وَاَدْنٰۤى اَلَّا تَرْتَابُوْۤا اِلَّاۤ اَنْ

۽ هي هن جي ويجهو آهي جو توهان(بعد ۾) شڪ ۾ نہ پئو (هر معاهدو لکندا ڪيو)(3) پر هي تہ ڪو هٿو هٿ

تَكُوْنَ تِجَارَةً حَاضِرَةً تُدِيْرُوْنَهَا بَيْنَكُمْ فَلَيْسَ عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ اَلَّا

سودو ٿئي جنهن جي توهان پاڻ ۾ ڏيتي ليتي ڪيو پوءِ ان جي نہ لکڻ ۾ توهان تي ڪو حرج ناهي ۽ جڏهن خريد و فروخت ڪيو

تَكْتُبُوْهَا ؕ وَاَشْهِدُوْۤا اِذَا تَبَايَعْتُمْ ۪ وَلَا يُضَآرَّ كَاتِبٌ وَّلَا شَهِيْدٌ ؕ۬ وَاِنْ

تہ گواھ ٺهرائيندا ڪيو ۽ نہ ڪنهن لکڻ واري کي ڪو نقصان پهچايو وڃي ۽ نہ گواھ کي(يا نہ لکڻ وارو ڪو نقصان پهچائي ۽ نہ گواھ)

تَفْعَلُوْا فَاِنَّهٗ فُسُوْقٌۢ بِكُمْ ؕ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ وَيُعَلِّمُكُمُ اللّٰهُ ؕ وَاللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ

۽ جيڪڏهن توهان ايئن ڪندؤ تہ هي توهان جي نافرماني هوندي ۽ الله کان ڊڄو ۽ الله توهان کي سيکاري ٿو(4) ۽ الله سڀ ڪجھ ڄاڻي ٿو ○

حاشيہ: (1)...جيڪڏهن ڪنهن کي پاڻ لکڻ نٿو اچي جيئن ڪو ٻار آهي يا انتهائي پوڙهو آهي يا نابينہ آهي تہ اهو ٻي کان لکرائي وٺي، ۽ جنهن کي لکرائڻ جو چيو وڃي ان کي لکڻ کان انڪار نہ ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ هي لکڻ ماڻهن جي مدد ڪرڻ آهي، ۽ لکڻ واري جو ان ۾ ڪو نقصان بہ ناهي تہ پوءِ مفت جو ثواب چو ڇڏيون. (2)...ڏيڻ وٺڻ جو معاهدو لکڻ کان پوءِ ان تي گواھ ٺاهڻ گهرجن تہ جيئن بوقت ضرورت ڪم اچي سگهن، گواھ ٻہ مسلمان مرد يا هڪ مسلمان مرد ۽ ٻہ مسلمان عورتون هئڻ گهرجن. (3)...قرض جا معاملا لکڻ ۾ سستي نہ ڪرڻ گهرجي بلڪ قرض ننڍو هجي يا وڏو ان جي مقدار، نوعيت، مدت تائين لکڻ گهرجي ان جو هڪ فائدو اهو آهي تہ هي الله تبارڪ وتعالي وٽ وڌي انصاف جي ڳالھ آهي جنهن سان ٻانهن جا حق محفوظ ٿيندا آهن، ٻيو فائدو اهو آهي تہ ان سان گواهي نيڪ ۽ آسان رهندي، ٽيون فائدو هي آهي تہ معاملو صاف رهندو ۽ هڪٻئي جي دل ۾ نفرت نہ رهندي. (4)...عربي اعتبار سان لفظ" يضآرّ" کي معروف ۽ مجهول ٻنهي معنائن ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو، مجهول جي اعتبار سان ان جي معنيٰ ٿيندي تہ ڪاتبن ۽ گواهن کي نقصان نہ پهچايو وڃي. معروف پڙهڻ جي صورت ۾ معنيٰ هي ٿيندي تہ ڪاتب ۽ گواھ ڏيڻ ۽ وٺڻ وارن کي نقصان نہ پهچائن

عَلِيْمٌ ﴿٢٨٢﴾ وَاِنْ كُنْتُمْ عَلٰى سَفَرٍ وَّلَمْ تَجِدُوْا كَاتِبًا فَرِهٰنٌ مَّقْبُوْضَةٌ ؕ فَاِنْ اَمِنَ

۽ جيڪڏهن توهان سفر ۾ هجو ۽ لکڻ وارو نه لڀي ته (قرض ڏيندڙ جي) قبضي ۾ گروي شيء هجي ۽ جيڪڏهن توهان ڪي هڪ ٻئي تي

بَعْضُكُمْ بَعْضًا فَلْيُؤَدِّ الَّذِى اؤْتُمِنَ اَمَانَتَهٗ وَلْيَتَّقِ اللّٰهَ رَبَّهٗ ؕ وَلَا تَكْتُمُوا

پروسو هجي ته اهو (قرضدار) جنهن کي امانتدار سمجهيو ويو هو اهو پنهنجي امانت ادا ڪري ۽ الله کان ڊڄي جيڪو سندس جو رب آهي ۽ شاهدي نه

ع ٣٩ / ٧ الشَّهَادَةَ ؕ وَمَنْ يَّكْتُمْهَا فَاِنَّهٗۤ اٰثِمٌ قَلْبُهٗ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ عَلِيْمٌ ﴿٢٨٣﴾ لِلّٰهِ مَا فِى

لڪايو پوء جيڪو شاهدي لڪائيندو ته ان جي دل گنهگار آهي ۽ الله توهان جي ڪمن کي خوب ڄاڻڻ وارو آهي (1) ○ جيڪو ڪجهه آسمانن ۾

السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الْاَرْضِ ؕ وَاِنْ تُبْدُوْا مَا فِىْۤ اَنْفُسِكُمْ اَوْ تُخْفُوْهُ يُحَاسِبْكُمْ بِهِ

آهي ۽ جيڪو ڪجهه زمين ۾ آهي سڀ الله جو ئي آهي ۽ جيڪو ڪجهه توهان جي دل ۾ آهي جيڪڏهن توهان ان کي ظاهر ڪيو يا لڪايو،

اللّٰهُ ؕ فَيَغْفِرُ لِمَنْ يَّشَآءُ وَيُعَذِّبُ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٢٨٤﴾

الله توهان کان ان جو حساب وٺندو (2) سو جنهن کي چاهيندو بخشي ڇڏيندو ۽ جنهن کي چاهيندو سزا ڏيندو ۽ الله هر شيء تي قادر آهي ○ رسول ان تي ايمان

اٰمَنَ الرَّسُوْلُ بِمَاۤ اُنْزِلَ اِلَيْهِ مِنْ رَّبِّهٖ وَالْمُؤْمِنُوْنَ ؕ كُلٌّ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَ

آندو جيڪو ان جي رب جي طرف کان ان ڏانهن نازل ڪيو ويو ۽ مسلمانن به. سڀني الله تي ۽ ان جي ملائڪن ۽ ان جي ڪتابن ۽ ان جي رسولن

مَلٰٓئِكَتِهٖ وَكُتُبِهٖ وَرُسُلِهٖ ۟ لَا نُفَرِّقُ بَيْنَ اَحَدٍ مِّنْ رُّسُلِهٖ ۟ وَقَالُوْا سَمِعْنَا وَ

تي اهو چوندي ايمان آندائون ته اسان ان جي ڪنهن رسول تي ايمان آڻڻ ۾ فرق نه ٿا ڪيون ۽ انهن عرض ڪيو: اي اسان جا رب! اسان ٻڌو ۽

اَطَعْنَا ۟ غُفْرَانَكَ رَبَّنَا وَاِلَيْكَ الْمَصِيْرُ ﴿٢٨٥﴾ لَا يُكَلِّفُ اللّٰهُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَا ؕ

مڃيو، (اسان تي) تنهنجي معافي هجي ۽ تنهنجي ئي طرف ڦرڻو آهي ○ الله ڪنهن ساهه تي ان جي طاقت جي برابر ئي بار وجهي ٿو.

---

**حاشيه** (1)... آيت نمبر 282ع 283 تي غور ڪيو ۽ سمجهو ته الله تعاليٰ اسان جي خالص دنياوي مالي معاملن ۾ به ڪيترا واضح حڪم ارشاد فرمايا آهن، ان مان معلوم ٿيو ته اسان جو دين ڪامل دين آهي چاڪاڻ ته ان ۾ عقيدن ۽ عبادتن سان گڏ معاملن تائين جو به بيان آهي ۽ حقوق العباد نهايت اهم آهن چوجو الله تعاليٰ نهايت وضاحت سان ان جو بيان فرمايو آهي ايئن ئي شريعت جي احڪامن ۾ بيشمار حڪمتون آهن ۽ ان ۾ تمام گهڻي ڀلائي آهي. (2)...انسان جي دل ۾ طرحين طرحين جا خيال ايندا آهن جيئن وسوسو ۽ عزم ۽ ارادو. وسوسي کان دل کي خالي ڪرڻ انسان جي قدرت ۾ ناهي، ان تي ڪا پڪڙ به ناهي، ٻيا اهي خيال جن کي انسان پنهنجي دل ۾ جڳهه ڏيندو آهي ۽ ان کي عمل ۾ آڻڻ جو قصد ۽ ارادو ڪندو آهي، ان تي پڪڙ ٿيندي ۽ انهيء جو بيان هن آيت ۾ آهي، ته پنهنجي دل ۾ موجود شيءِڪي توهان ظاهر ڪيو يا لڪايو الله تعاليٰ ان تي توهان جو محاسبو فرمائيندو.

لَهَا مَا كَسَبَتْ وَعَلَيْهَا مَا اكْتَسَبَتْ ؕ رَبَّنَا لَا تُؤَاخِذْنَآ اِنْ نَّسِيْنَآ اَوْ اَخْطَاْنَا ۚ

جنهن ساهه جيڪو چڱو ڪمايو اهو انهيءَ جي لاءِ آهي ۽ جنهن ساهه جيڪو برو ڪمايو ان جو وبال انهيءَ تي آهي(1) اي اسان جا رب! جيڪڏهن اسان

رَبَّنَا وَلَا تَحْمِلْ عَلَيْنَآ اِصْرًا كَمَا حَمَلْتَهٗ عَلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِنَا ۚ رَبَّنَا وَ

وساريون يا خطا ڪيون ته اسان جي پڪڙ نه فرماءِ، اي اسان جا رب! ۽ اسان تي وزني بار نه رک جهڙو تو اسان کان اڳين ماڻهن تي رکيو هو، اي اسان جا

لَا تُحَمِّلْنَا مَا لَا طَاقَةَ لَنَا بِهٖ ۚ وَاعْفُ عَنَّا وقفة وَاغْفِرْ لَنَا وقفة وَارْحَمْنَا وقفة اَنْتَ

رب! ۽ اسان تي اهو بار نه وجهه جنهن جي اسان کي طاقت ناهي ۽ اسان کي معاف فرماءِ ۽ اسان کي بخشي ڇڏ ۽ اسان تي مهرباني فرماءِ،

مَوْلٰىنَا فَانْصُرْنَا عَلَى الْقَوْمِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٢٨٦﴾ ع

تون اسان جو مالڪ آهين پوءِ ڪافر قوم جي مقابلي ۾ اسان جي مدد فرماءِ○

ع ٤٠ ٨

**حاشيه** 1 ...هيءَ آيت آخرت جي ثواب ۽ عذاب جي باري ۾ آهي، ليڪن اهڙي طرح جو معاملو دنيا ۾ به پيش ايندو رهندو آهي، هر انسان پنهنجي محنت جو ثمر حاصل ڪندو آهي، محنت واري کي ان جي محنت جو صلو ملندو آهي، جڏهن ته سست ۽ ڪاهل ۽ ڪم چور کي ان جي سستيءَ جو انجام ڏسڻو پوندو آهي.